ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) سومر 23 مارچ 2026ع 03 شوال المڪرم 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (217)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

پيٽروليم اگهن بابت اهم فيصلو لگزري گاڏين لاءِ هاءِ آڪٽين تيل جي قيمت ۾ 200 رپيا في ليٽر واڌ

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وڊيو لنڪ اجلاس ۾ امير ترين طبقي پاران استعمال ٿيندڙ لگزري گاڏين ۾ استعمال ٿيندڙ هاءِ آڪٽين تيل جي حوالي سان اهم فيصلو ڪيو ويو

اجلاس ۾ غور ويچار ڪان پوءِ امير ترين طبقي پاران استعمال ٿيندڙ لگزري گاڏين تي 100 رپيا في ليٽر جي موجوده ليوي کي 200 رپيا في ليٽر وڌائڻ جو فيصلو ڪيو ويو

هاڻ مهانگين گاڏين ۾ استعمال ٿيندڙ هاءِ آڪٽين تيل تي 300 رپيا في ليٽر ليوي لاڳو ڪئي ويندي. هن فيصلي سان حڪومت کي هر مهيني 9 ارب رپيا بچت ٿيندي

وزيراعظم جي هدايتن موجب، عوام کي هن بچت مان رليف ڏنو ويندو هن فيصلي سان معيشت تي بار گهٽ ٿيندو ۽ ملڪ جو امير ترين طبقو بار برداشت ڪندو: اختياريون

هيٺين ۽ وچولي طبقي پاران استعمال ٿيندڙ عام گاڏين ۾ استعمال ٿيندڙ تيل جي قيمتن ۾ واڌ نه ڪئي وئي آهي. عوام کي ڪنهن به قسم جي افواهن تي ڌيان نه ڏيڻ: ترجمان

هن فيصلي سان پبلڪ ٽرانسپورٽ ۽ هوائي ڀاڙن ۾ ڪو به اضافو نه ٿيندو رڳو هاءِ آڪٽين جي قيمتن جو نوٽيس ورتو ويو آهي ۽ هڪ ايڪشن پلان تيار ڪيو ويو وڃي: پڌرائي

اسلام آباد (م ڊ) حڪومت پيٽروليم شين جي حوالي سان هڪ اهم فيصلو ڪيو آهي ۽ لگزري گاڏين ۾ استعمال ٿيندڙ هاءِ آڪٽين تيل جي قيمت ۾ 200 رپيا في ليٽر واڌ ڪري ڇڏي آهي. وزيراعظم آفيس پاران جاري ڪيل بيان موجب، وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وڊيو لنڪ اجلاس ۾ امير ترين طبقي پاران استعمال ٿيندڙ لگزري گاڏين ۾ استعمال ٿيندڙ هاءِ آڪٽين تيل جي حوالي سان هڪ اهم فيصلو ڪيو ويو. وزيراعظم نوٽيس ورتو ته مهانگين گاڏين ۾ استعمال ٿيندڙ هاءِ آڪٽين پارٽ تي ليوي وڌائي وڃي ۽ امير ترين طبقي پاران استعمال ٿيندڙ لگزري گاڏين تي 100 رپيا في ليٽر جي موجوده

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

دشمن جي مڪمل طور هٿيار ڦٽا ڪرڻ تائين اسان ڀرپور شدت ۽ طاقت سان جنگ جاري رکنداسين: ايران

ايراني ميزائلن تباهي مچائي ڇڏي، ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا ۽ 200 زخمي، اسرائيل پاران دفاعي ناڪامي جو اعتراف

اسرائيل جي ٻن شهرن ديمونا ۽ عراد تي بيلسٽڪ ميزائل حملا ڪيا ويا ايراني ميزائلن جي حملن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 10 اسرائيلي مارجي ويا ۽ 200 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا

ميزائل حملي ڪانپوءِ عراد ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪندي تعليمي ادارا بند ڪيا ويا، اسرائيلي ڪابينا جو هنگامي اجلاس گهرائي حملا روڪڻ ۾ ناڪامي تي جاچ شروع ڪئي وئي

گهٽ ۾ گهٽ ٻه ميزائل دفاعي نظام کي ناڪام بڻائيندي شهرن ۾ وڃي ڪريا، جنهن سان عمارتن ۾ باهه لڳي وئي ۽ وڏي پيماني تي تباهي ٿي آهي: اسرائيلي اختياريون

اسان جو دفاعي نظام ايران جا حملا نه روڪي سگهيو آهي، اسرائيل لاءِ هڪ انتهائي ڏکي شام آهي، ان باوجود دشمن تي حملا جاري رکنداسين: وزيراعظم نيتن ياهو

ديمونا ۽ عراد تي ايران جي خوفناڪ حملن ڪانپوءِ سڄي اسرائيل ۾ تعليمي ادارا بند ڪيا ويا آهن. ڪو به شخص جسماني طور ڪنهن تعليمي اداري ۾ نه وڃي: تعليم واري وزارت

اڄ نار فارس ۽ عمان سمنڊ ۾ دشمن جي ڪنهن جهاز جو ڪو نشان ناهي، اهو اڳيرائي ايراني قوم، ويڙهاڪن ۽ مزاحمتي محاذ جي مڪمل فتح تائين جاري رهندي: ايران جي بچاءَ واري وزارت

تهران + تل ابيب (م ڊ) ايران اسرائيل جي ٻن شهرن ديمونا ۽ عراد تي بيلسٽڪ ميزائل حملو ڪري ڏنو ۽ ايراني ميڊيا دعويٰ ڪئي آهي ته حملي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 10 اسرائيلي مارجي ويا ۽ تقريبن 200 زخمي آهن. اسرائيلي ميڊيا موجب فوج دفاعي نظام جي ناڪامي جو اعتراف ڪندي چيو آهي ته اسان جو دفاعي نظام ايراني حملو نه روڪي سگهيو. ايراني ميزائل

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ڀارت پاران دريائن جا وهڪرا روڪڻ پاڻي کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ جي برابر آهن: بلاول ڀٽو زرداري

پاڻي اسان جي ڌرتيءَ جي حيات آهي آبي وسيلن جي بچاءَ لاءِ گڏيل قدم کنيا وڃن

قيمتي وسيلي جو تحفظ ماحولياتي تقاضو آهي ۽ ايندڙ نسلن لاءِ اسان تي هڪ اخلاقي ذميواري پڻ آهي

سنڌ طاس معاهدي بابت ڀارت جي هڪ طرفي قدمن جي سخت مذمت ڪريون ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاڻي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري عيد ملڻ آيل ڪارڪنن سان ڳالهائي رهيو آهي (فوٽو: نديم سومرو)

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ پاڻي جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان سميت

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف ۽ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۾ ٽيليفونڪ رابطو، عيد واڌايون پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف ۽ پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

سڄي دنيا ۾ وڌندڙ نسل پرستي جي خاتمي لاءِ اتحاد ۽ عملي قدم اٽل آهن: گڏيل قومن جو سربراهه

نسل پرستي جون پاڙون اڄ به معاشي، سماجي ۽ سياسي ناهموارين جو سبب بڻجي رهيون آهن

جديد ڊجيٽل ذريعن ۽ ٽيڪنالاجي ذريعي نفرت انگيز تقريرون ۽ گمراهه ڪندڙ بيان تشدد ۽ بدسلوڪي جو سبب بڻجن ٿا

هر انسان جي وقار، انصاف، برابري ۽ انساني حقن جو تحفظ لاءِ نسل پرستي جي خاتمي لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش سڄي دنيا ۾ وڌندڙ نسل پرستي خلاف اتحاد ۽ ٺوس

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

سي اي ايل اي خطي ۾ امن، استحڪام، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ ڪردار ادا ڪري رهي آهي: چيني صدر

لاطيني آمريڪي ۽ ڪيريبيئن ملڪن جي خودمختياري، سلامتي ۽ مفادن جي تحفظ جي حمايت جاري رکنداسين

چين خطي جي ملڪن جو قابل اعتماد دوست ۽ شراڪتدار رهندو: ڏهين سربراهي اجلاس جي موقعي تي پيغام

بيجنگ (اي پي پي) چين جي صدر شي جن پنگ لاطيني آمريڪي ۽ ڪيريبيئن رياستن جي تنظيم (سي اي ايل اي) جي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب سميت اسلامي ملڪن پاران شام ۾ فوجي ٺڪاڻن تي اسرائيلي حملن جي مذمت

حملو شام جي خودمختياري، علائقائي سالميت، عالمي قانون ۽ گڏيل قومن جي چارٽر جي جي ڪليل ڀڃڪڙي آهي

جارحيت ۽ اسرائيل پاران 1974ع جي معاهدي جي ڀڃڪڙي کي رد ڪريون ٿا عالمي برادري مداخلت ڪري

رياض/انقره/قاهره/دوحه- 22 مارچ (اي پي پي)

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سيالڪوٽ: وفاقي وزير آصف خواجه کي ڪارڪن عيد ڏهاڙي گلدستو ڏئي رهيا آهن

نواب شاهه: صدر آصف علي زرداري پنهنجي والد جي قبر تي دعا گهري رهيو آهي

آيت الله علي خامنه اي جو قتل هڪ وڏي غلطي ثابت ٿيو آهي: ليون پنيٽا

آمريڪا جي اڳوڻي بچاءَ واري سيڪريٽري پاران جنگي حڪمت عملي تي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي

ايران سان جنگ بعد ڊونلڊ ٽرمپ اڳيان کوهه ۽ پويان کاهيءَ واري صورتحال ۾ ڦاسي چڪو آهي

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪا جي اڳوڻي بچاءَ واري سيڪريٽري ۽ سي آءِ اي جي اڳوڻي ڊائريڪٽر ليون پنيٽا چيو آهي ته ايران سان ٽن هفتن کان جاري جنگ بعد صدر ڊونلڊ ٽرمپ اڳيان کوهه ۽ پويان کاهيءَ واري

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

وطن جو دفاع پهرين ترجيح آهي، ڪنهن به جارحيت جو ڀرپور جواب ڏيڻ لاءِ اسان هر وقت تيار آهيون: پاڪ فوج

اسان پنهنجي گهرڀاتين کان پري آهيون پر ملڪ جي سلامتي ۽ عوام جي خوشي ئي اسان جي لاءِ سڀ کان وڏي عيد آهي

سڄو ملڪ خوشين ۾ مصروف آهي اتي سرحدن تي مقرر پاڪ فوج جا جوان وطن جي دفاع لاءِ چوڪس بيٺا آهن

عيد الفطر جي موقعي تي ايل او سي تي مقرر پاڪ فوج جي جوانن جو قوم نالي خاص پيغام ۾ اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) عيد الفطر جي موقعي تي لائن آف ڪنٽرول (ايل او سي)

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جو دفاع تمام گهڻو مضبوط آهي شهيد ذوالفقار ڀٽو ملڪ کي ايٽمي قوت بڻايو: شرجيل ميمڻ

پاڪ فوج بهادري سان دهشتگردي جو مقابلو ڪري پئي، ڪير به پاڪستان ڏانهن ميري اک سان نٿو ڏسي سگهي

سموري امت مسلم کي سياسي ۽ نظرياتي اختلافن کي ختم ڪري متحد ٿيڻ گهرجي

پاڪستان هڪ ناقابلِ تسخير ايٽمي طاقت بڻجي چڪو آهي ۽ اسلامي دنيا جو واحد ايٽمي ملڪ آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شرجيل انعام ميمڻ جو عيد مبارڪ پيغام سنڌ جي سينئر وزير

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ايران ۾ حراست ۾ ورتل ٻن جاپاني شهرين مان هڪ ڇڏڻ آزاد

ٽوڪيو (اي پي پي) جاپان جي پرڏيهي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري شهيدن جي مزارن تي گل پاشي ڪري رهيو آهي

پيپلز پارٽي اڳواڻ سينيٽر شيري رحمان جي ڌيءَ ماروي ملڪ لاڏاڻو ڪري وئي

ڪجهه ڏينهن اڳ برين هيمرج جي حملي سبب ڪيس وينٽيليٽر تي منتقل ڪيو ويو هو

صدر آصف زرداري، پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو، وڏي وزير ۽ صوبائي وزيرن پاران ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ سينيٽر شيري

رحمان جي ڌيءَ ماروي ملڪ لاڏاڻو ڪري وئي آهي. هوءَ ڪلفٽن جي هڪ خانگي اسپتال ۾

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

پيپلزپارٽي اڳواڻ فريال ٽالپر پاران شيري رحمان سان سندس ڌيءَ جي وفات تي تعزيت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

پ پ اڳواڻ شازيه مري پاران سينيٽر شيري رحمان جي صاحبزادي جي وفات تي گهري ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شازيه مري پاران

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

سڄي پاڪستان ۾ موٽروي ٺهي ويا آهن پر سنڌ ۾ اڃا تائين نه ٺهيا آهن: مراد علي شاهه

ڪراچي حيدرآباد سپر هاءِ وي جي حالت به خراب آهي ۽ اها موٽروي جهڙي نظر نٿي اچي

سنڌ حڪومت ڪفايت شعاري سبب 60 سيڪڙو گاڏيون گرائونڊ ڪري ڇڏيون آهن ۽ هاڻي 4 ڏينهن آفيسن ۾ ڪم ٿيندو

صوبي ۾ بجيٽ کي نظر ۾ رکندي هاڻي نوڪريون به ڪانٽريڪٽ تي ڏيئون ويندين: عيد نماز بعد ڳالهيون

سيوهڻ(رپورٽ: اعجاز سولنگي) سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه گڏيل ڏينهن عيد ڏهاڙي هيليڪاپٽر ذريعي پنهنجي چوند تڪ تعلقي سيوهڻ جي هڪ ڏينهن جي دوري تي پهتو هو پنهنجي اباڻي ڳوٺ

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2



بقايا 1 اعتراف

حملي کانپوءِ عراد ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪندي تعليمي ادارا بند ڪيا ويا، اسرائيلي ڪابينا جو هنگامي اجلاس گهرائي حملا روڪڻ ۾ ناڪامي تي جاچ شروع ڪئي وئي، اسرائيلي اختيارين جو چوڻ آهي ته گهٽ ۽ گهٽ ۾ ميزائل دفاعي نظام کي ناڪام بڻائيندي شهرن ۾ وڃي ڪريا، جنهن سان عمارتن ۾ باهه لڳي وئي ۽ وڏي پيماني تي تباهي ٿي. ايراني سرڪاري ميڊيا چيو آهي ته حملن جو هدف ديمونا پرسان جوهري تحقيقي مرڪز هو ۽ اها ڪارروائي ايران جي نطنز جوهري پلانٽ تي حملي جي رد عمل ۾ ڪئي وئي آهي. ٻئي طرف اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو ديمونا ۽ عراد ۾ ايراني حملن تي پريشان ٿي ويو سوشل ميڊيا تي بيان جاري ڪندي نيتن ياهو چيو ته اسرائيل لاءِ هڪ انتهائي ڏکي شام آهي. ان باوجود دشمن تي حملا جاري رکنداسين، هيءَ اسان جي مستقبل جي جنگ آهي. هوڏانهن ديمونا ۽ عراد تي ايران جي خوفناڪ حملن کانپوءِ سڄي اسرائيل ۾ تعليمي ادارا بند ڪيا ويا آهن. اسرائيل جي تعليم واري وزارت اعلان ڪيو آهي ته آچر ۽ سومر ڏينهن ڪو شخص جسماني طور ڪنهن تعليمي اداري ۾ نه وڃي. ٻئي طرف ايران جي بچاءَ واري وزارت چيو آهي ته دشمن جي مڪمل سرنڊر تائين جنگ ڀرپور شدت ۽ طاقت سان جاري رکنداسين. بچاءَ واري وزارت جي ترجمان چيو ته اڄ نار فارس ۽ عمان سمنڊ ۾ دشمن جي ڪنهن جهاز جو ڪو نشان ناهي مليو. اها اڳڀرائي ايراني قوم، ويڙهاڪن ۽ مزاحمتي محاذ جي مڪمل فتح تائين جاري رهندي.

بقايا 2 پاڪ فوج

تي فرضن جي ادائيگي لاءِ مقرر پاڪ فوج جي جوانن قوم نالي خاص پيغام ۾ سڄي ملڪ جي عوام کي عيد جون مبارڪون پيش ڪيون آهن سيڪيورٽي ذريعن موجب ايل او سي تي مقرر پاڪ فوج جي بهادر جوانن پنهنجي پيغام ۾ چيو ته وطن جو دفاع اولين ترجيح آهي اسان چوڪس آهيون ته جيئن قوم پرامن ماحول ۾ خوشيون ملهائي سگهي پاڪ فوج جي جوانن ان عزم جو اظهار ڪيو ته ڪنهن به قسم جي جارحيت جو ڀرپور جواب ڏيڻ لاءِ اسان هر وقت تيار آهيون هنن چيو ته گهر ڀاتين کان پري آهيون پر ملڪ جي سلامتي ۽ عوام جي خوشي ئي اسان جي لاءِ سڀ کان وڏي عيد آهي قوم جو اعتماد ۽ محبت اسان جي حوصلي کي وڌيڪ بلند ڪري ٿي عيد الفطر جي خوشين ڀرئي موقعي تي جتي سڄو ملڪ خوشين ۾ مصروف آهي اتي سرحدن تي مقرر پاڪ فوج جا جوان وطن جي دفاع لاءِ چوڪس بيٺا آهن

بقايا 3 شرجيل ميمڻ

شرجيل انعام ميمڻ عيد جي موقعي تي پاڪستاني قوم ۽ عالم اسلام کي دل جي گهراين سان عيد مبارڪ ڏني امت مسلم کي اتحاد جي دعوت ڏيندي چيو ته ان بابرڪت موقعي تي سياسي ۽ نظرياتي اختلافن کي ختم ڪري امت مسلم کي متحد ٿيڻ گهرجي ايران سميت سڀ مسلمان ملڪ گڏجي اتحاد کي فروغ ڏيڻ گهرجن پاڪ فوج جي بهادري ۽ ملڪ جي دفاع شرجيل ميمڻ افغانستان جي طرفان ملڪ کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش جي مذمت ڪئي ۽ چيو ته پاڪ فوج بهادري سان انهن خطرن جو مقابلو ڪري رهي آهي هن ڀارت سميت هر طاقت کي شڪست ڏيڻ جو عزم ظاهر ڪيو شرجيل ميمڻ چيو ته پ پ قيادت عوام سان ڪيل واعدا پورا ڪري رهي آهي اسان جي ڪوشش آهي ته ماڻهن کي وڌ کان وڌ رليف ڏيون هن چيو ته پاڪستان هن وقت جنگ جي حالت ۾ آهي ۽ پاڪ فوج دهشتگردن خلاف قربانيون ڏئي رهي آهي پاڪ فوج جي قربانين سبب پاڪستان ڏانهن ڪير به ميري اک سان نٿو ڏسي سگهي. سندس چوڻ هو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان کي ايٽمي قوت بڻايو ۽ اسان سکون سان سمهندا آهيون پاڪستان جو دفاع تمام گهڻو مضبوط آهي. پاڪستان هڪ ايٽمي طاقت هن قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو جي قيادت ۽ الله پاڪ جي فضل جو ذڪر ڪندي چيو ته پاڪستان هڪ ناقابل تسخير ايٽمي طاقت بڻجي چڪو آهي ۽ اسلامي دنيا جو واحد ايٽمي ملڪ هجڻ تي شڪرگذار آهي

بقايا 4 آزاد

وزير توشي ميتسوموٽيگي اعلان ڪيو آهي ته ايران ۾ حراست هيٺ ٻن جاپاني شهرين مان هڪ کي آزاد ڪيو ويو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق گذريل ڏينهن هڪ ٽي وي پروگرام ۾ ڳالهائيندي هن ٻڌايو ته ڇڏايل شهري، جيڪو جون کان حراست ۾ هو گذريل اربع تي آزاد ٿيو ۽ آذربائيجان مان هوائي جهاز ذريعي جاپان روانو ٿيو پرڏيهي وزير وڌيڪ چيو ته حراست هيٺ ٻئي جاپاني شهري جي جلدي آزادي لاءِ ڪوششون جاري آهن

بقايا 5 اظهار

سينيٽر شيري رحمان جي صاحبزادي ماروي ملڪ جي وفات تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ويو آهي. پنهنجي بيان ۾ شازيه مري چيو ته ماروي ملڪ جي لاڏاڻي جي خبر ٻڌي دل انتهائي اداس ۽ ڏک سان ڀرجي ويو آهي. هن چيو ته اهو هڪ ناقابل تلافي نقصان آهي، جنهن جو ازالو ممڪن ناهي. هن وڌيڪ چيو ته هن ڏکي گهڙي ۾ هو سينيٽر شيري رحمان ۽ سندن خاندان سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪن ٿا ۽ سندن غم ۾ برابر جا شريڪ آهن. شازيه مري دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم ماروي ملڪ جي مغفرت فرمائي، سندس درجا بلند ڪري ۽ کيس جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي. آمين. هن اهو به چيو ته الله تعاليٰ لواحقين کي صبر ۽ حوصلو عطا فرمائي ته جيئن هو هي وڏو صدمو برداشت ڪري سگهن. شازيه مري وڌيڪ چيو ته غم جي هن گهڙي ۾ پارٽي جا ڪارڪن شيري رحمان ۽ سندن خاندان سان گڏ بيٺل آهن ۽ سندن ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهن.

بقايا 6 تعزيت

پيپلزپارٽي شعبه خواتين جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر پارٽي جي نائب صدر سينيٽر شيرين رحمان سان ان جي صاحبزادي ماروي خورشيد ملڪ جي اوچتانڪ وفات تي افسوس ۽ همدردي جو اظهار ڪيو فريال ٽالپر چيو ته هن ڏک جي گهڙي ۾ قيادت سميت پوري پارٽي توهان جي غم ۾ برابر شريڪ آهي هن مرحوم ماروي خورشيد ملڪ لاءِ جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام جي دعا ڪئي ۽ سينيٽر شيرين رحمان سميت سوگوار خاندان لاءِ صبر جميل جي دعا پڻ ڪئي

بقايا 7 لاڏاڻو

علاج هيٺ هئي اسپتال ذريعن جو چوڻ آهي ته ماروي ملڪ جي ڌيءَ پنجن ڏينهن کان علاج هيٺ هئي ۽ ٽي ڏينهن اڳ سندس حالت خراب ٿيڻ تي کيس وينٽيليٽر تي منتقل ڪيو ويو هو پي پي پي سيڪريٽريٽ موجب ماروي ملڪ کي ڪجهه ڏينهن اڳ برين هيمرج جو مسئلو ٿيو هو جنهن کان پوءِ کيس فوري طور تي اسپتال منتقل ڪيو ويو ان دوران صدر آصف علي زرداري سينيٽر شيري رحمان جي ڌيءَ جي وفات تي ڏک جو اظهار ڪيو ۽ مرحوم جي مغفرت ۽ درجن جي بلندي لاءِ دعا ڪئي پنهنجي تعزيتي بيان ۾ صدر زرداري دعا ڪئي ته الله تعاليٰ سوگوار خاندان کي هي صدمو برداشت ڪرڻ جي همت ڏئي پي پي پي جي مرڪزي ترجمان شازيه مري، ڪي پي ڪي جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي ۽ ٻين پارٽي اڳواڻن شيري رحمان سان سندس ڌيءَ جي وفات تي گهري ڏک ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو آهي پيپلزپارٽي جي اڳواڻ ۽ سينيٽر شيري رحمان جي صاحبزادي ماروي ملڪ جي اچانڪ وفات تي چيئرمين پيپلزپارٽي بلاول ڀٽو زرداري، وزيراعليٰ سنڌ مراد علي شاهه، اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس قادر شاهه سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ، پيپلزپارٽي سنڌ صدر نثار احمد کهڙو، فريال ٽالپور ضياءُ الحسن لنجار، محمد اسماعيل راهو سيد ذوالفقار علي شاهه سيد ناصر حسين شاهه مخدوم محبوب الزمان، سردار شاهه سعد جاويد سسئي پليجو وقار مهدي، گيانچند ايسراڻي، گورنر سنڌ محمد نهال هاشمي اڳوڻو گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري، حليم عادل شيخ، جام اڪرام ڌاريجو ۽ ٻين اڳواڻن پنهنجن الڳ الڳ جاري ڪيل بيانن ۾ گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي انهن بيانن ۾ چيو ويو آهي ته هي هڪ انتهائي صدمه انگيز نقصان آهي ۽ ڏک جي هن گهڙي ۾ سينيٽر شيري رحمان ۽ سندن خاندان سان برابر جا شريڪ آهن. انهن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم ماروي ملڪ کي جوارِ رحمت ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي، سندس درجات بلند ڪري ۽ کيس جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏئي. ان کان علاوه، لواحقين لاءِ صبر ۽ حوصلو جي دعا پڻ ڪئي وئي ته جيئن هو هن ڏکئي صدمو کي برداشت ڪري سگهن. هي بيان پيپلزپارٽي ۽ سنڌ حڪومت جي اڳواڻن پاران غمگين خاندان سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو مظاهرو آهي. ٻئي پاسي پاڪستان پيپلز پارٽي جي نائب صدر سينيٽر شيري رحمان جي ڌيءَ ماروي خورشيد ملڪ جي جنازي نماز ۽ تدفين اڄ (سومر) ڏينهن ساڍي ڏهين وڳي ڊي ايڇ اي فيز 8 ڪراچي ۾ ادا ڪئي ويندي.

بقايا 8 ليون پنيٽا

صورتحال ۾ ڦاسي چڪو آهي. برطانوي اخبار سان ڳالهائيندي ليون پنيٽا ٽرمپ جي جنگي حڪمت عملي تي تنقيد ڪندي چيو ته ٽرمپ ٺوس منصوبابندي بدران خيالي سوچ تي ڀاڙي رهيو آهي. ٽرمپ کي اهو گمان آهي ته سندس بيان حقيقت بڻجي ويندا، جيڪو هڪ غير سنجيده رويو آهي. هن چيو ته آيت الله علي خامنه اي جو قتل هڪ وڏي غلطي ثابت ٿيو ڇو ته ان سان ڪنهن عوامي بغاوت بدران هڪ وڌيڪ سخت موقف رکندڙ قيادت سامهون آئي. ليون پنيٽا حيرت جو اظهار ڪندي چيو ته آمريڪي انتظاميا ايران طرفان آبناءِ هرمز بند ڪرڻ جي امڪان کي ڏسندي اڳواٽ تياري نه ڪئي، توڙي جو اهو خطرو سدائين قومي سلامتي جي اجلاسن ۾ بحث هيٺ رهيو. هن چيو ته ٽرمپ هن وقت اهڙي صورتحال ۾ آهي، جتي ايران جي آبناءِ هرمز تي ڪنٽرول سبب جنگبندي ممڪن ناهي ۽ آمريڪا وٽ هاڻ رڳو اهو رستو رهجي ويو آهي ته هو ايراني سامونڊي دفاعي نظام کي نشانو بڻائي ۽ تيل بردار جهازن کي پاڻ رستو فراهم ڪري، جيتوڻيڪ ان سان جنگ ۾ شدت ۽ جاني نقصان جو خدشو وڌي ويندو. ليون پنيٽا ٽرمپ طرفان ايران ۾ ڇوڪرين جي اسڪول تي آمريڪي حملي تي معافي نه گهرڻ کي عالمي سطح تي آمريڪا جي ناڪاري تاثر کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جو سبب قرار ڏنو.

بقايا 9 واڌ

ليوي کي 200 رپيا في ليٽر وڌائڻ جو فيصلو ڪيو ويو جنهن کان پوءِ هاڻي کان مهانگين گاڏين ۾ استعمال ٿيندڙ هاءِ آڪٽين تيل تي 300 رپيا في ليٽر ليوي لاڳو ڪئي ويندي. بيان موجب، هن فيصلي سان حڪومت کي هر مهيني 9 ارب رپيا بچت ٿيندي ۽ وزيراعظم جي هدايتن موجب، عوام کي هن بچت سان رليف ڏنو ويندو. هن فيصلي سان معيشت تي بار گهٽ ٿيندو ۽ ملڪ جو امير ترين طبقو بار برداشت ڪندو. ان حوالي سان ٻڌايو ويو ته جڏهن ته هيٺين ۽ وچولي طبقي پاران استعمال ٿيندڙ عام گاڏين ۾ استعمال ٿيندڙ تيل جي قيمتن ۾ واڌ نه ڪئي وئي آهي. صرف لگزري واري گاڏين ۾ استعمال ٿيندڙ هاءِ آڪٽين تيل جي قيمت ۾ واڌ ڪئي وئي آهي ۽ هن فيصلي سان پبلڪ ٽرانسپورٽ ۽ هوائي ڀاڙن ۾ ڪو به اضافو نه ٿيندو. وڌيڪ ٻڌايو ويو ته وزيراعظم هاءِ آڪٽين جي قيمتن جو نوٽيس ورتو آهي ۽ لاڳاپيل وزارت کي هدايت ڪئي آهي ته ان حوالي سان هڪ ايڪشن پلان تيار ڪيو وڃي.

بقايا 10 بلاول ڀٽو

پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته پاڻي اسان جي ڌرتيءَ جي رڳ حيات آهي، جنهن کانسواءِ زندگي جو تصور ناممڪن آهي. هن چيو ته پاڻي هڪ اهڙي گڏيل نعمت آهي جيڪا انسانيت کي پاڻ ۾ ڳنڍيندي ٿي ۽ تهذيبن جي بقا جو سبب بڻجي ٿي. تنهنڪري ان جو تحفظ وقت جي اهم ضرورت بڻجي چڪو آهي. بلاول ڀٽو زرداري زور ڀريو ته آبي وسيلن جي بچاءَ لاءِ فوري گڏيل قدم کنيا وڃن. هن وڌيڪ چيو ته هن قيمتي وسيلي جو تحفظ نه رڳو ماحولياتي تقاضو آهي پر ايندڙ نسلن لاءِ اسان تي هڪ اخلاقي ذميواري پڻ آهي. معاشري جي سڀني طبقن کي گهرجي ته پائيدار طرز عمل اختيار ڪري هر شهري لاءِ صاف پاڻي تائين منصفاڻي ۽ برابر رسائي کي يقيني بڻايو وڃي. بلاول ڀٽو زرداري سنڌ طاس معاهدي بابت ڀارت جي هڪ طرفي قدمن جي سخت مذمت ڪندي چيو ته تاريخي معاهدي کي معطل يا ڪمزور ڪرڻ جي ڪا به ڪوشش عالمي قانون جي کلي ڀڃڪڙي آهي جيڪا علائقائي امن ۽ استحڪام لاءِ پڻ سنگين خطرو بڻجي سگهي ٿي. هن چيو ته ڀارت پاڪستان ڏانهن وهندڙ دريائن جي قدرتي وهڪرن کي روڪڻ چاهي ٿو جڏهن ته دريائن تي ڊيم ٺاهڻ ۽ وهڪرو روڪڻ جون ڪوششون پاڻي کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ جي برابر آهن جيڪو انتهائي غير ذميوارانه ۽ قابل مذمت عمل آهي. پنهنجي پيغام جي آخر ۾ هن عالمي برادري تي زور ڏنو ته ڀارت جي قدمن جو فوري نوٽيس ورتو وڃي ۽ يقيني بڻائي ته عالمي معاهدن جو احترام انهن جي روح ۽ متن مطابق ڪيو وڃي. هن اميد ظاهر ڪئي ته پاڻي جو عالمي ڏينهن تحفظ، سهڪار ۽ انصاف لاءِ عالمي عزم کي وڌيڪ مضبوط ڪندو ۽ قومن کي ٽڪراءُ بدران ڳالهه ٻولهه جو رستو اختيار ڪرڻ لاءِ ترغيب ڏيندو جيئن هڪ پائيدار محفوظ ۽ پرامن مستقبل کي يقيني بڻائي سگهجي.

بقايا 11 ملهايو ويو

سڄي دنيا ۾ پاڻي جو عالمي ڏينهن ڪالهه 22 مارچ تي ملهايو ويو. هلندڙ سال اهو ڏينهن ”پاڻي ۽ صنفي برابري، جتي پاڻي هوندو آهي اتي برابري وڌندي آهي“ جي عنوان هيٺ ملهايو ويو. 2026ع جي پاڻي جي عالمي ڏينهن جي عنوان مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته آبي تحفظ صرف هڪ فني مسئلو نه آهي پر سماجي انصاف ۽ صنفي برابري جي لحاظ کان پڻ اهم آهي. پاڪستان کي پاڻي جي گهٽتائي جو چيلينج درپيش آهي ۽ پاڪستان جي قيام کان پوءِ في کس پاڻي جي دستيابي گهٽجي چڪي آهي. واضح رهي ته موسمياتي تبديلي سبب غير امڪاني برساتن ۽ گليشيئرز جي نظام ۾ تبديلين پاڻي جي گهٽتائي واري خطري ۾ اضافو ڪيو آهي. پاڻي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ملڪ جي ننڍين وڏن شهرن ۾ سرڪاري، خانگي ۽ سماجي ادارن جي انتظام هيٺ مختلف تقريبون منعقد ڪيون ويون جن ۾ پاڻي جي اهميت ۽ کوٽ وارن مسئلن جي باري ۾ ڄاڻ ڏني وئي.

بقايا 12 عيد واڌايون

زرداري ۾ ٽيليفونڪ رابطو ٿيو جنهن دوران وزيراعظم شهباز شريف بلاول ڀٽو زرداري کي عيد جي مبارڪباد ڏني جڏهن ته بلاول ڀٽو شهباز شريف لاءِ نيڪ تمنائن ظاهر ڪيون. شهباز شريف گورنر پنجاب، گورنر سنڌ، گورنر خيبر پختونخوا ۽ گورنر بلوچستان سان پڻ رابطو ڪري عيد جي مبارڪباد پيش ڪئي. ان کان علاوه، هن وزيراعليٰ پنجاب مريم نواز ۽ وزيراعليٰ سنڌ مراد علي شاهه سان به ٽيليفوني گفتگو ڪئي. وزيراعظم اسپيڪر قومي اسيمبلي اياز صادق، مولانا فضل الرحمان خالد مقبول صديقي، ايمل ولي خان، خالد مگسي، عليم خان ۽ چوڌري سالڪ حسين سان پڻ رابطا ڪري عيد جي مبارڪباد ڏني. شهباز شريف سڀني سياسي اڳواڻن کي عيد جي خوشين ۽ نيڪ خواهشن جي پيغام سان نوازيو.

بقايا 13 گڏيل قومن جو سربراهه

قدمن جي ضرورت تي زور ڀريندي چيو آهي ته هي قديم زهر اڄ به هر معاشري ۽ خطي ۾ موجود آهي پرڏيهي ميڊيا موجب نسلي مت ڀيد جي خاتمي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ هن چيو ته نسل پرستي جون پاڙون نوآبادياتي نظام غلامي ۽ جبر جي اثرن ۾ جڙيل آهن، جيڪي اڄ به معاشي، سماجي ۽ سياسي ناهموارين جو سبب بڻجي رهيون آهن هن موجب امتيازي پاليسيون ۽ رويا سان گڏوگڏ اهو مسئلو ڪيترن ئي ٽڪراون کي به جنم ڏئي رهيو آهي سيڪريٽري جنرل خبردار ڪيو ته جديد ڊجيٽل ذريعن ۽ ٽيڪنالاجي ذريعي نفرت انگيز تقريرون ۽ گمراهه ڪندڙ بيان تيزي سان پکڙجي رهيا آهن جيڪي اڪثر حقيقي دنيا ۾ تشدد ۽ بدسلوڪي جو سبب بڻجن ٿا. هن چيو ته ان مسئلي جو واحد حل اتحاد ۽ عملي قدم آهن ۽ سمورين حڪومتن، ادارن، ڪاروباري حلقن ۽ ڪميونٽيز کي گڏجي نسل پرستي جي خاتمي لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو ته جيئن هر انسان جو وقار، انصاف، برابري ۽ انساني حقن جو تحفظ يقيني بڻائي سگهجي. هن چيو ته سمورن ملڪن کي نسلي مت ڀيد جي خاتمي بابت عالمي ڪنوينشن تي مڪمل عمل ڪرڻ گهرجي ۽ ڊربن پڌرنامي ۽ پروگرام آف ايڪشن تحت ڪيل واعدن جي پاسداري ڪرڻ گهرجي، جيڪو هن سال پنهنجي 25 هين سالگرهه ملهائي رهيو آهي. واضح رهي ته نسلي مت ڀيد جي خاتمي جو عالمي ڏينهن 1966ع ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي مقرر ڪيو هو جنهن جو مقصد سڄي دنيا ۾ ان مسئلي خلاف شعور اجاگر ڪرڻ ۽ گڏيل قدمن کي هٿي ڏيڻ آهي

ڪراچي ۾ سپر هاءِ وي تي نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ واٽهڙو فوت ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ سپر هاءِ وي تي نيو سبزي منڊي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ واٽهڙو فوت ٿي ويو. چيپا اختيارين چيو ته فوت ٿيل شخص جي لاش کي چيپا ايمبولينس ذريعي فوري طور تي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو. فوت ٿيل واٽهڙو شخص جي سڃاڻپ وڪٽر جان ولد جوسف جان جي نالي سان ڪئي وئي آهي، جنهن جي عمر لڳ ڀڳ 60 سال ٻڌائي پئي وڃي. پوليس اختيارين موجب شروعاتي جاچ دوران حادثي جو سبب نامعلوم ڪار ڊرائيور جي تيز رفتاري قرار ڏنو پيو وڃي. بهرحال واقعي جي حوالي سان وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي جڏهن ته حادثي کان پوءِ فرار ٿيندڙ ڪار جي ڊرائيور جي ڳولا پڻ جاري آهي

ڪراچي ۾ پوليس ڪارروائي ڪندي انتهائي گهربل جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊسٽرڪٽ ويسٽ پوليس ڳجهي اطلاع تي اهم ڪارروائي ڪندي انتهائي مطلوب جوابدار بلاول خان کي گرفتار ڪري ورتو آهي. پوليس موجب جوابدار بلاول خان کي 50 لک رپيا ڀتو طلب ڪرڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي جڏهن ته سندس خلاف مختلف ٿاڻن ۾ دهشتگردي، اقدام قتل، ڦر، لينڊ گريبنگ ۽ ٻين ڏوهن هيٺ ڪيترائي ڪيس داخل آهن. سرجاني ٿاڻي ۾ سائيبان سوسائٽي جي ٺيڪيدار افسر خان طرفان داخل ڪرايل ايف آءِ آر موجب، هو پنهنجي پلاٽ تي ڪم ڪري رهيو هو ته بلاول خان 5 کان 6 ساٿين سان گڏ اچي پهتو. مدعي موجب جوابدار بلاول خان ۽ رجب مگسي سميت ٻين هٿيار ڪڍي مٿس تاڻي ڇڏيا ۽ ڌمڪي ڏني ته ”هتي ڪم ڪرڻو آهي ته 50 لک رپيا ڀتو ڏيڻا پوندا، نه ڏيڻ جي صورت ۾ جان کان ماري ڇڏينداسين“. مدعي وڌيڪ ٻڌايو ته انڪار ڪرڻ تي جوابدارن کين سنگين نتيجن جون ڌمڪيون ڏنيون، سوسائٽي جون پٽيون ڊاهي ڇڏيون ۽ واقعي واري هنڌ تان فرار ٿي ويا. ايف آءِ آر موجب جوابدارن وڃڻ وقت پڻ ڌمڪي ڏني ته هو ٻيهر واپس ايندا ۽ پئسن جو بندوبست ڪري رکڻ لاءِ چيو. مدعي اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته هو سخت خوف ۾ آهن ۽ کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

وڏي وزير پاران قاضي احمد ويجهو ٻن حادثن ۾ 5 ڄڻا فوت ٿيڻ تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه قاضي احمد ويجهو پيش آيل ٻن الڳ الڳ ٽريفڪ حادثن ۾ 5 ڄڻن جي فوت ٿيڻ تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. هن فوت ٿيلن جي وارثن سان دلي تعزيت جو اظهار ڪندي مرحومن جي درجن جي بلندي ۽ پوئتي رهيل ماڻهن لاءِ صبر جميل جي دعا گهري آهي. وڏي وزير چيو ته هو هن ڏک جي گهڙي ۾ متاثر خاندانن سان برابر جو ساٿاري آهي. مراد علي شاهه لاڳاپيل انتظاميه کي هدايت ڪئي ته زخمين کي فوري طور بهترين طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ واقعي جي تفصيلي رپورٽ جلد پيش ڪئي وڃي. هن وڌيڪ چيو ته ٽريفڪ قانونن تي سختي سان عمل ڪرائڻ کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن اهڙن افسوسناڪ واقعن کي روڪي سگهجي ۽ قيمتي انساني جانيون بچائي سگهجن.

بقايا 14 چيني صدر

ڏهين سربراهي اجلاس جي موقعي تي مبارڪن وارو پيغام جاري ڪندي چيو ته چين خطي جي ملڪن جو قابل اعتماد دوست ۽ شراڪتدار رهندو. پرڏيهي ميڊيا مطابق هن چيو ته سي اي ايل اي پنهنجي قيام کان هن وقت تائين لاطيني آمريڪا ۽ ڪيريبيئن خطي ۾ امن، استحڪام، ترقي ۽ خوشحالي کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪردار ادا ڪري رهي آهي ۽ ان عالمي ڏاکڻين ملڪن وچ ۾ اتحاد ۽ سهڪار ۾ نئين تحريڪ ڏني آهي. شي جن پنگ ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته چين لاطيني آمريڪي ۽ ڪيريبيئن ملڪن جي خودمختياري، سلامتي ۽ ترقياتي مفادن جي تحفظ جي حمايت جاري رکندو ۽ ان سان گڏجي عالمي انصاف ۽ برابري کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪم ڪندو. واضح رهي ته ڪولمبيا هن وقت سي اي ايل اي جي گردشي صدارت سنڀالي آهي ۽ تنظيم جو ڏهون سربراهي اجلاس گادي واري شهر بگوٽا ۾ ٿي رهيو آهي.

بقايا 15 مذمت

ڀي) سعودي عرب شام ۾ فوجي ٺڪاڻن تي اسرائيلي جي حملن جي مذمت ڪئي آهي. پرڏيهي خبررسان اداري مطابق پرڏيهي وزارت هڪ بيان ۾ چيو ته سعودي عرب ان جارحيت ۽ اسرائيل پاران 1974ع جي معاهدي جي ڀڃڪڙي کي رد ڪري ٿو هن عالمي برادري تي زور ڀريو ته هو مداخلت ڪري، اسرائيل پاران عالمي قانونن ۽ اصولن جي ڀڃڪڙي روڪرائي. بيان ۾ شام سان يڪجهتي جي اظهار سان گڏ شام جي خودمختياري جي تحفظ، علائقائي سالميت، اتحاد کي برقرار رکڻ ان جي ۽ ڀائر عوام جي سلامتي ۽ استحڪام جي حصول لاءِ سمورن قدمن جي حمايت جو ورجاءُ ڪيو ويو. ڪويت، اردن، قطر ۽ ترڪيه به اسرائيل جي حملن جي مذمت ڪئي آهي. مصر جي پرڏيهي وزارت بيان ۾ چيو ته اهو حملو شام جي خودمختياري، علائقائي سالميت، عالمي قانونن ۽ گڏيل قومن جي چارٽر جي اصولن جي کليل ڀڃڪڙي آهي. ترڪيه به حملي جي مذمت ڪئي ۽ عالمي برادري تي اسرائيلي حملا روڪرائڻ تي زور ڀريو.

بقايا 16 مراد علي شاهه

واهڙ ۾ عوام سان عيد ملهيو ۽ انهن جا مسئلا پڻ ٻڌا ۽ بروقت حل ڪرڻ جو حڪم پڻ جاري ڪيو ان موقعي تي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پنهنجي رهائشگاهه واهڙ ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته رمضان المبارڪ دوران اسان سڀني عبادتون ڪيون الله پاڪ کان دعا آهي ته انهن جا روزا ۽ عبادتون قبول فرمائي ۽ جنگي ماحول ۾ الله پاڪ اسان تي رحم فرمائي. وڏي وزير چيو ته سنڌ جا ڪيترائي روڊ انتهائي خراب حالت ۾ آهن جن مان صوبائي روڊن جي حالت بهتر آهي پر وفاقي روڊن جي حالت خراب آهي هن چيو ته ڄامشورو سيوهڻ روڊ 9 سالن کان مڪمل نه ٿي سگهيو آهي 2017ع ۾ سنڌ حڪومت اڌ رقم به ڏني هئي. ڪراچي حيدرآباد سپر هاءِ وي جي حالت به خراب آهي ۽ اها موٽروي جهڙي نظر نٿي اچي جڏهن ته سکر حيدرآباد هاءِ وي تي به ماڻهن جو سفر عذاب بڻيل آهي هن چيو ته سنڌ ۾ اڃا تائين ڪو به موٽروي تعمير نه ٿي سگهيو آهي. جڏهن ته 2022ع جي ٻوڏ کان پوءِ وفاقي روڊن جي حالت وڌيڪ خراب ٿي وئي آهي. وڏي وزير چيو ته وفاقي وزير يقين ڏياريو آهي ته سنڌ ۾ موٽروي جلد تعمير ڪيا ويندا، جڏهن ته سڄي پاڪستان ۾ موٽروي ٺهي ويا آهن پر سنڌ ۾ اڃا تائين نه ٺهيا آهن. اميد آهي ته جلد تعمير ٿيندا. هن چيو ته ڪالهه رات وزيراعظم اعلان ڪيو ته پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ نه ڪئي ويندي. وڏي وزير چيو ته سنڌ حڪومت ڪفايت شعاري سبب 60 سيڪڙو گاڏيون گرائونڊ ڪري ڇڏيون آهن ۽ هاڻي 4 ڏينهن آفيسن ۾ ڪم ٿيندو جڏهن ته باقي 3 ڏينهن گهران ڪم جاري رهندو. هن هڪ چيو ته وڏي وزير وزيرن ۽ اسيمبلي ميمبرن جون پگهارون به گهٽايون ويون آهن ته جيئن پيٽرول جو خرچ گهٽجي. چو ته ڏکيو وقت اڳيان اچي رهيو آهي هن چيو ته اسان سڀني کي گڏجي حالتن جو مقابلو ڪرڻو پوندو ۽ فضول خرچيون روڪڻيون پونديون. وڏي وزير چيو ته سيوهڻ ۾ ترقياتي ڪمن جي هو پاڻ نگراني ڪري رهيو آهي. هن چيو ته صوبي ۾ بجيٽ کي نظر ۾ رکندي ڪانٽريڪٽ ملازمن جي ڀرتي ڪئي پئي وڃي ۽ هاڻي نوڪريون به ڪانٽريڪٽ تي ڏنيون وينديون. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ بلدياتي چونڊون به صرف پيپلز پارٽي ڪرائيندي آهي ۽ ايندڙ وقت ۾ به جلد مڪاني چونڊون ڪرايون وينديون. آخر ۾ هن چيو ته سنڌ جي هارين جي ٻج ۽ ڀاڻ جي قيمت پڻ فراهم ڪئي وئي آهي. سنڌ جي وڏي وزير قلندر شهباز جي مزار تي پڻ حاضري ڀري ۽ ملڪ ۽ سنڌ جي خوشحالي لاءِ دعا گهري. ان موقعي تي ڪمشنر حيدرآباد، فياض عباسي ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري، ايس ايس پي ڄامشورو محمد ظفر صديق ڇانگا ۽ ٻيا عملدار پڻ موجود هئا.

يوم پاڪستان اسان جي قومي تاريخ جو هڪ اهم سنگ ميل آهي: سينيٽ چيئرمين

اڄوڪو ڏينهن آزادي جي عظيم مقصد ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏنل قربانين جي ياد ڏياري ٿو

اسان کي عهد ڪرڻ گهرجي ته ملڪ جي ترقي، استحڪام ۽ خوشحالي لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪريون

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني يوم پاڪستان جي موقعي تي پنهنجي خصوصي پيغام ۾ پوري قوم کي مبارڪون ڏيندي چيو آهي ته 23 مارچ اسان جي قومي تاريخ جو هڪ اهم سنگ ميل آهي جيڪو اسان کي آزادي جي عظيم مقصد ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏنل بي مثال قربانين جي ياد ڏياري ٿو. سينيٽ سيڪريٽريٽ ميڊيا ڊائريڪٽوريٽ طرفان گذريل ڏينهن جاري پنهنجي خصوصي پيغام ۾ هن چيو ته 1940ع جي تاريخي قرارداد ننڍي کنڊ جي مسلمانن کي هڪ واضح منزل فراهم ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ هڪ آزاد ۽ خودمختيار رياست پاڪستان جو قيام ممڪن ٿيو. هي ڏينهن ان وچن جي تجديد جو گهرجائو آهي ته اسان پنهنجي اسلاف جي نقش قدم تي هلندي ملڪ جي ترقي، استحڪام ۽ خوشحالي لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪريون. سينيٽ چيئرمين چيو ته پاڪستان جو قيام لکين مسلمانن جي قربانين ۽ اجتماعي جدوجهد جو نتيجو آهي ۽ قومي نظريي جي بنياد تي ننڍي کنڊ جي مسلمانن پنهنجي مذهبي ۽ سياسي ۽ معاشي آزادي کي حاصل ڪرڻ لاءِ متحد ٿي جدوجهد ڪئي جنهن جو ثمر هڪ آزاد مملڪت جي صورت ۾ سامهون آيو هن قائداعظم محمد علي جناح ڊاڪٽر علامه محمد اقبال ۽ ٻين اڪابرن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته انهن عظيم اڳواڻن جي قيادت ۽ بصيرت مسلمانن کي هڪ واضح رخ فراهم ڪيو. هن چيو ته 23 مارچ 1940ع تي لاهور ۾ پيش ڪيل تاريخي قرارداد مسلمانن لاءِ هڪ ڌار وطن جي قيام جو بنياد رکيو جنهن جي نتيجي ۾ لکين ماڻهن پنهنجي جانين ۽ مال جي قرباني ڏئي ان خواب کي حقيقت ۾ تبديل ڪيو. هن پاڪستان جي دفاع کي فتح نه ٿيڻ جوڳو بڻائڻ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت جي ڪردار کي ساراهيندي چيو ته ذوالفقار علي ڀٽو جي قيادت ۾ ملڪ ايٽمي پروگرام جو بنياد رکيو جنهن قومي دفاع کي نئون رخ ڏنو. هن چيو ته محترمه بينظير ڀٽو به قومي سلامتي جي استحڪام لاءِ اهم قدم کنيا جنهن جي نتيجي ۾ اڄ پاڪستان هڪ مضبوط دفاعي قوت طور دنيا آڏو پنهنجو مقام رکي ٿو. سينيٽ چيئرمين پاڪستان جي هٿياربند فوج جي پيشيوراڻي صلاحيتن، جرئت ۽ قربانين کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته پاڪ فوج هر مشڪل وقت ۾ وطن عزيز جو دفاع يقيني بڻايو آهي. هن شهيدن جي قربانين کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته سندن عظيم قربانيون قوم لاءِ مشعل راهه آهن ۽ انهن کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي.

ڪراچي ۾ ٽريفڪ حادثن ۾ ٻارڙي سميت ٻه ڄڻا فوت ۽ هڪ نوجوان سخت زخمي

منگهو پير امان چوڪ ويجهو مسافر مزدا جي ٽڪر ۾ واٽهڙو معصوم ٻار فوت ٿي ويو

بلال چورنگي ويجهو ٽريفڪ حادثي ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان فوت ۽ ٻيو زخمي ٿي پيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عيد الفطر جي ٻئي ڏينهن منگهو پير ٿاڻي جي علائقي ۾ خير آباد پاشائي بيڪري امان چوڪ جي ويجهو مسافر مزدا جي ٽڪر ۾ واٽهڙو معصوم ٻار فوت ٿي ويو سندس لاش کي قانوني ڪارروائي لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي فوت ٿيل معصوم ٻار جي سڃاڻپ 3 سالن جي عبدالوحيد ولد عالم جي نالي سان ٿي ويو ايس ايڇ او منگهو پير انيس شيخ موجب حادثي کانپوءِ مسافر مزدا جو ڊرائيور واقعي واري هنڌ تان فرار ٿي ويو جڏهن ته پوليس فوري ڪارروائي ڪندي مسافر مزدا کي تحويل ۾ وٺي پوليس ٿاڻي منتقل ڪيو ۽ ان جي ڊرائيور جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي ڪورنگي انڊسٽريل ايريا ۾ بلال چورنگي ويجهو هڪ ٻئي ٽريفڪ حادثي ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان فوت ۽ ٻيو زخمي ٿي پيو ۽ فوري طور تي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو حادثي ۾ فوت ٿيندڙ نوجوان جي سڃاڻپ 25 سالن جي اصغر پٽ بڪر ۽ زخمي نوجوان جي سڃاڻپ ظفر پٽ الله ڏنو جي نالي سان ٿي آهي. ريسڪيو اختيارين موجب حادثو ان وقت پيش آيو جڏهن هڪ تيز رفتار موٽرسائيڪل هڪ ٿنڀي سان ٽڪرائجي وئي

آمريڪا، اسرائيل ۽ ڀارت جو اتحاد ”تثليث خبيثه“ آهي: حافظ نعيم الرحمان

ايراني قيادت خراج تحسين جي مستحق آهي جن آمريڪا ۽ اسرائيل جي عزائم کي ناڪام بڻايو

شيعه سني اختلافن کي هوا ڏيڻ وارا اصل ۾ دشمن جي ايجنڊا تي ڪم ڪري رهيا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي ڪراچي جي طرفان مقامي هال ۾ روايتي عيد ملن تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ مرڪزي، صوبائي ۽ ڪراچي جي ذميوارن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي امير جماعت اسلامي پاڪستان حافظ نعيم الرحمان ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته آمريڪا، اسرائيل ۽ ڀارت جو اتحاد ”تثليث خبيثه“ آهي ۽ امت مسلم کي اتحاد ۽ يڪجهتي جو مظاهرو ڪرڻو پوندو. هن چيو ته ايران جي قيادت خراج تحسين جي مستحق آهي جن آمريڪا ۽ اسرائيل جي عزائمن کي ناڪام بڻايو هن وڌيڪ چيو ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاڻ تضادن جو شڪار آهي ۽ مختلف موقعن تي مختلف بيان ڏئي رهيو آهي جيڪو ان جي پاليسين جي غير سنجيدگي کي ظاهر ڪري ٿو. آمريڪا ايران ۾ ريجيم چينج آڻڻ چاهيو پئي پر هاڻي مغربي دنيا ۾ پاڻ تبديلي جا آثار ظاهر ٿي رهيا آهن. حافظ نعيم الرحمان چيو ته عوامي سطح تي امت مسلم ۾ اتحاد موجود آهي پر حڪمران طبقي امت کي ورهائي ڇڏيو آهي. امن، استحڪام ۽ يڪجهتي لاءِ عدل ۽ انصاف جو قيام لازمي آهي. شيعه سني اختلافن کي هوا ڏيڻ وارا اصل ۾ دشمن جي ايجنڊا تي ڪم ڪري رهيا آهن. هن حڪومت ۽ اپوزيشن کان مطالبو ڪيو ته واضح موقف اختيار ڪن ۽ ٻڌائن ته هو حق سان گڏ آهن يا باطل سان. ملڪ ۾ اهڙي قيادت اچڻ گهرجي جيڪا عوام جي خدمت ڪري ۽ بيروني طاقتن بدران عوامي مفادن کي ترجيح ڏئي. هن چيو ته هڪ طرف حڪمران عياشين ۾ مصروف آهن جڏهن ته ٻئي طرف عوام تي مهانگائي جا بم ڪيرايا پيا وڃن. وڏي پئماني تي مهانگي جهازن ۽ گاڏين جي خريداري ٿي رهي آهي جڏهن ته عوام کان پيٽرول تي ڳرا ٽيڪس وصول ڪيا پيا وڃن. حافظ نعيم الرحمان وڌيڪ چيو ته شاگرد هجي، مزدور، هاري يا غريب شهري، هر ماڻهو پيٽرول جي اگهه سان گڏ في ليٽر ڳرو ٽيڪس ڏيڻ تي مجبور آهي. حڪومت پيٽروليم شين تي ٽيڪسن جي صورت ۾ اربين رپيا عوام کان وصول ڪري رهي آهي جڏهن ته وڏن جاگيردارن ۽ بااثر طبقن تي ٽيڪس لاڳو ڪرڻ کان پاسو ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته ملڪ ۾ آءِ پي پيز مافيا جو راڄ آهي، جتي هزارين ارب رپيا اهڙي بجلي جي مد ۾ ادا ڪيا پيا وڃن جيڪا پيدا ئي نٿي ٿئي. انهن سڀني معاهدن جو فوري جائزو وٺي قومي ناڻي کي لٽيندڙن جو سخت احتساب ڪيو وڃي. هن چيو ته جيستائين هن استحصالي نظام جو خاتمو نه ٿيندو ۽ اشرافيه کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه آندو ويندو، تيستائين عوام کي حقيقي رليف نه ملندو. عيدالفطر بابت ڳالهائيندي هن چيو ته عيد انهن ماڻهن لاءِ الله پاڪ جو انعام آهي جيڪي رمضان المبارڪ ۾ روزا رکن ٿا ۽ عبادتن جو اهتمام ڪن ٿا. هڪ طرف عيد جون خوشيون آهن، جڏهن ته ٻي طرف غزه جا مظلوم ماڻهو سخت تڪليفن جو شڪار آهن جيڪي پنهنجن گهرن کان بي گهر ڪيا ويا آهن. غزه جا ٻار ۽ مجاهدين خراج تحسين جا حقدار آهن جيڪي ملبي جي ڍيرن ۾ به عيد ملهائي رهيا آهن. ان موقعي تي جماعت اسلامي جي مختلف اڳواڻن ۽ ذميوارن پڻ شرڪت ڪئي. ٻئي طرف جماعت اسلامي مائنارٽي ونگ ڪراچي جي صدر يونس سوهن ايڊووڪيٽ جي اڳواڻي ۾ اقليتي برادري جي وفد امير جماعت اسلامي ڪراچي منعم ظفر خان ۽ ٻين اڳواڻن سان اداره نورحق ۾ ملاقات ڪئي ۽ عيدالفطر جون واڌايون ڏنيون. وفد ۾ مختلف اڳواڻ ۽ وڏي انگ ۾ ڪارڪن پڻ شامل هئا.

ڪنڊڪوٽ ۾ جعفريه الائنس جي سڏ تي ايران جي شهيدن جي ياد ۾ ماتم

عيد جي نماز دوران احتجاج رڪارڊ ڪرايو، آمريڪا اسرائيل خلاف نعريبازي ڪئي وئي

ايراني قوم سان هر وقت گڏ آهيون ڪنڌ ڪپائي سگهون ٿا پر جهڪائي نٿا سگهون: نظير احمد ميراڻي

ڪنڊڪوٽ (ذ ر) ڪنڊڪوٽ جعفريه الائنس پاڪستان ضلعي ڪشمور ايٽ ڪنڊڪوٽ پاران جعفريه الائنس پاڪستان جي مرڪزي صدر علامه سيد شهنشاهه شاهه حسين نقوي ۽ مرڪزي سينيئر نائب صدر علامه نثار احمد قلندري جي حڪم تي جعفريه الائنس پاڪستان ضلعي ڪشمور ايٽ ڪنڊڪوٽ جي طرفان سڄي ضلعي ۾ ايران ۾ شهيدن جي ياد ۾ ماتم ڪيو ويو ۽ ان جي اڳواڻي جعفريه الائنس پاڪستان ضلعي ڪشمور ايٽ ڪنڊڪوٽ جي جنرل سيڪريٽري فرمان علي گولو پاران ايران جي شهيد ٿيل اڳواڻن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي عيد جي نماز دوران احتجاج رڪارڊ ڪرايو آمريڪا اسرائيل خلاف سخت نعريبازي ڪئي. تعلقي ڪشمور جي حسيني امام بارگاهه ڳوٺ سردار محمد صلاح خان گولو ضلعي جنرل سيڪريٽري فرمان علي گولو جي اڳواڻي ۾ احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو جڏهن ته تعلقي ڪنڊڪوٽ ۾ ضلعي صدر فقير نظير احمد ميراڻي مدرسة المصطفيٰ ۽ امام بارگاهه الحسيني ۾ نماز دوران ڪاريون پٽيون ٻڌي نماز ادا ڪئي وئي جنهن بعد مدرسه جي پرنسپال اقرار علي الحسيني ضلعي صدر فقير نظير احمد ميراڻي خطاب ڪندي چيو آهي ته ايراني قوم سان هر وقت گڏ آهيون ڪنڌ ڪپائي سگهون ٿا پر جهڪائي نٿا سگهون پاڪستاني قوم ايران سان گڏ آهي جڏهن ته ڪنڊڪوٽ جي ڳوٺ سيد مهر شاهه ۾ ضلعي سينيئر نائب صدر سيد آفتاب علي شاهه جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي ۽ آمريڪا اسرائيل خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي

ٺٽون ڪوٽ ۾ قومي عوامي تحريڪ جي احتجاجي ريلي

ايس ايس پي صحافي کي ڌمڪيون ۽ جمن جوڻيجي تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو آهي

صحافي ٿر جو حقيقي آواز آهن جنهن کي ڌمڪائي ماٺ ڪرائڻ ايس ايس پي جي ڀل آهي: مظاهرين

ٺٽون ڪوٽ (ن ع) ايس ايس ٿرپارڪر، پاران سينيئر صحافي ممتاز نهڙيو کي ڌمڪيون ڏيڻ ۽ سوشل ايڪٽوسٽ جمن جوڻيجو کي ڪنهن مڪس ڪيس داخل ڪرڻ خلاف قومي عوامي تحريڪ ٿرپارڪر پاران ٺٽون ڪوٽ قلعي تي ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻن زاهد گل اوٺو، سرويچ اوٺو شهمير ۽ محبت علي خاصخيلي ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته ڊاڪٽر عبدالڪريم شيخ ۽ ڊاڪٽر راول ميگهواڙ جي خودڪشي واقعن کي رپورٽ ڪرڻ ۽ پوليس جي مشڪوڪ ڪردار خلاف لکڻ تي ايس ايس پي ٿرپارڪر ڏمرجي سينيئر صحافي ممتاز نهڙيو کي ڌمڪيون ڏيڻ ۽ جمن جوڻيجو کي ڪنهن مڪس ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ واري عمل جي مذمت ڪيون ٿا. هنن چيو ته ايس ايس پي ٿرپارڪر شعيب ميمڻ آپي مان نڪري ويو آهي جيڪو پوليس جي مشڪوڪ ڪردار کي بهتر ڪرڻ بدران سچ لکندڙ صحافين ۽ سوشل ورڪرس کي ڪنهن گم ڪرڻ ۽ ڌمڪائڻ شروع ڪيو آهي جيڪو انتهائي غلط عمل آهي. صحافي ٿر جو حقيقي آواز آهن جنهن کي ڌمڪائي ماٺ ڪرائڻ ايس ايس پي جي ڀل آهي. هنن چيو ته ايس ايس پي ٿرپارڪر پاران صحافين کي ڏنل ڌمڪين جي معافي نه ورتي ته ٿرڪول روڊ بند ڪري ڌرڻو هنيو ويندو

ماتلي ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن جو احتجاجي مظاهرو

مظاهرين ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

40 کان مٿي مارڪون کڻيون آهن پر اڃا تائين آفر آرڊر ناهن مليا: مظاهرين

ماتلي (ن ع) مختلف شهرن کان ماتلي پهتل پي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي جي آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن پاران کين آفر آرڊر نه ملڻ خلاف ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري کي خطاب ڪندي فيصل ميمڻ، اويس صمراڻي، اويس درس، عبدالرحيم قريشي، راجا سومرو، مظفر نظاماڻي، تهمينا لاشاري، خمس علي ۽ ٻين چيو ته هن آءِ بي ٽيسٽ ۾ 40 کان مٿي مارڪون کنيون آهن پر اڃان تائين کين آفر آرڊر نه ڏنا ويا آهن جنهن ڪري هو بيروزگاري وارو عذاب کي منهن ڏئي رهيا آهن. هنن چيو ته کين آفر آرڊر ڏئي معاشي پريشانين کان بچايو وڃي. انهي کان پهرين اميدوارن پاران ايم پي اي تنزيلا قمبراڻي سان ملاقات ڪري کيس پنهنجي مطالبا پيش ڪيا.

ڪراچي ۾ بليڪ لسٽ ڪيل 23,000 هزار گاڏين خلاف سخت ڪارروائي جو اعلان

27 آڪٽوبر 2025 کان وٺي لڳ ڀڳ 600,000 لک اي- ٽڪيٽس جاري ڪيا ويا آهن: آءِ جي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽريفڪ پوليس شهر قائد ۾ بليڪ لسٽ ڪيل 23,000 هزار گاڏين خلاف عيد کان پوءِ سخت ڪارروائي جو اعلان ڪيو آهي. آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت ۾ ڪراچي ۾ ٽريفڪ انتظامن ۽ فيس ليس اي ٽڪيٽنگ سسٽم جي مجموعي ڪارڪردگي بابت هڪ جائزو اجلاس منعقد ٿيو سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي، ڊي آءِ جيز سنڌ پوليس هاءِ ويز پيٽرولنگ، سيڪيورٽي اينڊ ايمرجنسي ڊويزن، هيڊ ڪوارٽر ٽريفڪ ڪراچي، ٽي اينڊ ٽي آءِ ٽي، ڊي جي سيف سٽي اٿارٽي ۽ ٻيا پوليس آفيسر شرڪت ڪئي. ڊي آءِ جي ٽريفڪ ڪراچي اجلاس جي شرڪت ڪندڙن کي رمضان جي آخري ڏهاڪي ۾ ڪيل ٽريفڪ انتظامن ۽ ٽريفڪ ريگيوليشن اينڊ سائيٽيشن سسٽم (TRACS)جي مجموعي ڪارڪردگي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. ان موقعي تي ڊي آءِ جي ٽريفڪ ڪراچي چيو ته عيد کان پوءِ بغير نمبر پليٽ جي موٽر سائيڪل هلائڻ وارن ۽ TRACSسسٽم تحت بليڪ لسٽ ڪيل 23,000 هزار گاڏين خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. اجلاس ۾ ڏنل بريفنگ ۾ چيو ويو ته 27 آڪٽوبر 2025 کان وٺي لڳ ڀڳ 600,000 لک اي- ٽڪيٽس جاري ڪيا ويا آهن. نظام کي بهتر بڻائڻ عوامي سهولت ۽ خدمتن کي وڌائڻ لاءِ مختلف قدم پڻ کنيا پيا وڃن. ڪراچي ۾ تازن ڏينهن ۾ ٽريفڪ حادثن ۾ اوچتو واڌ جو نوٽيس وٺندي، آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ڊي آءِ جي ٽريفڪ ڪراچي کي هدايت ڪئي ته واقعن جي شفاف ۽ جامع جاچ ڪئي وڃي ۽ رپورٽ پيش ڪئي وڃي. هن هدايت ڪئي ته جاچ ۾ حادثن جي سببن ۽ انهن جي روڪٿام بابت ادارتي تجويزون پڻ شامل ڪيون وڃن. هن چيو ته رمضان المبارڪ دوران ٽريفڪ پوليس ڪراچي پاران ڪيل انتظام مجموعي طور تي اطمينان بخش هئا. جاويد عالم اوڍو ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ڳري گاڏين جي ڊرائيورن ۽ موٽرسائيڪل مالڪن خلاف ادارتي ڪارروائي لاءِ جامع تجويزون پيش ڪرڻ جي به هدايت ڪئي.

ڪراچي ۾ ڦرلٽ دوران دڪاندار جي فائرنگ ۽ مڇريل ماڻهن جي تشدد ۾ ٻه ڦورو مارجي ويا

بلديا دائود ڳوٺ ۾ دڪان تان ڦر دوران دڪاندار حسنين جي فائرنگ ۾ اڻڄاتل جوابدار مارجي ويو

گلشن معمار گبول ڳوٺ ۾ ڦرلٽ ڪندڙ 4 جوابدارن کي شهري گهيري ورتو، ٻه ڄڻا سوگها، ٻه فرار

شهرين جي تشدد ۽ فائرنگ ۾ هڪ ڦورو 25 سالن جي اويس پٽ ظفر مارجي ويو، فراز علي سخت زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سعيد آباد ٿاڻي جي علائقي بلديا دائود ڳوٺ ۾ هڪ پرچون جي دڪان ۾ ڦر جي ارادي سان داخل ٿيا ته حسنين نالي هڪ دڪاندار وٽ هٿيار به هو جنهن مزاحمت ڪئي ۽ جوابدارن تي فائرنگ ڪئي، جنهن تي ٻه جوابدارن فائرنگ ڪئي ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ فائرنگ جي تبادلي ۾ هڪ جوابدار مارجي ويو جڏهن ته سندس ٻيو ساٿي فائرنگ ڪندي موقعي تان فرار ٿي ويا. واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس پڻ موقعي تي پهچي وئي ۽ مارجي ويل ڦورو جي لاش کي قانوني ڪارروائي لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو ايس ايڇ او سعيد آباد پرويز سولنگي ميڊيا کي ٻڌايو ته مارجي ويل جوابدار جي سڃاڻپ فوري طور تي نه ٿي سگهي آهي، جڏهن ته فوت ٿيل جوابدار جي قبضي مان هٿيار ۽ موبائل فون هٿ ڪيا ويا آهن هن چيو ته مارجي ويل جوابدار جي سڃاڻپ ۽ فرار ٿيل جوابدارن جي ڳولا لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن ٻئي طرف گلشن معمار ٿاڻي جي علائقي ۾ گبول ڳوٺ بلال مسجد جي ويجهو 4 جوابدارن ڦرلٽ ۾ مصروف هئا جڏهن انهن کي شهري گهيري ۾ وٺي ويا ان دوران 2 جوابدارن کي شهرين پڪڙي ورتو ان دوران مشتعل شهرين پاران ڪيل فائرنگ ۽ تشدد جي نتيجي ۾ 2 جوابدارن سخت زخمي ٿي پيا، جڏهن ته 2 جوابدار موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس پڻ موقعي تي پهچي وئي ۽ زخمي جوابدارن کي فوري طور تي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو جتي هڪ جوابدار جيڪو مڇريل شهرين جي فائرنگ ۾ زخمي ٿيو هو علاج دوران فوت ٿي ويو مارجي ويل جوابدار جي سڃاڻپ 25 سالن جي اويس پٽ ظفر ۽ زخمي جوابدار جي سڃاڻپ فراز علي پٽ حاڪم علي جي نالي سان ٿي. مقتول ۽ زخمي جوابدارن جي قبضي مان ٽيهه بور پستول، ٻه موبائل فون ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي ايس ايڇ او گلشن معمار اسرار خان آفريدي چيو ته مارجي ويل جوابدار ۽ سندس ساٿي بندوق جي زور تي برائلر ڪڪڙ فراهم ڪندڙ ڪامران کي ڦري رهيا هئا ته سپلائر شور مچايو ۽ علائقي جي رهواسين جوابدارن کي گهيري ورتو ۽ انهن تي تشدد ڪيو ايس ايڇ او کي شڪ آهي ته جوابدارن کي سندس ئي ساٿي قتل ڪيو آهي ۽ ان حوالي سان وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي ايس ايڇ او چيو ته مارجي ڦورو گلشن معمار ۾ ڦرلٽ ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي ڪيترن ئي واقعن ۾ ملوث هو ۽ پوليس مارجي ويل جوابدار جي واقعن جي سي سي ٽي وي فوٽيج حاصل ڪئي آهي ۽ مارجي ويل جوابدار جو اڳوڻو ڪرمنل رڪارڊ پڻ چيڪ ڪيو پيو وڃي

ميرپورخاص بورڊ ۾ جعلي سرٽيفڪيٽ جاري ٿيڻ بابت اعليٰ سطحي جاچ ڪميٽي قائم

سنڌ يونيورسٽي جو وي سي پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري ٽن ميمبرن واري ڪميٽي جو ڪنوينر مقرر

اينٽي ڪرپشن جي جاچ ۽ ايف آءِ آر داخل ٿيڻ بعد ٽن اهم آفيسرن کي فوري طور معطل ڪيو ويو آهي

تعليمي ادارن ۾ ڪرپشن، جعلسازي ۽ ميرٽ جي ڀڃڪڙي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي: اسماعيل راهو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت تعليمي بورڊ ميرپورخاص ۾ ميٽرڪ جي جعلي سرٽيفڪيٽن جي جاري ٿيڻ ۽ امتحاني بي ضابطگين جي سنگين اسڪينڊل تي وڏو قدم کڻندي سخت ڪريڪ ڊائون شروع ڪري ڇڏيو آهي. صوبائي وزير يونيورسٽيز ۽ تعليمي بورڊز محمد اسماعيل راهو جي هدايت تي بورڊز اينڊ يونيورسٽيز کاتي فوري طور تي اعليٰ سطحي جاچ ڪميٽي قائم ڪري ڇڏي آهي، جڏهن ته ملوث آفيسرن کي معطل ڪيو ويو آهي. صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو جي هدايت تي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري کي ٽن ميمبرن واري ڪميٽي جو ڪنوينر مقرر ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ڪميٽي ۾ يونيورسٽي آف صوفي ازم اينڊ ماڊرن سائنس ڀٽ شاهه جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر امام الدين ڪوسو ۽ تعليمي بورڊ شهيد بينظير آباد جي چيئرمين پروفيسر آصف علي ميمڻ کي ميمبر طور شامل ڪيو ويو آهي. ڪميٽي کي هڪ مهيني اندر مڪمل جاچ ڪري ذميوارن جو تعين ڪري رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. ترجمان موجب اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ جي جاچ ۽ داخل ڪيل ايف آءِ آر جي بنياد تي بورڊ جي اهم آفيسرن آئي ٽي مينيجر اعظم خان ۽ سپرنٽنڊنٽ (ايڇ ايس سي سيڪريٽ) محمد شاهد کي فوري طور معطل ڪيو ويو آهي جڏهن ته ڪنٽرولر امتحانات انور عليم خانزاده کي مبينا اسڪينڊل ۾ ملوث هجڻ تي اڳ ئي معطل ڪيو ويو هو صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو واضح ڪيو آهي ته تعليمي ادارن ۾ ڪرپشن، جعلسازي ۽ ميرٽ جي ڀڃڪڙي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي. هن چيو ته جاچ ڪميٽي کي مڪمل اختيار ڏنا ويا آهن ته جيئن هو نه صرف حقيقتون سامهون آڻي پر نظام ۾ موجود خامين جي نشاندهي ڪري ذميوار عنصرن خلاف سخت قانوني ۽ اداري ڪارروائي کي يقيني بڻائي. وزير يونيورسٽيز محمد اسماعيل راهو چيو ته جيڪڏهن جاچ دوران وڌيڪ آفيسر يا ملازم ملوث مليا ته انهن خلاف به بنا ڪنهن فرق جي سخت ڪارروائي ڪئي ويندي، جيئن تعليمي نظام جي ساک بحال ڪري شفافيت کي يقيني بڻائي سگهجي.

ڪراچي ۾ پوليس ڪارروائين ۽ فائرنگ جي ڏي وٺ بعد 6 جوابدار گرفتار

مختلف علائقن ۾ پوليس ڪارروائين دوران ڏوهارين سان مقابلا ڪري جوابدار سوگها ڪيا

گرفتار ڪيل جوابدارن جي قبضي مان هٿيار، گوليون، موبائل فون ۽ روڪ رقم هٿ آئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس ڪارروائين ۽ فائرنگ جي واقعن دوران 6 جوابدار گرفتار ڪيا ويا آهن. جڏهن ته هڪ شهري زخمي ٿي پيو آهي. تفصيل موجب گلشن اقبال پوليس بروقت ڪارروائي ڪندي راشد منهاس روڊ بلاڪ 6 ۾ شهري سان ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ 4 هٿياربند موٽر سائيڪل سوار جوابدارن مان 3 کي گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ حمزه ولد شفيق، عين ولد استيفن ۽ هيبل ولد آصف طور ٿي آهي. پوليس جوابدارن وٽان هٿيار گوليون، موبائل فون ۽ نقدي برآمد ڪري ورتي آهي. ٻئي طرف سپر مارڪيٽ ۽ شارع نورجهان پوليس الڳ الڳ ڪارروائين دوران مبينا مقابلي کانپوءِ 3 ڏوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو. سپر مارڪيٽ پوليس لياقت آباد الياس ڳوٺ لياري ندي ويجهو ڪارروائي ڪندي محمد عاطف ۽ عامر کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو جڏهن ته شارع نورجهان پوليس نارٿ ناظم آباد ۾ آصف خان کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو جنهن جو هڪ ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. گرفتار ٿيل جوابدارن کي طبي امداد لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي انهن وٽان هٿيار، موبائل فون، نقدي ۽ موٽر سائيڪل پڻ برآمد ڪئي وئي. ٻئي پاسي گلستان جوهر بلاڪ 9 ۾ رحمانيه امام بارگاهه ويجهو فائرنگ جي واقعي ۾ 34 ورهين جو تيمور ولد امير بخش زخمي ٿي پيو جنهن کي فوري طور عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو. پوليس موجب واقعي جا ڪارڻ معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ جاري آهي.

پيپلز پارٽي قيادت لياري ٽائون چيئرمين ناصر ڪريم بلوچ کي هٽائي ڇڏيو

ٽائون ڪائونسل ۾ هڪ ارب 44 ڪروڙ رپين جي تڪرار کان پوءِ اختلاف تيز ٿي ويا هئا

پارٽي قيادت جي هدايتن تي ناصر ڪريم بلوچ پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) لياري ٽائون ڪائونسل ۾ هڪ ارب 44 ڪروڙ رپين جي تڪرار کان پوءِ پيپلز پارٽي جي قيادت لياري ٽائون چيئرمين ناصر ڪريم بلوچ کي عهدي تان هٽائي ڇڏيو آهي پارٽي جي هدايتن تي ٽائون وائيس چيئرمين اقبال هنگورو قائم مقام چيئرمين طور چارج سنڀالي ورتو آهي لياري ٽائون ذريعن موجب ناصر ڪريم بلوچ ۽ ٽائون ڪائونسل جي ٻين پارٽي ميمبرن ۾ ڪجهه معاملن تي اختلاف تيز ٿي ويا هئا ۽ انهن ميمبرن کي ميونسپل ڪمشنر حماد اين ڊي خان جي مڪمل حمايت پڻ حاصل هئي حماد اين ڊي خان پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينئر اڳواڻ اين ڊي خان جو پٽ آهي ذريعن موجب انهن ميمبرن ڪجهه مهينا اڳ ناصر ڪريم بلوچ خلاف عدم اعتماد جي رٿ به جمع ڪرائي هئي، جيڪا پارٽي قيادت جي مداخلت سبب روڪي وئي هئي اختلاف وڌيڪ تيز ٿي ويا جڏهن لياري ٽائون کي سوئي گئس کاتي کان روڊ ڪٽڻ لاءِ هڪ ارب 44 ڪروڙ رپيا مليا. پارٽي ميمبرن جو خيال هو ته هي پئسا لياري جي ترقي تي خرچ ٿيڻ گهرجن جڏهن ته ٽائون چيئرمين چيو ته پارٽي چيئرمين لياري جي ترقي لاءِ هڪ پيڪيج جو اعلان ڪيو آهي. تنهن ڪري هو فوري طور تي هي پئسا خرچ نه ٿو ڪري سگهي لياري ٽائون ڪائونسل جي ميمبرن چيو ته چيئرمين لياري جي ترقي لاءِ ڪا به اهم ڪارڪردگي نه ڏيکاري آهي جنهن جي ڪري علائقي ۾ پارٽي جو گراف گهٽجڻ جو خدشو هو. پارٽي قيادت ڪائونسل ميمبرن جي اصرار تي ناصر ڪريم بلوچ کي استعيفيٰ ڏيڻ جي هدايت ڪئي جنهن تي هن پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ۽ وائيس چيئرمين اقبال هنگورو کي چارج سونپي. اقبال هنگورو جي چارج سنڀالڻ کان پوءِ ميونسپل ڪمشنر حماد اين ڊي خان کيس ڀاڪر پائي مبارڪباد ڏني

ابراهيم حيدري ۾ ڀارتي جيلن ۾ قيد پاڪستاني مهاڻن جي آزادي لاءِ وارثن جو مظاهرو

علي اڪبر شاهه ڳوٺ جي رهواسين ڀارت ۾ قيد مهاڻن جي مائرن، ڀينرن ۽ ٻارن احتجاج ڪيو

اسان پيارا ڀارتي قيد ۾ سخت تڪليفون برداشت ڪري رهيا آهن، جلد آزاد ڪرايو وڃي: مظاهرين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ابراهيم حيدري جي علائقي علي اڪبر شاهه ڳوٺ ۾، ڀارتي جيلن ۾ قيد پاڪستاني مهاڻن جي آزادي لاءِ سندن وارثن طرفان هڪ پرامن احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري ۾ وڏي انگ ۾ مائرون، ڀينرون، ٻار ۽ ڀاتر شامل ٿيا، جن پنهنجي پيارن جي محفوظ واپسي لاءِ آواز بلند ڪيو هي احتجاج پاڻ متاثر خاندانن جي اڳواڻي ۾ ڪيو ويو. ڪوسٽل ميڊيا سينٽر جي صدر سيد ڪمال شاهه پڻ ان موقعي تي موجود هئا ۽ هنن خاندانن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو. مظاهري ۾ شامل ماڻهن پاڪستان جي حڪومت، سنڌ حڪومت، چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف جسٽس آف پاڪستان کان اپيل ڪئي ته ڀارتي جيلن ۾ قيد بيگناهه پاڪستاني مهاڻن جي آزادي لاءِ فوري قدم کنيا وڃن. هنن چيو ته سندن پيارا ڪيترن سالن کان قيد ۾ سخت تڪليفون برداشت ڪري رهيا آهن، جڏهن ته سندن خاندان سخت معاشي بحران، ڏک ۽ بيبسي جو شڪار آهن. شرڪت ڪندڙن اهو به ٻڌايو ته عيد جهڙا خوشيءَ جا موقعا به هاڻي غم ۾ تبديل ٿي ويا آهن، ڇو ته ٻار پنهنجي والدين سان گڏ جشن ملهائڻ کان محروم آهن. مظاهري دوران هي نعرا هنيا ويا. ڀارتي جيلن ۾ قيد پاڪستاني مهاڻن کي آزاد ڪيو، اسان جا ٻار آزاد ڪيو“ اسان جا پيارا آزاد ڪيو. مظاهرو انهن زوردار نعرن سان گونجندو رهيو ۽ شرڪت ڪندڙ اختيارين کان اپيل ڪئي ته انساني بنيادن تي فوري ڪارروائي ڪئي وڃي ته جيئن قيد مهاڻا محفوظ نموني پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي سگهن.

شهيد پوليس اهلڪارن جي وارثن کي عملدارن عيد مبارڪ ڏني

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عيدالفطر جي خوشيءَ واري موقعي تي سنڌ پوليس طرفان شهيدن جي وارثن سان يڪجهتي ۽ خوشيون ونڊڻ لاءِ مختلف پوليس آفيسرن شهيد اهلڪارن جي گهرن جو دورو ڪري سندن خاندانن سان ملاقاتون ڪيون. ان سلسلي ۾ شهيد اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر محمد خان ابڙو جي گهر تي پوليس آفيسرن جي هڪ وفد حاضري ڀري. وفد ۾ ايس ڊي پي او بن قاسم، ايس ايڇ او بن قاسم، چوڪي انچارج نصيرآباد، هيڊ محرر بن قاسم ۽ انٽيليجنس آفيسر بن قاسم شامل هئا آفيسرن شهيد جي وارثن سان ملاقات ڪري کين عيدالفطر جون واڌايون ڏنيون ۽ يقين ڏياريو ته سنڌ پوليس پنهنجي بهادر شهيدن جي قربانين کي ڪڏهن به وساري نه سگهندي. ان موقعي تي آفيسرن محبت ۽ احترام جي علامت طور شهيد جي وارثن کي مٺائي ۽ گلن جا گلدستا پيش ڪيا. وفد ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته شهيد اي ايس آءِ محمد خان ابڙو جي قرباني پوري پوليس کاتي لاءِ فخر جو باعث آهي ۽ سندس خاندان جي ڀلائي ۽ سارسنڀال سنڌ پوليس جي اولين ترجيح آهي. ملاقات جي آخر ۾ شهيد جي ايصال ثواب لاءِ دعا پڻ گهري وئي. ٻئي طرف ٿاڻو ميمڻ ڳوٺ، ضلع ملير ڪراچي ۾ پڻ اعليٰ آفيسرن ۽ ايس ايس پي ملير جي هدايتن تي شهيدن جي وارثن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو. ايس ڊي پي او ميمڻ ڳوٺ ۽ ايس ايڇ او ميمڻ ڳوٺ جي هدايت تي ايڊيشنل ايس ايڇ او ۽ سب انسپيڪٽر شعيب بلوچ ۽ هيڊ محرر فياض جوکيو شهيد اهلڪار عمران بابڙا جي گهر پهچي سندس وارثن سان ملاقات ڪئي. ان موقعي تي آفيسرن شهيد جي وارثن کي گلن جا گلدستا ۽ مٺائي پيش ڪئي ۽ شهيد جي بلند درجن ۽ مغفرت لاءِ دعا گهري. وارثن سنڌ پوليس جي آفيسرن جو ٿورائتو اظهار ڪندي چيو ته پوليس کاتي طرفان اهڙي يادگيري ۽ ساٿ سندن لاءِ حوصلا افزائي جو سبب آهي.

گورنر هائوس ۾ فلاحي ۽ تعليمي سرگرميون جاري رهنديون: نهال هاشمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر محمد نهال هاشمي چيو آهي ته گورنر هائوس هميشه عوام لاءِ کليل رهندو ۽ هتي فلاحي ۽ تعليمي سرگرميون بنا ڪنهن وقفي جي جاري رهنديون اهڙن خيالن جو اظهار هن گورنر هائوس ۾ منعقد ٿيندڙ ”رمضان رونق“ پروگرام جي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي سنڌ جي گورنر يتيم ٻارن ٻارڙن ۽ استادن سان پڻ افطار ڪيو تقريب ۾ مختلف مڪتب فڪر ۽ مذهب سان تعلق رکندڙ ماڻهن شرڪت ڪئي سنڌ جي گورنر چيو ته هي افطار جو سلسلو الله تعاليٰ جي رضا لاءِ آهي ۽ ان کي ڪو به روڪي نٿو سگهي هن واضح ڪيو ته گورنر هائوس سندس ذاتي گهر نه پر ماڻهن جو گهر آهي، جتي هر شهري کي اچڻ جي اجازت آهي هن وڌيڪ چيو ته عيد کان پوءِ آئي ٽي ڪورسز سميت ٻيون تعليمي سرگرميون وڌيڪ تيزيءَ سان جاري رکيون وينديون ته جيئن نوجوانن کي جديد صلاحيتن سان آراسته ڪري سگهجي تقريب ۾ ڳالهائيندي مذهبي معاملن ۽ بين المذاهب هم آهنگي واري مملڪتي وزير کيئل داس ڪوهستاني چيو ته گورنر هائوس ۾ مختلف مذهبن جي ماڻهن جي موجودگي پاڪستان جي خوبصورت سماجي رنگن جي عڪاسي ڪري ٿي پنهنجي خطاب ۾ سنڌ جي گورنر چيو ته هو آئين تحت گورنر آهي جڏهن ته انتظامي معاملن جو اختيار سنڌ جي وڏي وزير وٽ آهي آخر ۾ هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ ملڪ ۾ هم آهنگي ۽ اتحاد پيدا ڪري ۽ ان کي هر قسم جي منافقت کان بچائي

عورتن جي پرڏيهه ملڪ اسمگلنگ جي ڪوشش ناڪام

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عورتن جي بيرون ملڪ اسمگلنگ جي ڪوشش ناڪام ايف آءِ اي اينٽي هيومن ٽريفڪنگ سرڪل جي ڪارروائي اي ايف آءِ اي اينٽي هيومن ٽريفڪنگ سرڪل ڪراچي جي ڪارروائي ڊائريڪٽر ڪراچي زون ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر AHTCڪراچي جي هدايتن تي ڪئي وئي. ترجمان موجب، مصدق معلومات جي بنياد تي پاسپورٽ آفيس صدر ڪراچي جي ويجهو ٻن هوٽلن تي ڇاپو هنيو ويو جنهن دوران پنجاب جي مختلف ضلعن سان تعلق رکڻ واري 33 عورتن کي حراست ۾ ورتو ويو. عورتن سان گڏ انساني اسمگلرز ۽ ايجنٽ به گرفتار ڪيا ويا. ملزمان جي قبضن مان 29 پاسپورٽس ۽ ٻيو متعلق مواد برآمد ٿيو. ابتدائي تفتيش ۾ معلوم ٿيو ته عورتن کي وزٽ ويزا جي بهاني تحت متحده عرب امارات موڪليو پئي ويو جتي انهن کي جسم فروشي ۽ جنسي استحصال لاءِ استعمال ڪرڻ جو منصوبو هو. ملزمان ضياءُ الحق اعجاز علي فرمان علي ۽ سڪينه بي بي کي گرفتار ڪيو ويو آهي. ملزمان خلاف ڪن مختلف مقدمن ۾ داخل ڪيو ويو آهي.

پيرو ۾ دفاع واري اڳوڻي وزير ملڪ جي نئين وزيراعظم جي عهدي جو حلف کڻي ورتو

ليما (اي پي پي) پيرو جي دفاع واري اڳوڻي وزير لوئس ارويئو ملڪ جي نئين وزيراعظم جي عهدي جو حلف کڻي ورتو آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق هن حڪومتي پيلس ۾ منعقد تقريب دوران عهدي جو حلف کنيو جنهن جي صدارت پيرو جي صدر جوزي بلڪازار ڪئي

آمريڪا ۾ پيٽرول جون قيمتون اڍائي سالن جي بلند ترين سطح تي پهچي ويون

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا ۾ پيٽرول جون قيمتون اڍائي سالن جي بلند ترين سطح تي پهچي ويون آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق آمريڪا ۾ پيٽرول جون قيمتون وڌي 3.79 ڊالر في گيلن تائين پهچي ويون آهن جيڪا آڪٽوبر 2023ع بعد جي بلند ترين سطح آهي. آمريڪن آٽو موبائل ايسوسي ايشن مطابق اهو اضافو ايران خلاف آمريڪا ۽ اسرائيل جي ڪارروائي سبب پيدا ٿيندڙ توانائي بحران کي سامهون رکندي آيو آهي رپورٽ مطابق هڪ مهينو اڳ پيٽرول جي قيمت 2.90 ڊالر في گيلن هئي جڏهن ته ڪيليفورنيا ۾ قيمتون سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيون آهن جيڪي 5.54 ڊالرز في گيلن تائين پهچي ويون آهن آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ماضي ۾ پيٽرول جي گهٽ قيمتن کي توانائي پاليسي جي ڪاميابي جي ثبوت طور پيش ڪندو رهيو آهي

ملير جي سينيئر صحافي حمزو پنهور جي جنازي نماز تاريخي چوڪنڊي قبرستان ۾ ادا ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملير جي سينيئر صحافي حمزو پنهور جي جنازي نماز تاريخي چوڪنڊي قبرستان ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ سياسي سماجي اڳواڻن چونڊيل نمائندن صحافين ۽ علائقي واسين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. جنازي نماز ۾ صوبائي صلاحڪار سليم ڪلمتي، سماجي اڳواڻ سيد خدادنو شاهه، قومپرست اڳواڻ خالق جوڻيجو، صوفي حضور بخش، علي نواز ٻٽ، ڊاڪٽر رحمان گل پالاري، غفور شاهه نقوي، الاهي بخش بڪڪ، علي مستوئي، ڪاظم مهيسر سميت ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي قومي ڳيتن جي گونج ۾ مرحوم کي تاريخي چوڪنڊي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. سياسي سماجي اڳواڻن ۽ صحافين حمزو پنهور کي ڀرپور ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته هن سڄي زندگي سچ، انصاف ۽ مظلومن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي. هن ڪڏهن به دٻاءُ يا ڌمڪين اڳيان جهڪڻ قبول نه ڪيو ۽ هميشه بيباڪي سان قلم وسيلي سماجي مسئلن کي اجاگر ڪيو. هنن چيو ته مرحوم اصول پسند ۽ بيخوف صحافي هو جنهن پنهنجي پيشاورانه ذميوارين کي ايمانداري سان نڀايو. هنن چيو ته حمزو پنهور جهڙا صحافي سماج جو قيمتي سرمايو هوندا آهن ۽ سندن خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته سندس وڇوڙي سان پيدا ٿيل خال ڀرڻ ڏکيو آهي ۽ صحافتي برادري هڪ مخلص ۽ بهادر ساٿي کان محروم ٿي وئي آهي.

ڪراچي ويجهو سپر هاءِ وي تي نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ 55 سالن جي عورت فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سپر هاءِ وي تي چاڪر هوٽل ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ عورت فوت ٿي وئي پوليس موجب فوت ٿيل عورت جي لاش کي ايمبولينس ذريعي گڏاپ روڊ تي هڪ خانگي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتان موت جي تصديق ڪرڻ کان پوءِ لاش کي قانوني ڪارروائي لاءِ سائيٽ سپر هاءِ وي پوليس ٿاڻي پهچايو ويو فوت ٿيل عورت جي سڃاڻپ 55 سالن جي سرداره بيبي زال حاجي مثل جي نالي سان ٿي جيڪا نيو سبزي منڊي جي پوئين علائقي جي رهواسي هئي پوليس قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ لاش وارثن جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي

ڪراچي ۾ اي آءِ جي ڊيوٽي دوران شهيد ٿيل پوليس اهلڪار جي وارثن سان ملاقات ڪري عيد جا تحفا پيش ڪيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان، ڊي آءِ جي ويسٽ، ايس ايس پي ويسٽ ۽ ٻين آفيسرن سان گڏ ڊيوٽي دوران شهيد ٿيل پوليس ڪانسٽيبل عظيم اقبال جي خاندان سان عيد الفطر جي موقعي تي سرجاني ٽائون سيڪٽر 7-بي ۾ سندس رهائشگاهه تي ملاقات ڪئي. ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي شهيد جي خاندان سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو ۽ شهيد جي بهادري ۽ عظيم قرباني کي خراج تحسين پيش ڪيو هن چيو ته پوليس جا شهيد اسان جو فخر آهن ۽ انهن جي قربانين کي هميشه ياد رکيو ويندو هن شهيد جي وارثن کي عيد جا تحفا پيش ڪيا ۽ يقين ڏياريو ته پوليس کاتو هر ڏکئي وقت ۾ انهن سان گڏ بيٺو آهي ۽ هر ممڪن مدد فراهم ڪندو رهندو

ايڊيٽوريل
23 مارچ — عزم — جو — ڏينهن!
صفحو 4

مير اعظم علي ٽالپر
'عيد جو تحفو فلم ۽ سئنيما رجيم چينج'
صفحو 4

روزاني عبرت

تاريخ خطرن جي پرواهه نٿي ڪري!
مير قائم خان ٽالپر
صفحو 4

راجا زاهد اختر خانزاده
صفحو 4
خوشين جي وچ ۾ جاڳندڙ حقيقت، جيئڻ انسانن لاءِ هڪ خاموش پيغام!

ايران اڪيلي سر يزيدن سان جنگ ٿو وڙهي، ڪريو ملڪ هن جو ساٿ نه ٿو ڏئي؛ پير پاڳارو

آمريڪا ۽ اسرائيل جي حملن ۾ ايران جا ٻار، عورتون مرد شهيد ٿي ويا آهن، جيڪو اڪيلو آ ان سان خدا گڏ آهي، فتح ايران جي ٿيندي

جماعت کي دوستن واسطيدارن کي ڪافي پيرا چئي چڪو آهيان هاڻي موسم تبديل ٿي چڪي آهي، زمين تي وڌيڪ ڀروسو نه ڪيو

سفر دوران جماعت سان ملڻ دوران تمام گهڻي خوشي ٿي، جماعت جون نياڻيون پڙهي لکي اڳتي اچي چڪيون آهن

درود پاڪ صلوات شريف جو ورد ڪيو، اڳين دنيا بهتر ٿيندي ۽ درگاهه، جماعت، پاڪستان ۽ فوج لاءِ دعاگو رهو؛ حر جماعت کي خطاب

خيرپور(ڊ ڊ)فنڪشنل مسلم ليگ جي سربراهه ۽ حرن جي روحاني پيشوا پيرسيد صبغت الله شاهه پير پاڳاري عيد الفطر جي موقعي تي حر جماعت کي روحاني خطاب ڪيو، ان موقعي تي پير پاڳاري پنهنجي خطاب ۾ چيو ته ايران اڪيلي سر يزيدن سان جنگ ٿو وڙهي، ڪريو ملڪ هن جو ساٿ نه ٿو ڏئي آمريڪا ۽ اسرائيل جي حملن ۾ ايران جا ٻار عورتون مرد شهيد ٿي ويا آهن پير پاڳاري چيو ته جيڪو اڪيلو آ ان سان خدا تعالى گڏ آهي، فتح ايران جي ٿيندي هن چيو ته جماعت کي دوستن واسطيدارن کي ڪافي پيرا چئي چڪو آهيان هاڻي موسم تبديل ٿي چڪي آهي، زمين تي وڌيڪ ڀروسو نه ڪيو ڪهڙي به وقت برسات ٿي سگهي ٿي، هن پيري گرميون تمام وڌيڪ ٿينديون پير پاڳاري چيو ته سفر دوران جماعت سان ملڻ دوران تمام گهڻي خوشي ٿي جماعت جون نياڻيون پڙهي لکي اڳتي اچي چڪيون آهن ۽ خوشي آهي ته جماعت ۾ نياڻيون ڪجهه ڊاڪٽر، ليڪچرار، پروفيسر سميت چڱن عهدي تي اچي ويون آهن توهان هميشه نياڻين جي تعليم تربيت تي سختي سان نظر رکو چو ته اڳتي انهن ئي ڇوڪرين کي گهر هلائڻ سان گڏ اولاد کي وڏو ڪرڻو آهي . هن چيو ته ڇوڪرن کي تعليم ڏياريو جيڪڏهن تعليم ۾ ڪمزور آهن ته انهن کي هنر سيکاريو ته جيئن هو گهر هلائي سگهن جيڪڏهن هنر نه هوندو ته غلط صحبت ۾ اچي ويندا هن چيو ته درود پاڪ صلوات شريف جو ورد ڪيو اڳين دنيا بهتر ٿيندي ۽ درگاهه لاءِ جماعت لاءِ پاڪستان لاءِ ۽ پاڪستان جي فوج لاءِ دعاگو رهو پير پاڳاري چيو ته هر پيري چوندو آهيان ته ڇوپايو مال وڌايو روزگار جي ٻاري، ڪاروبار جي ٻاري ۾ جماعت کان پڇندو آهيان مال ڌاريو ان ۾ برڪت آهي

خيرپور ناٿن شاهه جي بلوچ هائوس تي نثار بلوچ پاران ڊنر جو اهتمام ڪيو ويو

خيرپور ناٿن شاهه(ن ع)مسلم ليگ ن سنڌ جي اڳواڻ نثار بلوچ پاران بلوچ هائوس خيرپور ناٿن شاهه ۾ خيرپور ناٿن ۾پريس ڪلب جي عهديدارن ۽ سڳا جي اڳواڻ قربان علي بگهيو ڊاڪٽر امداد ڪلهوڙو ڊاڪٽر سيد ارباب علي شاهه نويد قربان بگهيو برڪت علي چانڊيو عقيل سومرو نظير ميرائي سيد اڪرامشاهه ڊاڪٽر شاهنواز فياض بلوچ عبدالحق چانڊيو سردار عمران بلوچ جي مان ۾ بلوچ هائوس تي ڊنر جو اهتمام ڪيو ويو ان موقعي تي سنڌ جي موجوده صورتحال تي ڳالهيون ڪيون ويون ۽ خاص طور تي سڳا کي شهر ۾ وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي زور ڏنو ويو. گڏوگڏ عوامي ڀلائي لاءِ هڪ ڊسپينسري کولڻ جو اعلان پڻ ڪيو ويو. تقريب سماجي ۽ سياسي سطح تي لاڳاپن کي مضبوط ڪرڻ ۽ علائقي ۾ بهتري لاءِ قدمن کڻڻ ۽ مخير حضرات سان ملي شهر جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪرڻ تي زور ڏنو ويو جنهن ۾ مسلم ليگ سنڌ جي اڳواڻ نثار بلوچ جنهن خيراتي ڪم لاءِ جاءِ بنا مسواڙ جي سڳا جي حوالي ڪري ڇڏي آهي وڌيڪ تعاون جي پڻ يقين ڪرايو

ڳوٺ غلام حيدر جويو
جون گهٽيون پڪيون
ڪريو

مسوري ڳوٺ غلام حيدر جويو ۾ گهٽيون ڪچيون هئڻ سبب برساتي پاڻي بيهڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڳوٺ غلام حيدر جويو ۾ گهٽيون ڪچيون هئڻ سبب برساتن جو پاڻي بيهي رهيو

برساتي پاڻي نه رڳو آمدرفت پر صحت لاءِ به خطرو بڻجي ويو آهي؛ ڳوٺاڻا

فوري طور گهٽين کي پڪو ڪيو وڃي ۽ نيڪالي جو مناسب انتظام ڪيو وڃي

مسوري(ن ع)مسوري لڳ يونين ڪائونسل 1 جيئنڊل ڪوٽ جي ڳوٺ غلام حيدر جويو ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ هڪ ڀيرو ٻيهر سامهون اچي وئي آهي جتي گهٽيون ڪچيون هئڻ سبب تازين برساتن کان پوءِ پاڻي بيهي رهيو آهي، جنهن ڪري رهواسين کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو آهي. ڳوٺاڻن موجب، گهٽين ۾ بيٺل برساتي پاڻي نه رڳو آمد و رفت ۾ رڪاوٽ بڻجي رهيو آهي پر صحت لاءِ به خطرو بڻجي ويو آهي. علائقي جي ماڻهن جو چوڻ آهي ته ڪيترن ئي ڀيرا چونڊيل نمائندن ۽ ضلعي انتظاميا مٽياري کي مسئلن کان آگاهه ڪيو ويو آهي، پر اڃا تائين ڪو به عملي قدم نه کنيو ويو آهي. ان صورتحال خلاف متاثر رهواسين احتجاج ڪندي سخت ناراضگي ظاهر ڪئي آهي. هنن مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور گهٽين کي پڪو ڪيو وڃي ۽ نيڪالي آب جو مناسب انتظام ڪيو وڃي ته جيئن مستقبل ۾ اهڙين تڪليفن کان بچي سگهجي.مظاهرين جو وڌيڪ چوڻ آهي ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبن تي ڌيان نه ڏنو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو. هنن اعلى اختيارين کان پڻ نوٽيس وٺي مسئلي جو جلد حل ڪڍڻ جي اپيل ڪئي آهي. علائقي واسين اميد ظاهر ڪئي آهي ته حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارا سندن تڪليفن کي سمجهي، جلد از جلد عملي قدم کڻندا ته جيئن روزمره جي زندگي معمول تي اچي سگهي

راڌڻ ٽوڙي محبت شاهه پنجو نئون ڳوٺ ۾ مهانگائي جو طوفان، ماهيو گوشت ماڻهن جي پهچ کان ٻاهر

انتظاميه جي عدم توجهه سبب علائقن ۾ مهانگائي پنهنجا سمورا پراڻا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا، پورهيت طبقو اڳ ئي ٻن وقتن جي ماني لاءِ پريشان

ميهڙ ۽ دادو ضلع جي پرائيس ڪنٽرول ڪميٽي پڻ مذڪوره شهرن ۾ اگهن جي چيڪنگ ڪرڻ جي زحمت نٿي ڪري

وڌيڪ اگهه وٺندڙ دڪاندارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ڪين اگهن جون لسٽون نمايان طور آويزان ڪرڻ جو پابند بڻايو وڃي؛شهري

راڌڻ (ن ع) راڌڻ ٽوڙي محبت شاهه پنجو نئون ڳوٺ ۾ مهانگائي جو نئون طوفان برپا ماهيو گوشت عام ماڻهو جي پهچ کان ٻاهر راڌڻ ۽ آسپاس جي علائقن ۾مهانگائي پنهنجا سمورا پراڻا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن انتظاميه جي عدم توجهه سبب ڪاسائين پاران پاڙي جو گوشت (ماهيو) 1400 کان 1600 رپيا في ڪلو ۽ مرغي 600 رپي ڪلو تائين وڪرو ڪيو پيو وڃي بي روزگاري ۽ مهانگائي جي هن دور ۾ هڪ پاسي پورهيت طبقو اڳ ئي ٻن وقتن جي ماني لاءِ پريشان آهي ته ٻئي پاسي بنا ڪنهن سرڪاري اگهه نامي ۽ نمايان طور اگهه جون لسٽون آويزان ڪرڻ جي ڪاسائي عوام کان من پسند قيمتون وصول ڪري غريبن جي کيسي تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي جڏهن ته ميهڙ ۽ دادو ضلع جي پرائيس ڪنٽرول ڪميٽي پڻ مذڪوره شهرن ۾ اگهن جي چيڪنگ ڪرڻ جي زحمت نٿي ڪري جڏهن ته مختيارڪار ميهڙ ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر ميهڙ فاطمهه ڪومل گهلو پڻ هن بي لڳام مهانگائي جو نوٽيس وٺڻ گنوارا نٿا ڪن ۽ خاموش تماشائي بڻيل آهن ۽عوام کي رڳو واعدن تي ٽاريو پيو وڃي ۽ عملي طور تي ڪين ڪو رليف نٿو ملي هتان جي عوام انتظاميه ڊي سي دادو اي سي ميهڙ کان مطالبو ڪيو آهي ته اگهه وڌيڪ وٺندڙ دڪاندارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي ڪين اگهن جون لسٽون نمايان طور آويزان ڪرڻ جو پابند بڻايو وڃي ۽ وڌڪ اگهه وٺندڙ ڪاسائن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ مٺن ڳرا ڏنڊ وڌا وڃن

لاڙڪاڻي پرسان ٻارن جي ڳالهه تان سٺوڻن ۾جهيڙو،عورت قتل

ڳوٺ صديق آباد ۾ فائرنگ ۾عورت انور خاتون ٺڏي تي قتل ٿي وئي

مڙس منظور انڙ ۽ ٽرين کي ڇڏائڻ لاءِ آيل صادق انڙ زخمي ٿي پيا

ديدار انڙ جي ڌر وارن ٻارن جي ڳالهه تان جهيڙو ڪري فائرنگ ڪئي؛وارث

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ)لاڙڪاڻي پرسان رشيد وڳڻ ٿاڻي جي حد ڳوٺ صديق آباد ۾ ٻارن جي ڳالهه تان ٻن سٺوڻن وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ عورت انور خاتون ٺڏي تي قتل جڏهن ته سندس مڙس منظور انڙ ۽ ٽرين کي ڇڏائڻ لاءِ آيل ڳوٺاڻو صادق انڙ زخمي ٿي پيا، اطلاع تي پوليس پهچي لاش ۽ زخمي کي ڪئٽائي ٽراما سينٽر منتقل ڪيو. ان موقعي تي مقتولا جي وارثن جو چوڻ هو ته ديدار انڙ جي ڌر وارن ٻارن جي ڳالهه تان جهيڙو ڪري فائرنگ ڪئي جنهن ۾ انور خاتون انڙ قتل ۽ سندس مڙس منظور انڙ سميت ڇڏائڻ لاءِ آيل صادق انڙ زخمي ٿي پيا آهن ان حوالي سان رشيد وڳڻ ٿاڻي جي پوليس رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته واقعو ٻارن جي ڳالهه تان پيش آيو آهي جهيڙيندڙ ٽريون پاڻ ۾ سٺوٽ آهن جهيڙي ۾ هڪ عورت انور خاتون قتل ۽ سندس مڙس منظور انڙ سميت ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن واقعي ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن جلد جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو هوڏانهن پوسٽ مارٽم بعد مقتولا عورت جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جنهن لاش گهر پهچڻ تي روڄ راڙو پئجي ويو

سکر ۾ هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي گورنمينٽ ايمپلائيز سوسائٽي جي روڊن جي سروي مڪمل

سکر(بيورو رپورٽ)اسسٽنٽ ڪمشنر نيو تعلقو سکر بشرى منصور جي نگراني ۾، ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان جي هدايتن تي ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ جي حڪم مطابق گورنمينٽ ايمپلائيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي ۾ روڊن ۽ رستن جي سروي مڪمل ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪارروائي ڪئي وئي سروي ۾ مختلف سرڪاري ادارن ڀرپور حصو ورتو سروي جو مقصد غيرقانوني قبضا ختم ڪري 40 فٽ روڊن ۽ ٻين عوامي رستن کي اصل حالت ۾ بحال ڪرڻ سان گڏ زمينن جي صحيح حدبندي ڪرڻ آهي،ضلعي انتظاميا جو چوڻ آهي ته اڳ ۾ رهيل ماپ هاڻي ٽيڪنيڪل ٽيم جي موجودگي ۾ مڪمل ڪئي وئي آهي، جڏهن ته روڊن ۽ گهٽين جي نشاندهي جو عمل پڻ مڪمل ڪيو ويو آهي انتظاميا موجب، جلد مڪمل رپورٽ تيار ڪري عدالت ۾ پيش ڪئي ويندي، جنهن بعد قانوني ڪارروائي ڪندي عوامي جڳهن تان قبضا ختم ڪيا ويندا.

صدر مملڪت آصف علي زرداري نور احمد لاکو جي وفات تي تعزيت ڪئي

لاکا برادري پيپلز پارٽي سان وفادار برادري طور سڃاڻپ رکي ٿي؛آصف علي زرداري

رئيس نور احمد لاکو جي اوچتي وڇوڙي تي افسوس ٿيو،اهڙا ماڻهو گهٽ هوندا آهن

سڪرنڊ (س ر)صدر مملڪت اسلامي جمهوريه پاڪستان آصف علي زرداري سڪرنڊ لڳ ڳوٺ موريو لاکو پهچي پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ رئيس نور احمد لاکو جي وفات تي سندس وارثن رئيس محمد فاضل لاکو ، حاجي الهه بخش لاکو ، منير احمد لاکو ، محسن علي لاکو ۽ سميت لاکا برادريءَ سان فاتحه خواني ڪئي ان موقعي تي هن ڳالهائيندي چيو ته لاکا برادري پيپلز پارٽي سان وفادار برادري طور سڃاڻپ رکي ٿي رئيس نور احمد لاکو جي اوچتي وڇوڙي تي افسوس ٿيو آهي ڇاڪاڻ جو سندس ڪردار هميشه پارٽي سان وفاداري کانسواءِ انسانيت لاءِ جاکوڙيندي گذريو گهٽ ماڻهو هوندا آهن جن جا سڀ پاسا سگهارا هوندا آهن اسين سمجهون ٿا ته مرحوم رئيس نور احمد لاکو به انهن ڪردارن مان هو ان موقعي تي قومي اسيمبلي جو ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفى شاهه ، ايم پي اي غلام قادر چانڊيو، سردار عبدالستار ڪيريو پڻ ساڻس گڏ هئا ان کان اڳ صدر آصف علي زرداري سڪرنڊ لڳ ڳوٺ ڪڏهر پهچي پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ رئيس غلام سرور انڙ جي وفات تي ۽ ڳوٺ راهب شاهه پهچي پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ رئيس نظر محمد انڙ جي نوجوان فرزند محمد قاسم انڙ جي وفات تي الڳ الڳ تعزيتون ڪيون

مورو جي معزز شخصيت حاجي مشتاق سومرو مدينه منوره ۾ لاڏاڻو ڪري ويو

مورو (ن ع)مورو جي معزز شخصيت سومرا بيڪري جو مالڪ حاجي محمد هاشم سومرو محمد رمضان سومرو ممتاز علي سومرو پرويز احمد سومرو مرحوم غلام سرور سومرو اياز علي سومرو جو ڀاءُ زوهيب علي سومرو شعيب علي سومرو جو والد سومرا برادريءَ جو نيڪ مرد حاجي مشتاق احمد سومرو سعودي عرب مدينه منوره ۾ دل جي تڪليف سبب هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو آهي جنهن جي تدفين جنت البقيع ۾ ڪئي ويندي جڏهن ته سندس ٽڏو مهراڻ ڊگري ڪاليج پرسان جمالي ڪالوني مورو ۾ وڇايو ويو آهي

ڪراچي کان پٽ شاهه ويندڙ مسافر کي تيز رفتار ايمبولنس جو ٽڪر،ٽڏي تي فوت

مٽياري(ڊ ر)مٽياري قومي شاهراهه تي جڳنو سي اين جي لڳ افسوسناڪ حادثو پيش، ڪراچي کان پٽ شاهه ويندڙ مسافر کي تيز رفتار ايمبولنس ٽڪر هنيو حادثي جي نتيجي ۾ ڪراچي جي علائقي مليرجو رهواسي 32 ورهين جو نظير احمد ولد پلاڻ ڊومڪي ٽڏي تي ئي فوت ٿي ويو،واقعي کان پوءِ وارثن فوتي کي فوري طور ڊي ايچ ڪيو اسپتال مٽياري منتقل ڪيس جتي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو.وارثن جو چوڻ آهي ته سندن نوجوان جڳنو سي اين جي وٽ روڊ ڪراس ڪري پيشاب بهائي لئو ته اوچتو تيز رفتار ايمبولنس نمبر JF-9459 ڪيس ٽڪر هڻي ڇڏيس

سڪرنڊ صدر مملڪت آصف علي زرداري نور احمد لاکو جي وفات تي تعزيت ڪندي

چنڊ رات به هالا اونڌهه ۾،18 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ،شهري سراپا احتجاج

باٿر ماڻهن لاءِ فري لوڊشيڊنگ فيڊر آهن، روزيدار عذاب ۾مبتلا رهيا؛شهري

مٽياري ۾15 ارب روپين جا بقايا وصول ڪرڻ ۾حيسڪو ناڪام رهي آهي

هالا(ن ع)چنڊ رات تي به هالا اونڌهه ۾،18 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ خلاف شهري سراپا احتجاج،باٿر ماڻهن لاءِ فري لوڊشيڊنگ فيڊر، 15 ارب بقايا وصولي ۾ حيسڪو ناڪام، روزيدار عذاب ۾مبتلا ضلع مٽياري جي شهر هالا ۽ ان جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ پوري رمضان مهيني وانگر چنڊ رات تي به حيسڪو طرفان صبح کان 16 کان 18 ڪلاڪ غير اعلانيه لوڊشيڊنگ ڪئي وئي، جنهن سبب شهرين کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو ڏکهي بجلي بندش سبب روزمره جي زندگي سخت متاثر ٿي وئي آهي، جڏهن ته روزيدارن کي افطار ۽ نماز جي وقتن ۾ به شديد پريشاني جو منهن ڏيڻو پيو شهرين جو چوڻ آهي ته ضلع مٽياري ۾ لڳ ڀڳ 15 ارب روپين جا بقايا باٿر نادهندگن کان وصول ڪرڻ ۾ حيسڪو ناڪام رهي آهي، جڏهن ته ان جي ابتڙ باٿر ماڻهن کان بقيه وصولي ڪرڻ بجاءِ انهن لاءِ فري لوڊشيڊنگ فيڊر حيسڪو چيف پاران گفٽ ڏنو ويو آهي جنهن ۾ برطرف شده ملازم پڻ مقرر ڪيا ويا آهن جن حيسڪو صارفين کان عيدي نالي پئو وصولي مهم شروع ڪري ڇڏيو آهي شهرين الزام هنيو آهي ته هالا ۾ هڪ ئي شهر ۾ ٻه نظام حيسڪو پاران لاڳو ڪري نواز ليگ ۽ پي پي جي غريب عوام کي رليف ڏيڻ جي منشور جي خلاف ورزي ڪئي وئي آهي ، هنن الزام هنيو ته هالا سٽي ٽو ايڪسپريس فري لوڊشيڊنگ فيڊر تي باٿر ماڻهن کي بنا رڪاوٽ بجلي ملي رهي آهي. جڏهن ته شهري عام علائقن ۾ 18 کان 20 ڪلاڪ تائين لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي، جنهن سبب لکين ماڻهو بجلي کان محروم آهن،هنن وڌيڪ اهو به چيو ته حيسڪو عملو مبينا طور صارفين کان آفيسرن جي نالن تي عيدي نالي تي پئو ولي ڪرپشن ڪري رهيا آهن جڏهن ته مبينه ڪرپشن جون ڪيترين ئي وڊيوز سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي چڪيون آهن،سياسي، سماجي ۽ مذهبي حلقن سميت شهرين وڏي انگ ۾ حيسڪو چيف ايگزيڪيوٽو وفاقي وزير ۽ سيڪريٽري بجلي خلاف سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور فري لوڊشيڊنگ فيڊر ختم ڪري هالا ۾ هڪجهڙي ۽ بنا رڪاوٽ بجلي فراهمي يقيني بڻائي وڃي

حيدرآباد ۾ شهيد ڪاشف باغي جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج

حيدرآباد(اسحاق رپورٽر)ٽيم ذوالفقار ڀٽو جونيئر ضلعي پاران شهيد ڪاشف باغي جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف ايس ايس پي آفيس سامهون احتجاج بعد ريڊيو پاڪستان حيدرآباد سامهون ڌرڻو هنيو. ان موقعي تي اڪبر جهيجهو،عبدالمجيد قريشي،سرفراز شاهاڻي ۽ ٻين چيو ته ڪاشف باغي بهادر ۽ جونيئر ذوالفقار ڀٽو ٽيم جو سچو ورڪر هو. جنهن پنهنجي سموري زندگي شهيد ميرمرتضى ڀٽو جي فلسفي ۽ فڪر سان لاڳاپيل رهيو. هنن چيو ته شهيد ڪاشف باغي جو قتل هڪ سوچيل سمجهيل سازش آهي شهيد ڪاشف باغي جي قتل کانپوءِ وارثن ۽ دوستن سوڌو پارٽي اڳواڻن کي لاش کان پري رکيو ويو 4ڪلاڪن بعد لاش جي ويجهو اچڻ ڏنو ويو.

احتجاج
نا منظور ظلم جي ڪاري رات نا منظور
شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي شاگرد
فرحان علي چانگ
جي جبري گمشدگي نا منظور
فرحان جي آزادي جي گهر ڪيون ٿا.
پاران: جيجل امڙ سنڌس وارث ۽ سنڌ جو باشعور عوام

هنگورجا شاهه لطيف يونيورسٽي جي شاگرد فرحان چانگ جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

شاهه لطيف يونيورسٽي جي شاگرد فرحان چانگ جو ڏس پتو نه ملي سگهيو

وارثن پاران احتجاجي ريل ڪڍي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو،نعريبازي

فرحان چانگ جي آزاد ڪيو وڃي،ٻي صورت ۾احتجاج سخت ڪيو ويندو؛وارث

هنگورجا (ن ع)هنگورجا سان 12 ڏينهن اڳ ڪنڀي گم ڪيل شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي شاگرد فرحان چانگ جو ڏس پتو ملي نه سگهيو وارثن پاران احتجاجي ريل ڪڍي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو هنگورجا سان 12 ڏينهن اڳ ڪنڀي گم ڪيل شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي شاگرد فرحان چانگ جو اڃان تائين ڏس پتو پئجي ناهي سگهيو فرحان چانگ جي بازيابي لاءِ وارثن گلاب چانگ جمن چانگ . امدادي چانگ حنيف چانگ جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو احتجاج ڪندڙن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته 12 ڏينهن اڳ اسان جي نوجوان جي هنگورجا مان پوليس موبائلن ۾ ڪنڀي گم ڪيو ويو آهي 12 ڏينهن گذري ويا آهن پر ڪو به ڏس پتو پئجي ناهي سگهيو هنن مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي فرحان چانگ جي آزاد ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج وڌيڪ سخت ڪيو ويندو

ٽنڊو محمد خان ۾ برسات جي وسڪارن ڪانپوءِ روڊن رستن تي پاڻي بيٺل

علائقن ۾ برسات جي تيز وسڪارن ڪانپوءِ ٽرئفڪ جي آمدرفت متاثر ٿي وئي

برساتي پاڻي فوري طور نيڪال ڪرڻ لاءِ ڪي به مناسب اپاءُ نه ورتا ويا آهن؛شهري

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر)ٽنڊو محمد خان ۾ برسات جي وسڪارن ڪانپوءِ روڊن رستن تي پاڻي بيٺل ، انتظاميه اگهور ننڊ ۾ سٽل ، ٽنڊو محمد خان ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ برسات جي تيز وسڪارن ڪانپوءِ برساتي پاڻي روڊن رستن تي جمع ٿيڻ جي ڪري ٽرئفڪ جي آمد رفت سخت متاثر ٿي رهي آهي ته وري شهري علائقن جي واپاري مرڪزن رهائشي علائقن جي پاڙن ۾ پاڻي بيهڻ سان شهرين جي عام زندگي متاثر ٿي رهي آهي شهري علائقي جي اندر ميونسپل انتظاميه جي لاپرواهي جي ڪري برساتي پاڻي فوري طور نيڪال ڪرڻ لاءِ ڪي به مناسب اپاءُ نه ورتا ويا آهن شهري حلقن جو چوڻ آهي ته ميونسپل انتظاميه ۽ ضلعي انتظاميه کي برساتي پاڻي نيڪال ڪرڻ لاءِ هنگامي اپاءُ وٺڻ گهرجن ، عيدالفطر جي اچڻ سان شهر ۾ برساتي پاڻي عوام لاءِ وڌيڪ مشڪلاتون پيدا ڪندو جنهن جي لاءِ هنگامي طور انتظام ڪرڻ گهرجن ، جڏهن ته ڀرپاسي جي علائقن ۾ پڻ مسلسل برساتي وسڪارن ڪانپوءِ گرم موسم جي بعد وري ٿڌو موسم ٿيڻ شروع ٿي ويو ، برسات جي ڪري مواصلات ۽ بجلي جو نظام متاثر ٿي ويو آهي ، ٽنڊو محمد خان کان علاوه بلڙي شاهه ڪريم ۽ ٽنڊو غلام حيدر جي علائقن ۾ پڻ برسات هاچا رسائي ڇڏيا آهن ، جڏهن ته فصلن کي ڪاپاري نقصان ٿي رهيو آهي

عبدالجبار ٽونيو ۽ سردار معظم عباسي وچ ۾ پيدا ٿيل اختلاف ختم ٿي ويو

علائقي جي معززين اڳتي اچي صلح ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو

حاجي عبدالجبار ٽونيو قافلي کي مان ڏيندي معظم عباسي کي معاف ڪري ڇڏيو

وڳڻ (ن ع)سردار محمد علي مير همايون مغيري، رئيس گل حسن مغيري، علي حسن ڏهاڻي ۽ ٻين معززين جي اڳواڻي ۾ هڪ ميڙ منٿ قافلو حاجي عبدالجبار ٽونيو جي اوطاق تي پهتو جتي ٻنهي ڌرين وچ ۾ هلندڙ تڪرار کي ختم ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون ويون.ان موقعي تي آيل معززين پاران سردار معظم عباسي جي طرفان ٿيل غلطي جو اعتراف ڪندي معافي طلب ڪئي وئي، جنهن تي حاجي عبدالجبار ٽونيو وڏي ظرف جو مظاهرو ڪندي ميڙ منٿ قافلي کي عزت ۽ مان ڏيندي سردار معظم عباسي کي معاف ڪري ڇڏيو.صلح بعد علائقي ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي، جڏهن ته معززين پاران چيو ويو ته اهڙيون روايتون امن، ڀائيچاري ۽ گڏيل هم آهنگي کي هٿي ڏين ٿيون هنن وڌيڪ چيو ته اختلافن کي ڳالهين ذريعي حل ڪرڻ ئي سماج جي بهتري لاءِ بهترين رستو آهي.علائقي جي رهواسين به هن صلح کي ڀليڪار ڪندي اميد ظاهر ڪئي آهي ته هاڻي علائقي ۾ امن ۽ سڪون قائم رهندو

محرابپور ۾سينيٽري ورڪر جي گهرواري گم،اهلڪار تي اغوا جو شڪ

امير بخش شيخ ٻارن کي ساڻ ڪري پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج ڪيو

گهرواري کي محرابپور ٿاڻي جي اهلڪار اختيار راڄپر گم ڪيو آهي؛امير بخش

محرابپور(ٿ ر)محرابپور ۾سينيٽري ورڪر جي گهرواري پراسرار نموني گم وارثن جو اهلڪار تي اغوا جو شڪ احتجاج اهلڪار سڃاڻڻ کان ئي انڪار ان ڏس ۾ ٽائون ڪاميٽي محرابپور جي سينيٽري ورڪر امير بخش شيخ پنهنجي گهرواري ڇهن ٻارن جي ماءُ مسمات ڪوڙا جي بازيابي لاءِ ٻارن کي ساڻ ڪري پاڪ ڪتاب کڻي پڊائي پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي ڌانهيو آهي ته سندس جي گهرواري گذريل 25 هين روزي کان گم آهي جنهن جي مسلسل ڳولا ڪرڻ باوجود اڃا تائين ڪوبه ڏس پتو پئجي ناهي سگهيو پورهيت امير بخش شيخ شڪ ظاهر ڪندي چيو ته سندس گهرواري کي محرابپور پوليس ٿاڻي جي اهلڪار اختيار راڄپر گم ڪيو آهي چو ته هو وٽس ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان ايندو رهندو هو هن ايس ايس پي نوشهروفيروز کان مطالبو ڪيو ته ڪيس پلاري ڪتاب جي صدقي گهرواري موٽائي وڃي ته هو نه اختيار راڄپر خلاف ڪا قانوني ڪارروائي ڪندو ۽ نه ئي زال کي ڪا تڪليف ڏيندو ٻئي پاسي الزام هيٺ آيل پوليس اهلڪار اختيار راڄپر پڊائي پريس ڪلب پهچي ميڊيا آڏو ڌانهيندي چيو ته سينيٽري ورڪر امير بخش شيخ پاران زال کي اغوا جي لڳايل الزام ۾ ڪا صداقت ناهي نه مان انهن کي سڃاڻان نه ڪو واسطو رهيو آهي هن چيو ته ان سلسلي ۾ موڙ محرابپور ٿاڻي سميت ايس ايس پي نوشهروفيروز آفيس ۾ پنهنجو بيان جمع ڪرايو آهي ۽ هر فورم تي هر قسم جي صفائي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان هن مطالبو ڪيو ته امير بخش شيخ جي لڳايل الزامن جي اڏدري جاچ ٿيڻ گهرجي

محرابپور ناري جي بازيابي لاءِ وارث احتجاج ڪندي

ٽنڊومحمدخان ۾موٽرسائيڪل چوري ۾ملوث گينگ جو اهم جوابدار گرفتار

جوابدار قادري ٻڙدي کي گرفتار ڪري چوري ٿيل 14موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون آهن؛پوليس

موٽرسائيڪلون ڪارروائي ۽ تصديق کان پوءِ انهن جي اصل مالڪن جي حوالي ڪيون ويون

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر)ٽنڊومحمدخان پوليس جي وڏي ڪاروائي . موٽرسائيڪل چوري ۾ ملوث گينگ جو هڪ اهم جوابدار گرفتار 14 چوري ٿيل موٽر سائيڪلون هٿ ڪرڻ جي دعوا . ٽنڊو محمد خان جي ايس ايس پي حسيب جاويد سومار ميمڻ پاران جوڙيل پوليس جي خاص ٽيم جون ڏوهارين خلاف ڪارروائيون جاري آهن . ڊي ايس پي سي آءِ اي سيد منصب علي شاهه جي اڳواڻي ۾ ايس ايڇ او پوليس اسٽيشن بي سيڪشن ايس ايڇ او پوليس اسٽيشن سٽي انچارج سي آءِ اي ۽ انچارج اسسٽنٽ 15 ڳنڍجي پيشه ورانه مهارت ۽ جديد حڪمت عملي تحت ڪاروائي ڪندي ڳوٺ بخشو ٻڙدي جي رهواسي جوابدار قادر بخش عرف قادري ٻڙدي کي گرفتار ڪري ورتو . گرفتار جوابدار وٽان جاچ دوران 14 چوري ٿيل موٽرسائيڪلون هٿ ڪرڻ جي دعوا ڪئي وئي . جيڪي ضروري قانوني ڪارروائي ۽ تصديق کان پوءِ انهن جي اصل مالڪن جي حوالي ڪيون ويون . پوليس جي اهڙي ڪاروائي کي ٽنڊو محمد خان جي شهرين طرفان ساراهيو ويو . پوليس موجب شروعاتي جاچ ۾ جوابدار موٽرسائيڪل چوري ڪندڙ ٽولي جو ميمبر هجڻ جو اعتراف ڪيو ۽ ضلعي جي مختلف علائقن ۾ ڪيترين ئي ڏوهي سرگرمين ۾ ملوث هجڻ جو انڪشاف ڪيو . ايس ايس پي حسيب جاويد سومار ميمڻ ٻڌايو ت پوليس وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي ۽ ٻين جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن . ٽنڊو محمد خان پوليس شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ پرعزم آهي.

سکر ۾عيدالفطر تي مٺايون،سيويون،ڪيڪ ۽ ٻيون شيون خريدڻ لاءِ شهرين جي رش

دڪانن ۽ اسٽالز تي عيد لاءِ تيار ڪيل مختلف قسم جون مٺايون سجايون ويون

ساڳئي وقت نمڪين بيڪري آئيٽمز جي طلب پڻ وڌي وئي آهي؛دڪاندار

سکر (بيورو رپورٽ)عيدالفطر تي مٺايون،سيويون،ڪيڪ ۽ ٻيون مٺيون شيون خريدڻ جو رش عروج تي پهچي ويو آهي شهر جي مختلف بيڪرين نمڪو دڪانن ۽ مٺائي شاپن تي شهرين جو وڏو رش ڏٺو پيو وڃي جڏهن ته قيمتن ۾ به واڌ ٿي آهي ان سلسلي ۾ ملي عيد جون خوشيون بيهترين ڪرڻ لاءِ شهرين پنهنجن عزيزن ۽ دوستن لاءِ مٺايون ڪيڪ ۽ ٻيون مٺيون شيون تحفي طور خريد ڪرڻ کي ترجيح ڏئي رهيا آهن شهر جي نئين وڏن دڪانن ۽ اسٽالز تي عيد لاءِ خاص طور تي تيار ڪيل مختلف قسم جون مٺايون سجايون ويون آهن شهرين جو وڏو انگ عيد کان هڪ ڏينهن اڳ ئي خريداري شروع ڪري چڪو آهي ساڳئي وقت نمڪين بيڪري آئيٽمز جي طلب پڻ وڌي وئي آهي هر سال وانگر هن سال به عيد لاءِ بيڪريز ۾ آرڊر تي خاص ڪيڪ تيار ڪيا پيا وڃن گهرن ۾ به عيد جا خاص مٺا پڪوان جهڙوڪ شيرخورما، ملي سوئيون کير فرني ۽ شاهه ٽڪر تيار ڪرڻ جا انتظام مڪمل ڪري ڇڏيا ويا آهن گرمي جي سبب آئس ڪريم مشروبات ۽ ڊبا بند جوس جي خريداري ۾ پڻ نمايان واڌ ڏٺي وئي آهي ماهرن موجب ڪيڪ جي طلب مٺائي جي مقابلي ۾ وڌيڪ آهي چو ته اهو هر عمر جي ماڻهن کي پسند آهي ۽ مٺائي جي مقابلي ۾ ڪيڪ ۾ ڪيلوريز به گهٽ هونديون آهن واضح رهي ته عيد لاءِ مٺايون جي تياري چند ڏينهن اڳ ئي شروع ڪئي ويندي آهي ۽ عيد جي ڏينهن ۾ طلب پوري ڪرڻ لاءِ ڪاريگر ڏينهن رات محنت ڪري مٺايون تيار ڪندا آهن

ملي ۾نماز عيدالفطر کان پوءِ شيعه علماءِ ڪائونسل پاران احتجاج

آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف نعريبازي ڪندي ايران جي حق ۾صدائون بلند

آمريڪا ۽ اسرائيل جي ايران تي کلي جارحيت جي مذمت ڪئي وئي

ملي (ڊ ر)ملي ۾ نماز عيدالفطر ادا ڪرڻ کان پوءِ شيعه علماءِ ڪائونسل پاران ايران سان اظهار يڪجهتي طور احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو جنهن ۾ مراد علي بجير گل محمد بجير وڪيل عاشق علي بجير حسن فوجي ۽ ٻين حصو ورتو. هنن امريڪا ۽ اسرائيل جي ايران تي کلي جارحيت جي مذمت ڪئي ۽ آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف سخت نعري بازي ڪندي ايران جي حق ۾ صدائون بلند ڪيون

نوان جتوئي شهر ۾بدامني،ڦرلٽ خلاف ۽ قاتلن جي گرفتاري لاءِ شٽربند هڙتال، احتجاجي مظاهرو،ڌرڻو

سنڌ ترقي پسند پارٽي ۽ ٻين سياسي سماجي تنظيمن،شهرين جي سڏ تي شهر ۾شٽربند هڙتال ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

شهر ۾بدامني چوٽ چڙهيل آهي پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي روزانا ڦرن جو وارداتون شريف شهري قتل ٿي رهيا آهن؛دائود عمراڻي

پوليس ڪوبه جوابدار گرفتار ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪام وئي آهي جنهن ڪري شهرين ۾خوف هراس ڇانيل آهي؛ عبدالحميد پنهور

مورو(ن ع)مورو تعلقي جي نوان جتوئي ۽ آسپاس وارن علائقن ۾ وڌندڙ بدامني، ڦرلٽ چورين ۽ مقتول سعيد احمد جتوئي جي قاتلن نيوي اهلڪار پير بخش ڪوسو کي زخمي ڪندڙ جوابدارن جي گرفتاري، وڌندڙ قتل عام خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي ۽ ٻين سياسي سماجي تنظيمن شهرين جي سڏ تي شهر ۾شٽربند هڙتال احتجاجي مظاهرو ڪري ريلي ڪڍي وئي ۽ ڌرڻو هنيو ويو.جنهن جي اڳواڻي ڊاڪٽر دائود عمراڻي، عبدالحميد پنهور ولايت حسين چانڊيو جي ايم ڪوسو رفيق احمد جتوئي، مسعود جتوئي، ياسر علي جتوئي، منظور خاصخيلي، علي محمد ٻهراڻي وڏيرو عبدالقيوم خاصخيلي پرويز ڪوسو غلام ياسين ڪوسو محمد رمضان ڪوسو وحيد ملاح، سيٺ سليم خاصخيلي لطيف چانڊيو حاجن ڪوراڻي اسحاق جتوئي، نجف ڪوسو مختيار جتوئي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا هنن خطاب ڪندي چيو آهي نوان جتوئي شهر ۾ بدامني چوٽ چڙهيل آهي پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي روزانا ڦرن جو وارداتون شريف شهري قتل ٿي رهيا آهن ۽ زخمي ٿي رهيا آهن پوليس ڪوبه جوابدار گرفتار ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪام وئي آهي جنهن ڪري شهرين ۾خوف هراس ڇانيل آهي هنن مطالبو ڪيو ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري عوام ۾ڦهليل بي چيني دور ڪئي وڃي

مورو نوان جتوئي شهر ۾بدامني،ڦرلٽ خلاف ۽ قاتلن جي گرفتاري لاءِ شٽربند هڙتال

ايم پي اي فقير شير محمد بلالاڻي،سراج سومرو جي مامي جي وفات تي تعزيت ڪئي

ملي (ڊ ر)پ پ ايم پي اي فقير شير محمد بلالاڻي ڳوٺ گوڏيار سومرا پهچي پ پ پ تعلقه ملي صدر سراج سومرو جي مامي جي وفات تي پونئيرن سان تعزيت ڪئي. هن اسلام ڪوٽ پهچي ڊاڪٽر شنڪر لال وانڪواڻي جي پيءُ جي وفات تي پونئيرن سان تعزيت ڪئي.ان موقعي تي ٽائون چيئرمين اسلام ڪوٽ ڪمليش ڪمار پارواڻي، گهنشام داس پارواڻي ۽ ڪامريڊ اسماعيل سميجو پڻ گڏ هئا

چڪ ۾گهر جي پٽ ڪرڻ تان ڀائرن ۾جهيڙو،ننڍي ڀاءُ هٿان وڏو ڀاءُ بيدرديءَ سان قتل

گهر جي پٽ ڪري نئين اڏاوت تان سڳن ڀائرن وچ ۾جهيڙو ٿي پيو،ننڍي ڀاءُ ارسلان وڏي ڀاءُ رفيق کي ڪهاڙين جا وار ڪري قتل ڪري فرار

لاش اسپتال منتقل ضروري ڪارروائيءَ بعد وارثن حوالي لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو،عيد جون خوشيون ماتم ۾تبديل

رفيق ولد شاهنواز ڌمرو جو قتل جو ڪيس داخل نٿي سگهيو،قتل جو سبب معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ ڪئي پئي وڃي؛پوليس

چڪ (ن ع)رت جا رشتا هڪبئي جي رت جا پياسا چڪ ۾ ننڍي ڀاءُ هٿان وڏو ڀاءُ قتل گهر جي پٽ ڪرڻ تان ڀائرن ۾جهيڙو،ننڍي ڀاءُ هٿان وڏو ڀاءُ بيدرديءَ سان قتل،رت جي رشتن ۾ رشتن جو احساس نه رهيو چڪ شهر ۾ ننڍي ڀاءُ هٿان وڏو ڀاءُ قتل گهر جي پٽ ڪري پٽي جنهن جي اڏاوت تان سڳن ڀائرن وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ننڍي ڀاءُ ارسلان ولد شاهنواز ڌمرو پنهنجي وڏي ڀاءُ رفيق کي ڪهاڙين جا وار ڪري قتل ڪرڻ بعد فرار ٿي ويو عيد جون خوشيون ماتم ۾ تبديل لاش اسپتال منتقل ضروري ڪارروائيءَ بعد وارثن حوالي لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو قتل جو سبب معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ ڪئي پئي وڃي، پوليس جڏهن ته قتل جو ڪيس داخل نٿي سگهيو



چڪ ننڍي ڀاءُ هٿان قتل ٿيل رفيق جي حياتي جي تصوير

سکر ۾عيد الفطر تي گلن جي طلب ۾ غير معمولي واڌ ٿي وئي

شهر جي گلن جي دڪانن تي قيمتون پڻ وڏي تيزي سان وڌي ويون

سرڪاري سطح تي گلن جي قيمتن جي نگراني نه ٿي ڪئي وڃي ٿي؛شهري

سکر (بيورو رپورٽ)عيد الفطر جي اچڻ سان گلن جي طلب ۾ غير معمولي واڌ ٿي وئي آهي جنهن جي سبب گلن جون قيمتون پڻ وڏي تيزي سان وڌي ويون شهر جي گلن جي ڪاروباري حلقن موجب رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي ۾ ختم القرآن ۽ اعتڪاف جي پوري ٿيڻ ۽ پنهنجن پيارن جي قبرن تي گلن جي چادر چڙهائڻ جي رواج سبب گلن جي گهرج ۾ خاص اضافو ٿيو آهي ان کان علاوه عمره جي ادائيگي کانپوءِ شهرين پنهنجن علائقن ڏانهن واپس اچڻ شروع ڪئي آهن ۽ ان موقعي تي پڻ گل وڏي پيماني تي استعمال ٿي رهيا آهن عيد جي موقعي تي پيداوار جي مقابلي ۾ گهرج وڌڻ سبب قيمتون پڻ آسمان سان لڳيون آهن گلن جي ڪاروباري ماڻهن موجب عيد جي اچڻ سان گڏ نفعي خوري جو آغاز ٿي ويو آهي ۽ منافعت خور مافيا پڻ موقعو وٺندي قيمتون وڌيڪ وڌايون چو ته سرڪاري سطح تي گلن جي قيمتن جي نگراني نه ڪئي وڃي ٿي ،شهرين هن صورتحال تي نوٽيس وٺندي مطالبو ڪيو آهي ته حڪومت گلن جي قيمتن تي ڪنٽرول ڪري، جيئن عام

محرابپور ۾عيدالفطر جو ڏهاڙو نهايت عقيدت احترام ۽ جوش جذبي سان ملهايو ويو

محرابپور (ٿ ر)محرابپور ۾ عيدالفطر جو ڏهاڙو نهايت عقيدت احترام ۽ جوش جذبي سان ملهايو ويو شهر جي مرڪزي عيد گاهه سميت مختلف مسجدن ۽ امام بارگاهن ۾ عيد نماز جا اجتماع ٿيا جتي مختلف سياسي سماجي مذهبي اڳواڻن صحافين شهرين علائقي واسين عيد نماز ادا ڪئي ۽ ملڪ سنڌ جي ترقي خوشحالي امن ڀائيچاري جون دعائون گهريون جنهن بعد هڪ ٻئي سان محبتون ونڊيندي عيد مبارڪون ڏنيون ٻئي پاسي شهرين پاران شهر ۽ آسپاس جي مختلف قبرستانن تي پهچي ڌرتي هنج سمهيل پنهنجي پيارن جي قبرن تي گل نڇاور ڪري مغفرت جي دعا گهريون

احسان آرائين اغوا ڪري تشدد ۽ زيادتي ڪري وڊيوز ٺاهيون؛سڪينه ملڪ

روزي ۾ هئس،طبيعت خراب ٿي وئي،جوبدار موٺڪي ٽراما سينٽر ڇڏي فرار ٿي ويو

مون اهڙي ظلم جو وومين پوليس نوابشاهه کي اطلاع ڏنو پر پوليس مدد نه ڪئي

جوابدار منهنجي ڀيڻ کي اغوا ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي پيو،وس وارا نوٽيس وٺن

نوابشاهه (ڊ ر)پيپلز ميڊيڪل اسپتال نوابشاهه جي نرسنگ ڪاليج جي فائنل ايئر جي شاگرديائي پڪا چانگ وساڻ سڪينه ملڪ پاران مبينه طور تي جوبدار احسان آرائين تي الزام لڳائيندي چيو آهي ته مان نرسنگ ڪاليج نوابشاهه ۾ پڙهندي آهيان ۽ چار مارچ تي جوبدار احسان آرائين ٻن دوستن جي مدد سان موٺڪي شهر مان زبردستي ڪار ۾ اغوا ڪري شهر ٻاهران هڪ فئڪٽري جي ويران ڪنهن جاءِ ۾ وٺي ويو جتي هن تشدد ڪرڻ سان گڏ زيادتي ڪئي ۽ منهنجي نازيبا وڊيوز پڻ ٺاهيون هن چيو ته مان روزي ۾ هئس منهنجي طبيعت خراب ٿي وئي ته جوبدار موٺڪي ٽراما سينٽر نوابشاهه ۾ڇڏي فرار ٿي ويو مون اهڙي ظلم جو وومين پوليس نوابشاهه کي اطلاع ڏنو پر پوليس مدد نه ڪئي ۽ مون عدالت سان رجوع ڪيو ۽ 11 مارچ تي منهنجو ميڊيڪل ڪيو ويو جنهن کان پوءِ جوابدار موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي ۽ منهنجي خاندان منهنجي ننڍڙي ڀيڻ کي اغوا ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي پيو وس وارا منهنجو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪن هوڏانهن پي ايم سي اسپتال جي پوليس سرجن جي آفيس سپرنٽينڊنٽ دين محمد زرداري تصديق ڪندي چيو آهي ته عدالت جي حڪم تي سڪينه ملڪ جو ميڊيڪل ڪيو ويو هو شروعاتي رپورٽ ۾ ڏاڍائي جي تصديق ٿئي آهي وڌيڪ ڊي اين اي ڪرائڻ لاءِ رپورٽون روهڙي ليبارٽري موڪليون ويون آهن هوڏانهن الزام هيٺ آيل احسان آرائين ميڊيا کي موقف ڏيندي چيو ته مون تي سڪينه ملڪ جا لڳايل الزام ڪوڙا آهن معاملو عدالت ۾ آهي ته پوءِ سڪينه ملڪ منهنجو ميڊيا تي ڪردار ڪشي چو پئي ڪري

مٽياري ۾لينڊڪروز گاڏي جو موٽر سائيڪل سوارن کي ٽڪر،2 ڄڻا زخمي

مٽياري (ڊ ر)مٽياري نيشنل هاءِ وي تي ڪجهه ڏينهن اڳ لينڊڪروز گاڏي جو موٽر سائيڪل سوارن کي ٽڪر جنهن جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا هئا زخمين ۾ احسان منگنهار ولد مشتاق منگنهار دلاور ولد حسين ملاح ٿيا هئا جنهن ۾ هڪ ڄڻي احسان منگنهار شديد زخمي هو جيڪو ڪلٽي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد منتقل ڪيو ويو هو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي دم ڌڻي حوالي ڪيو ويو جڏهن ته گاڏي جي مالڪ يوسي چيئرمين جمشيد سمون زخمي ٿيل منگنهار برادري ۽ ملاح برادريءَ جي نوجوانن جي وارثن ۽ جمشيد احمد سمون جي وچ ۾ ڳالهيون ٿي گذريون . ان موقعي تي ملاح برادري ۽ منگنهار برادري جي وارثن طرفان سمان برادري کي مان بخشيو ويو جڏهن ته جمشيد سمون طرفان متاثر نوجوانن جي ڀرپور نموني سان مالڪي جي ذميواري کنئي وئي

ڪوٽڙي ۾سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي جي ملازمن جو پيادل مارچ

16 مهينن جي پگهار کان محروم آهيون،حقن جي لاءِ نڪتا آهيون؛ملازم

رمضان کان وٺي پنهنجا گهر ڇڏي ڪراچي ۾بي يارو مددگار احتجاج ڪياسين

ڪوٽڙي سائيٽ(ن ع)ڪوٽڙي ۾ سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي جي ملازمن جو ڪراچي ۾احتجاج کان پوءِ پنهنجي پگهارن جي لاءِ پيادل مارچ ايمپلائز ورڪرز يونين جي شبير ٻنگ، غلام مرتضىٰ جمالي، آصف جمالي ۽ محمد خان ڪوسو جي اڳواڻي ۾ المدينا چوڪ ڪوٽڙي کان ڄامشورو پريس ڪلب ايٽ ڪوٽڙي پهتو جتي ملازمن اداري جي ناانصافين خلاف ڇتي نعريبازي ڪري پنهنجي پگهارن جي لاءِ سخت احتجاج ڪيو جتي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان 16 مهينن کان وٺي پگهارن کان محروم آهيون پنهنجي حقن جي لاءِ نڪتا آهيون رمضان کان وٺي پنهنجا گهر ڇڏي ڪراچي جي روڊن تي بي يارو مددگار احتجاج ڪياسين سنڌ گورنمينٽ بجائي جو اسان جو مسئلو حل ڪري ويتر اسان جي ڪئمپ جنهن ۾ پيل هنڌ، بسترا ۽ ٻيو سامان ڪٽائي گم ڪري ڇڏيو . هنن چيو ته اسان جو ڏوهه صرف پنهنجي ٻچن جي پيٽ لاءِ روزي جي گهر ڪرڻ هو . اڳواڻن چيو ته سنڌ جو ايترو وڏو ادارو اڄ مالي بحران جو شڪار بڻجي ويو آهي ۽ سوين ملازم ڪيترن ئي مهينن کان پگهارن کان محروم آهن. جيڪا سندن جي غفلت آهي اداري اندر ڪرپشن ڪئي ٿي وڃي جنهن سبب ادارو مالي بحران جو شڪار آهي مسلسل احتجاج باوجود حڪومت ڪو به سنجيده قدم کڻڻ لاءِ تيار نه آهي نه ئي ڪو اهڙو اثرائتو قدم کنيو ويو آهي جنهن سان پگهار جو مسئلو حل ٿي سگهي اهڙي صورتحال سبب ملازمن ۾ سخت بيچيني پيدا ٿي آهي. عيد جهڙي اهم ڏينهن تي به ملازم پگهارن کان محروم هوندا ۽ سندن جي گهرن ۾ فاقا ڪشي واري صورتحال هوندي ملازمن جا ٻچا عيد جي خرچين ۽ نون ڪپڙن کان به محروم هوندا جيڪو انتهائي افسوسناڪ عمل آهي. هنن سنڌ جي وڏي وزير کان مطالبو ڪيو ته هو پنهنجي اباڻي ضلعي جي هن اداري جي خراب حالت جو نوٽيس وٺي ۽ فوري طور مسئلا حل ڪرائي. مظاهرين الزام لڳايو ته اداري ۾ ملازمن سان سوتيلي ماءُ جهڙو سلوڪ ڪيو پيو وڃي. پگهار ملازمن جو بنيادي حق آهي ۽ هو پنهنجي حقن لاءِ آخري دم تائين جدوجهد جاري رکندا. پوليس جي دٻاءُ يا هراسان ڪرڻ سان هو پنهنجو احتجاج ختم نه ڪندا. سنڌ جي ٻين اٿارٽين جي پيٽ ۾ ڄامشورو ۾ هن اداري کي تباهه ڪيو ويو آهي ۽ ڪرپشن جي ور چاڙهيو ويو آهي. حڪومت جي ذميواري آهي ته ڪرپشن جو خاتمو ڪري ۽ اداري کي خاص گرانٽ جاري ڪري ته جيئن مالي مسئلا حل ٿي سگهن. سنڌ هاءِ ڪورٽ طرفان ڏنل فيصلي مطابق ملازمن کي سرپلس پول ذريعي پگهارون ڏيڻيون هيون پر ان تي به عمل ناهي ڪيو ويو. مظاهرين جو چوڻ هو ته جيڪڏهن سنجيدگي سان قدم کنيا وڃن ته هي ادارو ٻيهر ڪارائتو بڻجي سگهي ٿو.هنن حڪومت سنڌ جي وڏي وزير ۽ صوبائي وزير بلديات کان مطالبو ڪيو آهي ته اسان جو پگهارون ڏنيون وڃن ۽ اداري کي سرپلس ڪري مسئلا حل ڪيا وڃن ته جيئن اداري جا ملازم سڪون جي زندگي گذاري سگهن

ڪوٽڙي سائيٽ سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي جا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

باڊهه ۾درگاهه الله آباد شريف جي سجاده نشين سچڻ سائين جي سالگره ملهائي وئي

باڊهه (ن ع)باڊهه ۾ جماعت اصلاح المسلمين برانچ پاران جماعت جي سرواڻ ۽ درگاهه الله آباد شريف ڪنڊيارو جي سجاده نشين حضرت سچڻ سائين جن جي سالگره ملهائي وئي جماعت جي سينيئر اڳواڻ نور احمد هيسباڻي جي ميزبانيءَ ۾ سندس رهائش تي منعقد تقريب ۾ برانچ جي صدر و سرپرست خليفه معشوق علي مسڻ، حافظ دودو مسڻ، فقير برڪت علي ملاح، وقار احمد پلاڻ نويد رضا مسڻ، محمد طاهر هيسباڻي، حسان نور هيسباڻي، محبوب علي ملاح گڏجي سچڻ سائين جن جي 63 هين سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ان موقعي تي تلاوت، نعت ۽ منقبت سان گڏ حلقه ذڪر جو پڻ اهتمام ڪيو ويو. سالگره تقريب کي خطاب ڪندي خليفه معشوق علي مسڻ نور احمد هيسباڻي ۽ ٻين چيو ته سچڻ سائين جن دؤر جي اها عظيم شخصيت آهن جيڪي الله جو ذڪر سنت رسول اتباع سان گڏ معاشري ۾ بنا ڪنهن رنگ، نسل ۽ فرقي واري متڀيد جي تمام انسانن سان پيار ڪرڻ ۽ فلاحي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ جو درس ڏئي رهيا آهن

ڊي سي ٿرپارڪر پاران صحتمند ماءُ ۽ ٻار جي حوالي سان گڏجاڻي

ملي (ڊ ر)ڊي سي ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي جي هدايتن تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ٿرپارڪر لياقت علي لنڊ جي صدارت هيٺ صحتمند ماءُ ۽ ٻار جي حوالي سان گڏجاڻي ٿي گذري، گڏجاڻي ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون لياقت علي لنڊ لاڳاپيل عملدارن کان ٿرپارڪر ۾ صحت مند ماءُ ۽ ٻار جي حوالي سان بريفنگ ورتي ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ٿرپارڪر لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪندي چيو ته صحت مند زندگيءَ جي لاءِ صحت مند ماحول جو هجڻ لازمي آهي ته جيئن صحتمند ماحول ۾ صحت مند ٻار جنم وٺي سگهن. هن چيو ته ٿرپارڪر ۾ غذائيت تي بهتر ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي ماءُ ۽ ٻار جي صحت مند رهڻ لاءِ بهتر آگاهي پروگرام منعقد ڪيا وڃن جيئن عام ماڻهو کي ان بابت ڄاڻ ملي سگهي، ٿرپارڪر جي ٻهراڙي جي ڳوٺن ۾ وڌيڪ آگاهي پروگرام ڪرائڻ جي ضرورت آهي

سڪرنڊ ۾ مري ۽ چانڊيا برادرين ۾هلندڙ تڪرار جي نبيري لاءِ ميڙ منٿ قافلو پهتو

سليمان چانڊيو جي والد نظير احمد سميت وارثن وٽ ميڙ منٿ قافلو پهتو

سڪرنڊ (س ر)ڇهه مهينا اڳ سڪرنڊ ۾ قتل ٿيل نوجوان شهيد سليمان چانڊيو جي قتل خلاف الزام هيٺ آيل مري برادري ۽ چانڊيا برادريءَ ۾ هلندڙ تڪرار جي نبيري لاءِ مرحوم جي والد حاجي نظير احمد چانڊيو سميت سندس وارثن وٽ ميڙ منٿ قافلو پهتو جنهن جي اڳواڻي چانڊيا برادريءَ جي سردار غيبي سردار خان چانڊيو ، قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفى شاهه ، سنڌ ۾ راڄوڻي فيصلن جي آمين طور شهرت ماڻيندڙ حاجي علي نواز چانڊيو ، پرويز احمد چانڊيو ۽ نظير الدين چانڊيو جن ڪئي جيڪي شهيد سليمان چانڊيو جي والد نظير احمد چانڊيو وٽ پهچي سندس فرزند شهيد سليمان چانڊيو جي وفات تي ڏک جو اظهار ڪرڻ بعد ڪين مري برادريءَ پاران سندن نوجوان جي خون جو راڄوڻي نبهوار ڏيڻ لاءِ وٽن ميڙ ڪري اچڻ جو چيو ۽ ڪين مڪمل انصاف جي خاطري ڪرائي جنهن تي شهيد جي وارثن آيل قافلي کي مان ڏيندي چيو ته ٿڏي آيلن کي عزت ڏيڻ سنڌ جي قديم روايت رهي آهي اوهان لاءِ به لک عزتون آهن باقي اسان پنهنجي عزيزن ۽ دوستن سان صلاح مشورو ڪري پوءِ ٻڌائينداسين منٿ ميڙ قافلي بعد حاجي علي نواز چانڊيو ميڊيا کي ٻڌايو ته ان شاءَ الله بهتر موٽ ملندي ۽ شهيد جي خون سان انصاف ٿيندو جنهن ۾ ايم اين اي سيد غلام مصطفى شاهه جن جو اهم ڪردار آهي جنهن جي ڪوشش سان چانڊيا مري تڪرار کي ٻنجو اچي سگهي ٿو

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پهلوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

سومر 23 مارچ 2026ع

23 مارچ - عزم جو ڏينهن!

23 مارچ پاڪستان جي قومي تاريخ جو اهو روشن باب آهي، جنهن برصغير جي مسلمانن جي سياسي، سماجي ۽ فڪري جدوجهد کي هڪ واضح رخ ڏنو 1940ع ۾ لاهور جي منٽو پارڪ ۾ پيش ڪيل قراردادِ پاڪستان، ننڍي کنڊ جي مسلمانن لاءِ هڪ الڳ ۽ خودمختيار رياست جي قيام جو بنيادي نقشو مهيا ڪيو هيءَ قرارداد ڪنهن اوچتي فيصلي جو نتيجو نه هئي پر ان جي پويان سالن جي شعوري جدوجهد، سياسي بصيرت ۽ اجتماعي احساس محروميءَ جو پس منظر موجود هو برصغير ۾ مسلمانن جي سياسي سڃاڻپ کي خطري ۾ وجهندڙ حالتن، خاص ڪري هندو اڪثريت واري نظام جي امڪاني غلبي، هتان جي مسلمانن کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪيو ته سندن مذهبي، ثقافتي ۽ معاشي حقن جي حفاظت لاءِ هڪ الڳ وطن ضروري آهي. اهڙي وقت ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي قيادت، خاص طور تي قائداعظم محمد علي جناح، مسلمانن کي هڪ واضح منزل ڏني. 23 مارچ 1940ع تي پيش ڪيل قرارداد ۾ اهو مطالبو ڪيو ويو ته برصغير جي اتر اولهه ۽ اوڀر وارن علائقن ۾ جتي مسلمان اڪثريت ۾ آهن، انهن کي آزاد ۽ خودمختيار رياستن جي صورت ۾ منظم ڪيو وڃي.

قراردادِ پاڪستان جو اصل مقصد صرف هڪ جغرافيائي حدبندي نه پر هڪ اهڙي رياست جو قيام هو جتي مسلمان پنهنجي مذهب، ثقافت ۽ معاشرتي قدرن موجب آزاد زندگي گذاري سگهن. اها قرارداد هڪ سياسي دستاويز هئڻ سان گڏ هڪ فڪري منشور پڻ هئي، جنهن مسلمانن کي هڪ قوم جي حيثيت سان پنهنجو وجود مڃرائڻ جو حوصلو ڏنو ان قرارداد کان اڳ هتان جا مسلمان مختلف علائقن، ٻولين ۽ ثقافتن ۾ ورهايل هئا پر هن قرارداد کين هڪ گڏيل سڃاڻپ ڏني.

23مارچ جو ڏينهن اسان کي اهو به سيکاري ٿو ته قومون صرف خواهشن سان نه پر منظم جدوجهد ۽ واضح قيادت سان منزل حاصل ڪنديون آهن. قراردادِ پاڪستان جي منظوريءَ کان پوءِ، مسلمانن جي جدوجهد وڌيڪ تيز ٿي ۽ صرف ست سالن جي مختصر عرصي ۾ 1947ع ۾ پاڪستان جو قيام عمل ۾ آيو اهو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته جڏهن قوم متحد ٿي هڪ مقصد لاءِ بيهي ٿي ته ڪاميابي ان جو مقدر بڻجي ويندي آهي. اڄ جي دور ۾ جڏهن اسان 23 مارچ ملهايون ٿا ته اهو ضروري آهي ته ان ڏينهن جي اصل روح کي سمجهون. جيتوڻيڪ هِن ڀيري خطي ۾ جاري جنگ سبب اِهو ڏينهن انتهائي سادگيءَ سان ملهايو پيو وڃي، جڏهن ته ان جي حقيقي پيغام تي گهٽ ڌيان ڏنو وڃي ٿو قراردادِ پاڪستان اسان کان تقاضا ڪري ٿي ته اسان هڪ اهڙو معاشرو قائم ڪريون، جتي انصاف، برابري ۽ قانون جي حڪمراني هجي. اڄ پاڪستان کي جيڪي مسئلا درپيش آهن، انهن ۾ سياسي عدم استحڪام، معاشي بحران، ڪرپشن ۽ سماجي ناانصافيون شامل آهن. جيڪڏهن اسان واقعي قراردادِ پاڪستان جي روح سان وفادار رهڻ چاهيون ٿا ته اسان کي انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ سنجيده ڪوششون ڪرڻيون پونديون. هڪ مضبوط ۽ خوشحال پاڪستان ئي ان قرارداد جي اصل تعبير ٿي سگهي ٿو نوجوان نسل لاءِ 23 مارچ جو ڏينهن خاص اهميت رکي ٿو اهي ئي ملڪ جو مستقبل آهن ۽ انهن تي ذميواري آهي ته هو پنهنجي تاريخ کان واقف ٿين ۽ ان مان سبق حاصل ڪن. کين گهرجي ته هو علم، محنت ۽ ايمانداريءَ کي پنهنجو شعار بڻائين ۽ ملڪ جي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن.

بهرحال، قراردادِ پاڪستان صرف ماضي جي هڪ يادگار نه پر مستقبل لاءِ هڪ راهه آهي. اها اسان کي ياد ڏياري ٿي ته اسان جي وڏڙن وڏي قربانيون ڏئي هيءُ ملڪ حاصل ڪيو ۽ هاڻي اسان جي ذميواري آهي ته ان کي هڪ مثالي رياست بڻايون. اچو ته 23 مارچ جي موقعي تي اهو عزم ڪريون ته اسين اتحاد، ايمان ۽ تنظيم جي اصولن تي عمل ڪندي پاڪستان کي ترقي ۽ خوشحاليءَ جي راهه تي گامزن ڪنداسين.

آمريڪا جي فضائن مان

خوشين جي وچ ۾ جاڳندڙ حقيقت، جيئرن انسانن لاءِ هڪ خاموش پيغام!


راجا زاهد اختر خانزاده

ڪجهه لمحا اهڙا هوندا آهن، جيڪي رڳو گذري نٿا وڃن پر انسان جي اندر سوال بڻجي بيهي رهن ٿا. جيڪي ڪجهه اسان ڏسون ٿا، اهو رڳو منظر ناهي هوندو پر وقت جي سامهون جيئرن انسانن جي هڪ خاموش شاهدي هوندي آهي.

اڄ عيد جو ٽيون ۽ آخري ڏينهن آهي. خوشين، ملاقاتن ۽ مسڪراهٽن جو ڏينهن پر ساڳئي ڏينهن هڪ ٻي حقيقت به اسان سان گڏ ساهه کڻي رهي آهي. هڪ اهڙي حقيقت جيڪا شور نه ڪندي آهي پر دل جي گهراين تائين لهي ويندي آهي ۽ انسان کي روڪي اهو سوچڻ تي مجبور ڪندي آهي ته هن زندگيءَ جي اصل معنيٰ ڇا آهي؟ اسان ڪٿي بيٺل آهيون ۽ ڪٿي وڃي رهيا آهيون؟

اڄ مان آمريڪا ۾ الواقع الروضہ مسلم قبرستان ۾ پنهنجي والد جي قبر وٽ بيٺو هئس. عبداللطيف خان خانزاده.

نالو پٿر تي لکيل هو پر اصل ڪهاڻي منهنجي دل ۾ ڌڙڪي رهي هئي. هٿ ۾ گل هئا....

.....۽ دل ۾ سوال...

هتي هر قبر جي پنهنجي هڪ ڪهاڻي آهي. ڪجهه قبرون تازن گلن سان سينگاريل هيون جڻ ڪو اڃا تازو پنهنجي محبت جو اظهار ڪري ويو هجي ۽ ڪجهه اهڙيون قبرون به هيون، جيڪي خاموش ۽ گلن کان خالي هيون، جڻ انهن سان جڙيل يادون هن مصروف دنيا ۾ ڪٿي وڃائجي ويون هجن. انهيءَ لمحي دل چيو:

اسان زندگيءَ ۾ ايترا مصروف ٿي وڃون ٿا جو جن اسان کي آڱر پڪڙي ٻالڪپڻ کان جوانيءَ تائين پهچايو هو جن سان گڏ ڏکن ۽ سُکن جا ڪيترائي سال گذاريا، جيڪي اسان لاءِ جيئندا رهيا ۽ اسان جن لاءِ جيئندا رهياسين. اڄ اسان انهن لاءِ وقت به نٿا ڪڍي سگهون. اسان جون ترجيحون بدلجي ويون آهن.

اسان مفادن جي هن دنيا ۾ پنهنجن فائدن جي دائري ۾ قيد ٿي ويا آهيون يا ڪنهن نئين محبت جي تلاش ۾ پراڻيون، بي لوث محبتون پوئتي ڇڏي ڏنيون اٿون ۽ انهن ئي سوچن وچ ۾ انسان پاڻ کان به پري ٿيندو وڃي ٿو

پوءِ نبي ڪريم ﷺ جي اها حديث دل ۾ گونجي:

"مسلمانو، قبرستان وڃو، چو ته اهو اوهان کي موت جي ياد ڏياري ٿو." شايد هن حديث جي پويان اها حڪمت آهي ته جيڪڏهن انسان موت کي سچي دل سان ياد رکي ته هو هن دنيا ۾ هڪ سٺو انسان بڻجي سگهي ٿو.

اها ياد ئي اصل شعور آهي. جيڪڏهن اها دل ۾ لهي وڃي ته انسان بدلجي وڃي ٿو. اها خودغرضي، جيڪا اسان کي ٻين کان ڌار ڪري ٿي.

اهو فريب، جيڪو عارضي فائدو ڏئي ٿو.

اهو ڪوڙ جنهن سان اسين پاڻ کي ۽ ٻين کي دوکو ڏيندا آهيون، اهي سڀ بي معنيٰ لڳن ٿا.

پر سچ اهو به آهي ته هن مادي دنيا ۾ ڪجهه ماڻهو ڄاڻي واڻي به نٿا بدلجن.

اهي سڄي زندگي چهرا بدلائيندا رهن ٿا، سچ کي ٽوڙيندا رهن ٿا ۽ ماڻهن کي پنهنجي فريب ۾ ڦاسائي پنهنجا مقصد حاصل ڪندا رهن ٿا پر هڪ سچ آهي، جيڪو ڪڏهن به نٿو بدلجي.

الله دلين جا حال ڄاڻي ٿو. قبرستان وڃڻ اسان کي رڳو موت جي ياد نٿو ڏياري پر اهو اسان کي زندگيءَ جو اصل مقصد به سيکاري ٿو. اصل ڪاميابي اها ناهي، جيڪا دنيا کي نظر اچي، بلڪ اصل ڪاميابي اها آهي، جيڪا رب جي اڳيان قبول ٿئي.

مون پنهنجي والد جي قبر تي گل رکيا پر انهيءَ لمحي هڪ ٻيو سچ به دل ۾ جاڳيو ته قبر تي رکيل گل محبت جي علامت ته آهن پر اصل تحفو گل ناهن. اصل تحفو اها زندگي آهي، جيڪا اسان پنهنجي والدين جي تربيت، انهن جي قربانين، انهن جي دعائن ۽ انهن جي ياد جي نالي تي بهتر، سچي ۽ باوقار بڻايون. اها زندگي، جنهن ۾ ڪردار جي خوشبوءِ هجي، عمل ۾ ايمانداري هجي، لفظن ۾ رحم هجي ۽ فيصلن ۾ اها روشني هجي، جيڪا اسان کي انهن کان ملي.

اهي لفظ رڳو لکيا ئي نه ويا آهن پر اهي دل جي هڪ اهڙي ڪنڊ مان نڪتا آهن، جتي ياد، محبت، ندامت، دعا ۽ سچ گڏ ٿي وڃن ٿا.

شايد هيءُ ڪالم هر ان انسان لاءِ هڪ خاموش پيغام بڻجي وڃي، جيڪو اڃا زنده آهي ته قبرن تي وڃڻ رڳو مئلن کي ياد ڪرڻ ئي ناهي پر جيئرن کي جاڳائڻ لاءِ به آهي ته جيئن اسين پاڻ سنڀاليون ۽ بدلجي وڃون ۽ ان کان اڳ جو دير ٿي وڃي. پنهنجي زندگي اهڙي بڻايون جو جڏهن اسان جو نالو به ڪنهن پٿر تي لکجي ته اسان جي پويان رڳو گل نه پر سٺيون شاهديون به ڇڏيون وڃن.

اڃا به وقت آهي ته بدلجي وڃو. ان کان اڳ جو اوهان به رڳو هڪ نالو بڻجي پٿر تي رهجي وڃو ۽ ڪو اڄ اوهان جي قبر وٽ بيهي اهو سوال ڪري ته توهان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڇا ڪيو؟ محبت يا رڳو نشان؟

'عيد جو تحفو فلم ۽ سئنيما رجيم چينج'

مير اعظم علي ٽالپر

دنيا، جنهن جو نئون دنيا آهي اها دنيا ڪالهه به ساڳي 'دنيا' هئي ته اڄ به اهائي ساڳي دنيا آهي پر وقت ۽ حالتن سان گڏوگڏ دنيا به بدلجي وئي آهي ريتون، رسمون ۽ رواج به بدلجي چُڪا آهن نون طريقن پراڻن طريقن کي ماضيءَ جي اونداهيءَ ۾ دفن ڪري ڇڏيو آهي زمانو بدلجي ويو، وقت ڦري ويو، ماڻهو تبديل ٿي ويا، رويا به متجي ويا، هڪڙي نسل وارا جهونا ماڻهو هڪ هڪ ٿي موڪلائي ويا، نئين نسل جا نوجوان دنيا ۾ اچي ويا. ڳالهائڻ ۽ لکڻ ۾ ٻولي ساڳي هوندي به نون لفظن ۽ اکرن واري ٿي وئي اڄ عيد جو ڏينهن آهي، جيستائين هي دنيا جهان قائم آهي عيد 'عيدالفطر' ايندي رهندي پر 1960ع ۽ 1970ع جي زماني واري عيد ۽ هاڻوڪي زماني واري عيد مذهبي طرح پهرين ساڳي آهي پر دنياوي ماحول موجب وڏو فرق آهي، جيڪو 60 سال اڳ واري عيد ۽ موجوده عيد واري وقت ۾ آهي. اڳ عيد اچڻ کان 15 ڏينهن اڳ گهرن ۾ هٿ جي مشين تي عيد لاءِ سيون لاهيون ويندون هيون ۽ ڪجهه گهرن ۾ وري پاڻي پيئڻ واري ٺڪرجي دلي تي هٿ سان سيون ٺهنديون هيون. بازار مان رڳو ڦيڻيون خريد ڪبا هئا، اُن مٺاڻ جي لذت ۽ مزو پنهنجو هو. البته اهي طريقا محنت ۽ مشقت وارا هئا. اُن ڪانسواءِ پري رهندڙ عزيزن دوستن کي 1960ع جي ڏهاڪي کان وٺي 1990ع تائين عيد جي خوشين لاءِ عيد ڪارڊ مختلف ٻولين ۾ لکيل موڪليا ويندا هئا. انهن ڪارڊن کي موڪلڻ لاءِ ٽپال کاتو باقائده اخبارن ۾ پريس بيان ڏيندو هو ته پنهنجن مٽن مائٽن سڄڻن دوستن کي عيد کان 10 ڏينهن اڳواٽ عيد ڪارڊ پوسٽ ڪريو جيئن وقت سر 'عيد مبارڪ' جا ڪارڊ منزل تائين پهچي سگهن. راقم وٽ اڄ به ڪجهه يادگار عيد ڪارڊ هندستان، برطانيا وغيره کان آيل 30 کن سال اڳ وارا پيا آهن پر اهو سڀ ڪجهه پراڻي نسل جو پراڻو ڪلچر آهي، هاڻوڪي نئين نسل جو رجيم چينج عروج تي آهي. هر ڳالهه رجيم چينج تحت آهي، عيد مبارڪ 'ڪارڊ' بدران موبائيل ذريعي آهي. بهرحال عيد تي تفريح ڪئي ويندي هئي. اُن زماني ۾ (اڄ به) ريڊيو ٽي وي تي عيد جي پهرين خبر هن طرح ايندي آهي، 'عيدالفطر سڄي ملڪ ۾ جوش ۽ جذبي سان ملهائيندي ويندي' وري ٻئي ڏينهن عيد واري ڏينهن 'اڄ پوري ملڪ ۾ عيدالفطر جوش ۽ جذبي سان ملهائي پئي وڃي' اُن کانپوءِ عيد جي ٽيئن ڏينهن تي خبر هن ريت هوندي ته 'ڪالهه پوري ملڪ ۾ عيدالفطر جوش ۽ جذبي سان ملهائي وئي' اڳ عيد جو ڏينهن تفريح جو ڏينهن هوندو هو، اخبار عبرت 1975ع جي عيدالفطر تي هڪ شاندار عيد ايڊيشن يادگار ڪڍيو هو، جنهن ۾ هفتي جا سڀئي صفحا شامل هئا. فلم، ٻارن، عورتن وغيره جا ۽ راقم جو عيد تي لکيل خاص مزاحيه مضمون رمضاني گهاٽيا به اُن ۾ شامل هو. اڳاٽي زماني ۾ عوام پاران فلم ئي عيد جو خاص تحفو سمجهيو ويندو هو. سنڌ جي ٻهراڙي جي ڳوٺن جا وڏا ننڍا شهرن جو رُخ ڪندا هئا ۽ خاص ڪري عيد، ٻاسي ۽ ٽيباسي عيد ڏينهن حيدرآباد شهر جي سئنيمائن ۾ ٻهراڙي جا شوقين فلمون ڏسڻ ايندا هئا ۽ حيدرآباد جي رستن ۽ چوڪن تي ٿيٽرن تي مختلف فلمن جا پوسٽر ابو بلاول، نادر بلوچ سلطان پٺاڻ جا ٺاهيل ۽ لکيل لڳل هوندا هئا ۽ هر هڪ پوسٽر جي ڪنڊ مٿان چنڊ ۽ تاري جو نشان ٺهيل ۽ اُن هيٺان لکيل هوندو هو 'عيد جو تحفو' پر هاڻ اهو سڀ رجيم چينج جي نظر ٿي ويو. اُن زماني ۾ ڪيترائي شوقين هوٽل اورينٽ ۾ چانهه پيئندا هئا. راقم، پروانو ۽ شهزادو گلفام ڪافي چانهيون پيئيون. تلڪ چاڙهي تي محمود يوسفاڻي جي هوٽل ۽ سريگهاٽ تي شيش محل هوٽل تي خوشبودار چانهه اڄ به ياد آهي. هن تحرير لکڻ وقت ماضيءَ جي حوالي سان ۽ شوبزنس سان وابسته ڪجهه دوستن کان اِهو معلوم ڪيو ته هنن پنهنجي زندگي ۾ عيدالفطر تي بطور عيد جو تحفو فلم ڏٺي هئي يا نه؟ ڏٺي هئي ته ڪهڙي فلم ڪٿي ۽ ڪهڙي سئنيما ۾ ڏٺي هئي. حيدرآباد جي مشهور ۽ سينيئر شوبزنس ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد سان وابسته يعقوب رشيد ٻڌايو ته هن فلم 'بهار ڦر بهي آئيگي' نشاط سئنيما ۾ پنهنجي وڏي ڀاءُ سان گڏ ڏٺي هئي. يعقوب رشيد پنهنجي يادگيرين کي تازو ڪندي اِهو به ٻڌايو ته اها فلم هنن عيد 11 ڊسمبر 1969ع جي پهرئين ڏينهن 11 وڳي مارننگ شو ۾ ٽڪيٽ بليڪ تي وٺي ڏٺي هئي. ريڊيو پاڪستان ڪراچي سان وابسته سينيئر پروڊيوسر سائين ملڪ ٻڌايو ته هن عيدالفطر تي بابرا شريف جي فلم ڏٺي هئي پر نالو ياد نٿو اچي. البته سهيل ملڪ ٻڌايو ته سئنيما شايد راحت هئي يا بمبينو. جڏهن ته ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي حاجي عبدالستار ٻڌايو ته هن عيدالفطر تي پهرين فلم لطيف آباد جي سنگيت سئنيما ۾ 'سلام محبت' ڏٺي هئي. جڏهن سنڌ سرهاڻ پروگرام جي ميزبان ۽ پنهنجي سڄي زندگي اسٽيج، فلم ريڊيو کي ڏيندڙ سائين ذوالفقار هيسباڻي ٻڌايو ته هن عيد تي فلم 'شهرو فيروز' ڏٺي هئي. البته سائين ذوالفقار هيسباڻي خود به فلمن ۾ ڪم ڪيو آهي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر (برپ) محمد موسيٰ جاگيراڻي ٻڌايو ته هو جوانيءَ ۾ فلمن جو شوقين رهيو آهي ۽ هن پهريون ڀيرو عيدالفطر جي موقعي تي فلم 'نوڪر' المنظر سئنيما لاڙڪاڻو ۾ ڏٺي هئي. بقول محمد موسيٰ جاگيراڻي ته هن کي شهنشاهه جذبات محمد علي ۽ زيبان پسند هوندا هئا. ڊاڪٽري پيشي سان وابسته ۽ اڳوڻي ايم ايس تعلقي اسپتال وارهه جي ڊاڪٽر رب ڏنو شاهه ٻڌايو ته هو فلمن ۾ دلچسپي رکندڙ هو ۽ هن عيدالفطر تي پهرين فلم 'داستان' ڏٺي هئي جڏهن ته بقول ڊاڪٽر رب ڏنو شاهه ته پوءِ به هن کوڙ فلمون ڏنيون آهن

راقم الحروف پنهنجي زندگيءَ ۾ پهرين فلم عيدالفطر تي 1968ع ۾ 'لالا رخ' شليمار سئنيما حيدرآباد ۾ ڏسڻ لاءِ گهران سنگت سان گڏ ريل گاڏيءَ ۾ نڪتو هو هڪ فلم نئين هيو ته اُن وقت لڙائي واري فلم پسند ايندي هئي ۽ ٽيون اِهو ته اها سئنيما حيدرآباد ريلوي اسٽيشن کي ويجهو هئي. اُن ڪري اها فلم عيدالفطر 1968ع ۾ ڏسڻ لاءِ عيد جي نماز پڙهڻ کانپوءِ 11 وڳي وارو مارننگ شو ڏسڻ لاءِ قافلو نڪتو پر سئنيما تي پهچڻ بعد لٺ پئي لڳي، ماڻهن جو وڏو هجوم بيٺل هو بليڪ تي به ٽڪيٽ محال هو، سو سنگت ٻن گروپن ۾ ورهائجي وئي، هڪڙا اُن فلم لاءِ بيٺا رهيا پر راقم ۽ ڪجهه ٻيا رڪشا ۾ چڙهي ٽاور مارڪيٽ اپلائيٽ سئنيما پهتا، جتي عيد کان اڳ ئي وحيد مراد، زيبا ۽ نرالا جي مشهور فلم 'ارمان' هلندڙ هئي ۽ اها فلم ڏٺي. عيدالفطر تي راقم جنهن زماني کان فلمون ڏسڻ شروع ڪيون، اُن زماني ۾ سنڌي فلمون عيد جي موقعي تي رليز نه ٿينديون هيون. عيد جي ڏينهن تي پهرين سنڌي فلم پرديسي هئي جيڪا سومر 21 اپريل 1958ع تي نمائش لاءِ پيش ٿي هئي. اُن کانپوءِ وڏي عرصي بعد 1970ع ۾ پهرين ڊسمبر تي پنوعاقل راحت سئنيما ۾ آئي هئي، جنهن کانپوءِ 8 نومبر 1972ع تي به سنڌي فلمون (اربع تي) رليز ٿيون. 'مٽيءَ شال ملن' شليمار سئنيما ۽ 'ٻادل' راحت سئنيما ۾. اُن بعد جمع 18 آڪٽبر 1974ع عيدالفطر تي به سنڌي فلمون 'منهنجو پيار پڪاري' ۽ 'غيرت جو سوال' آيون 7 آڪٽوبر 1975ع اڱاري جي ڏينهن عيدالفطر جي موقعي تي 'ڌرتي دل وارن جي' چانڊني سئنيما ۾ لڳي ۽ آخري سنڌي فلم 25 آگسٽ 1979ع ڇنڇر ڏينهن عيدالفطر تي 'حاضر سائين' شليمار ۽ نشاط سئنيما ۾ آئي البته سال 1968ع جي عيدالفطر کان جڏهن راقم پهرين فلم 'ارمان' ڏٺي اُن بعد عيد جو تحفو فلم جو سلسلو شروع ٿي ويو سال 1969ع تي عيدالفطر 11 ڊسمبر خميس تي ٿي، فلم 'قسم اُس وقت کي' فردوس ۽ 'بهار ڦر بهي آئيگي' راحت سئنيما ۾ رليز ٿيون. 1970ع عيدالفطر پهرين ڊسمبر جمع ڏينهن فلم 'سوغات' ۽ 'روڊ ٽو سوات' رليز ٿيون. 1971ع عيدالفطر 20 نومبر تي گڏيل ملڪ اولهه ۽ اوڀر جي آخري عيد ٿي، اُن ڏينهن فلمون به امن العاصفه ۽ خاڪ اور خون پيش ڪيون ويون 1972ع ۾ 8 نمبر تي عيد جي موقعي تي (ملڪ ٽٽڻ بعد پهرين عيد ٿي) فلم 'نو رنگيلي ۽ سهاڳ' هليون 1973ع عيدالفطر 28 آڪٽوبر تي ٿي جنهن تي 'دامن اور چنگاري' ڪوهه نور سئنيما ۾ ڏٺي سوسائٽي ۽ ڪيڙا عاشق رنگيلي جي ناڪام فلم ٿي ۽ اُن ڪيس کي جهڪائي ڪيڙو ڪري ڇڏيو، جيئن راجڪپور جي فلم 'ميرا نام جوڪر' ناڪام ٿي هئي، حالانڪ رنگيلي ۽ راجڪپور هنن فلمن کي دل سان ٺاهيو هو. 1974ع 18 آڪٽوبر عيدالفطر تي مس هيپي، ننها فرشته ۽ ليليٰ مجنون رليز ٿيون 1975ع 7 آڪٽوبر اڱارو عيدالفطر تي 'صورت ۽ سيرت' ڪوهه نور، 'ميرا نام محبت' فردوس، 'دلربا' اپلائٽ ۽ 'گوار' راحت سئنيما ۾ رليز ٿيون 1976ع جمهوري حڪومت ۽ 73 جي آئين تحت هلڻ واري سرڪار جي آخري عيدالفطر 26 سيپٽمبر جي ڏينهن به فلمون ان داتا شليمار ۾ (راقم ڏٺي) ۽ وقت رليز ٿيون 1977ع جي عيدالفطر 16 سيپٽمبر تي آمر ضياءُ الحق سرڪار جي پهرين عيد هئي ۽ ڀٽو حڪومت جي ختم ڪرڻ کانپوءِ تقريبن (5 جولائي) اڍائين مهينن بعد اُن موقعي تي فلم ترد، پروس، ميري حضور جي نمائش ڪئي وئي. 1978ع، 5 سيپٽمبر (اڱارو) تي عيدالفطر جي موقعي تي فلمون 'پلي بوائي' سيتا مريم ۽ مارگيٽ' رليز ٿيون 1979ع آگسٽ 25 ڇنڇر عيد ڏينهن 'خوشبوءِ ۽ جوش' پيش ڪيون ويون 1980ع آگسٽ 13 عيدالفطر تي بدلجندي موسم ۽ وطن رليز ٿيون پر اُن کانپوءِ فلمن ۽ ثقافت جو مزاج تبديل ٿي ويو ۽ خاص ڪري فلم بدلجندي موسم کانپوءِ رجيم چينج ٿي ويو.

عيد جو تحفو پيش ڪندڙ حيدرآباد جي سئنيمائن تي هڪ نظر. ٽنڊو جام کان جڏهن ريل گاڏي ۾ چڙهي حيدرآباد ريلوي اسٽيشن جي علائقي ۾ گاڏي پهچندي هئي ته ساڄي طرف ندي مان اسلام آباد ڦاٽڪ چوڪ وٽان اوڊين سئنيما جي پيلي رنگ واري پٽ ڏسبي هئي پر جڏهن ٽنڊو جام کان بس ذريعي حيدرآباد اچبو هو ته به ساڄي طرف ٿي ڦليلي پار قيصر سئنيما جون پٽيون ڏسبيون هيون ۽ اُن جي ويجهو ۽ ڦليلي ٽاڪي جي پاسي ۾ نور محل هوندي هئي. ٽاور مارڪيٽ سري گهاٽ وٽ شهر جي پراڻي سئنيما اپلائيٽ هئي جيڪا اڃا ئي بيٺل آهي ۽ اڌ ناڪاره آهي. ڪلاڪ مارڪيٽ ويجهو نشاط سئنيما هئي ته ميمڻ اسپتال ٻومڻ واهه تي ٻنهي ننڍي پردي ۽ وڏي نلي واري سئنيما ڪيپيٽل هوندي هئي، صدر جي علائقي ۾ جهوني سئنيما نيو ميجسٽڪ هئي، اُن بعد چانڊني به اُن طرف ٺهي هئي. اهڙي ريت دير سان شهر ۾ هيرآباد طرف ڪيپري ٺاهي وئي. رسالا روڊ ويجهو راحت سئنيما هئي، ريشم گلي ۽ گهوڙا جتي پاڻي پيئندا هئا واري جاءِ وٽ، ڪوهه نور سئنيما هئي، گاڏي کاتو حيدر چوڪ ويجهو فردوس سئنيما هئي مولا علي جي قدم گاهه وٽ مختلف نالا پوءِ آخري نالي سان شمس سئنيما هئي. اسٽيشن ويجهو شليمار، گدس ناڪي اسلام آباد چوڪ طرف اوڊين سئنيما هئي. هل ٽاپ، گل سينٽر وٽ وينس، ڪورٽ جي سامهون بمبينو، ٽمپر مارڪيٽ وٽ شهاب سئنيما هئي. اُن سان گڏ لطيف آباد ۾ چراغ محل، شاهين ڪانپوءِ سنگيت سئنيما ٺاهي وئي، هنن سئنيمائن ڪانسواءِ لطيف آباد ۾ موتي محل ۽ حيدرآباد ۾ بدين بس اسٽاپ وٽ ارم سئنيما ٺهي راس نه ٿي سگهيون ۽ آهستي آهستي 1977ع کان هي بزنس ڦيل ٿيڻ لڳو، 1980ع ۾ وي سي آر فلم ۽ سئنيما کان وڏو نقصان پهچايو ۽ اُن بعد ڊش ۽ ڪيبل هن ڪاروبار جي تڏا ويڙهه ڪرائي ڇڏي، آخرڪار هاڻ ته 'عيد جو تحفو فلم ۽ سئنيما رجيم چينج' ٿي چڪو آهي ۽ هي سسٽم مڪمل فنا آهي، جيئن دنيا جو وڏو ملڪ امريڪا ۽ اُن جو صدر ٽرمپ دنيا جي ملڪن ۾ رجيم چينج جي تحريڪ هلائي رهيا آهن ۽ سسٽم تبديل ڪري رهيا آهن. تيئن فلم سئنيما جو به سسٽم باقي نه رهيو آهي. البته 'رجيم چينج' جو نعرو هڻڻ وارو صدر ٽرمپ ۽ ان جو ملڪ امريڪا اسلامي دنيا جي مسلمانن جون دليون کٽڻ ۽ همدرديون حاصل ڪرڻ خاطر هنن عيد وارن ڏينهن ۾ اسرائيل وايا امريڪا ايران جنگ عارضي بند ڪرائي ڇڏي، اِهو به ممڪن آهي، چو ته اهو به هڪ رجيم چينج جو حصو سمجهڻ گهرجي البته 'عيد جو تحفو فلم ۽ سئنيما رجيم چينج' لڳ آهي

هاڻ ته 'عيد جو تحفو فلم ۽ سئنيما رجيم چينج' ٿي چُڪو آهي ۽ هي سسٽم مڪمل فنا آهي، جيئن دنيا جو وڏو ملڪ امريڪا ۽ اُن جو صدر ٽرمپ دنيا جي ملڪن ۾ رجيم چينج جي تحريڪ هلائي رهيا آهن ۽ سسٽم تبديل ڪري رهيا آهن. تيئن فلم سئنيما جو به سسٽم باقي نه رهيو آهي البته 'رجيم چينج' جو نعرو هڻڻ وارو صدر ٽرمپ ۽ ان جو ملڪ امريڪا اسلامي دنيا جي مسلمانن جون دليون کٽڻ ۽ همدرديون حاصل ڪرڻ خاطر هنن عيد وارن ڏينهن ۾ اسرائيل وايا امريڪا ايران جنگ عارضي بند ڪرائي ڇڏي، اِهو به ممڪن آهي، چو ته اهو به هڪ رجيم چينج جو حصو سمجهڻ گهرجي

تاريخ خطرن جي پرواهه نٿي ڪري!

مير قائم خان ٽالپر

دنيا هن وقت هڪ اهڙي موڙ تي بيٺي آهي، جتي عالمي سياست، طاقت جو توازن ۽ جنگي حڪمت عمليون تيزيءَ سان تبديل ٿي رهيون آهن. خاص طور تي 28 فيبروري 2026ع کان پوءِ جو عرصو هڪ نئين دور جي شروعات طور ڏٺو پيو وڃي. هن تاريخ کان پوءِ آمريڪا ۽ اسرائيل طرفان ايران تي لڳاتار حملا شروع ٿيا آهن، جيڪي شدت ۽ تسلسل ۾ غزه جي حالتن سان مشابهت رکن ٿا. ايران جي مختلف شهرن ۽ فوجي هدفن تي هزارين حملا ٿي چڪا آهن، جنهن سبب وڏي پيماني تي جاني ۽ مالي نقصان ٿيو آهي. پر انهن سڀني حالتن جي باوجود، ايران پنهنجي موقف تي ثابت قدم بيٺو آهي.

اهو سوال هاڻي عالمي سطح تي بحث جو موضوع بڻجي چڪو آهي ته آخر ايران جهڪيو ڇو نه آهي؟ جو هڪ ملڪ، جيڪو مسلسل بمباريءَ هيٺ آهي، پنهنجي پاليسين ۾ ڪا نرمي آڻڻ لاءِ تيار نظر نٿو اچي؟ ان سوال جو جواب صرف موجوده سياسي حالتن ۾ نه، پر ايران جي گهري تاريخي، ثقافتي ۽ نظرياتي پسمنظر ۾ لڪل آهي. ايران کي صرف هڪ ملڪ طور ڏسڻ وڏي غلطي هوندي. ايران هڪ اهڙو تسلسل آهي، جيڪو هزارين سالن تي پکڙيل آهي. هي اها سرزمين آهي جتي دنيا جي قديم ترين تهذيبن مان هڪ جنم ورتو. هخامنشي سلطنت، جيڪا سائرس اعظم جي قيادت ۾ اڀري، دنيا جي پهرين وڏي ڪثيرالقومي سلطنت طور سڃاتي وڃي ٿي. سائرس اعظم نه صرف هڪ فاتح هو پر انساني حقن جو علمبردار پڻ هو جنهن جو منشور اڄ به عالمي سطح تي اهميت رکي ٿو. ساساني سلطنت جي دور ۾ ايران روم جهڙي طاقت سان مقابلو ڪيو ۽ ڪيترن ئي موقعن تي ان کي شڪست به ڏني. ان وقت ايران ٽن براعظمن تائين اثرانداز هو. پرسيپولس جهڙا شهر رڳو سياسي مرڪز نه پر تهذيب ۽ فنِ تعمير جا شاهڪار هئا.

تاريخ شاهد آهي ته ايران ڪيترا ئي ڀيرا تباهيءَ جو شڪار ٿيو. عربن جي فتح، منگولن جا حملا ۽ تيمورين جي بربريت- اهي سڀ واقعا ايران کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪافي هئا. پر هر ڀيري هيءَ قوم نه رڳو زنده رهي، پر وڌيڪ مضبوط ٿي اڀري. عربن جي آمد کان پوءِ ايران اسلام قبول ڪيو، پر پنهنجي ثقافت، ٻولي ۽ قومي سڃاڻپ کي برقرار رکيو. فردوسي جي "شاهنامه" ان مزاحمت جو هڪ زبردست مثال آهي، جنهن ادب جي ذريعي هڪ قوم جي سڃاڻپ کي هميشه لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيو.

اڄ جو ايران، يعني اسلامي جمهوريه ايران، رڳو هڪ رياست ناهي، پر هڪ نظرياتي تجربو آهي. هتي مذهبي قيادت سياسي اقتدار سنڀالي ٿي، جيڪا دنيا جي ٻين ملڪن کان مختلف ماڊل آهي. ايران جو حڪومتي ڍانچو، سپاهه پاسداران، بسيج ۽ مذهبي ادارا، سڀ گڏجي هڪ اهڙو نظام ناهين ٿا، جيڪو هن جنگ کي صرف زمين جي حفاظت نه پر نظرياتي بقا جي جنگ طور ڏسي ٿو.

جڏهن ڪا قوم صرف پنهنجي سرزمين جي بچاءَ لاءِ وڙهندي آهي ته اها ڪڏهن ڪڏهن شڪست قبول ڪري سگهي ٿي، پر جڏهن اها قوم پنهنجي عقيدي، مذهب ۽ نظريي لاءِ وڙهندي آهي ته پوءِ اها مرڻ قبول ڪندي آهي پر جهڪڻ نه. ايران جي مزاحمت کي سمجهڻ لاءِ ڪربلا جي واقعي کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي امام حسين عليه السلام جي قرباني ايراني سماج ۾ هڪ زنده علامت آهي، جيڪا هر نسل کي ظلم آڏو بيهڻ جو حوصلو ڏئي ٿي. ايراني ٻار ننڍپڻ کان ئي اهو سبق سکندا آهن ته حق لاءِ وڙهڻ، ڀلي ان جي قيمت جان ڇو نه هجي، عزت کان وڌيڪ اهم آهي. اهوئي "حسيني بيانيو" آهي، جيڪو اڄ ايران جي قومي شعور جو حصو بڻيل آهي. اهو بيانيو ٻڌائي ٿو ته طاقت صرف هٿيارن ۾ نه، پر عزم ۽ ايمان ۾ به هوندي آهي.

هاڻي جيڪڏهن ايران جي جغرافيائي صورتحال تي نظر وجهون ته اها به ان جي طاقت جو هڪ اهم سبب آهي. تقريباً 16 لک چورس ڪلوميٽر ايراضيءَ تي پکڙيل ايران دنيا جو ارڙهون وڏو ملڪ آهي. اتر ۾ البرز جبلن جو سلسلو آهي، جنهن جي بلند ترين چوٽي دماوند پنج هزار ميٽر کان به وڌيڪ اوچي آهي. اولهه ۾ زاگروس جبل آهن، جيڪي هزارين ڪلوميٽرن تائين پکڙيل آهن ۽ تاريخ ۾ ڪيترن ئي حملي آورن کي روڪيندا رهيا آهن.

اوڀر ۾ دشتِ لوط ۽ دشتِ ڪوير جهڙا سخت ريگستان آهن، جتي فوجي حرڪتون تقريباً ناممڪن بڻجي وڃن ٿيون. ڏکڻ ۾ خليج فارس ۽ آبنائي هرمز آهي، جيڪو دنيا جي توانائي جي فراهمي لاءِ انتهائي اهم آهي. هي علائقو ايترو حساس آهي جو هتي ٿوري به ڇڪتاڻ عالمي معيشت تي اثر انداز ٿي سگهي ٿي.

پر ايران جي اصل طاقت ان جي فوجي سازوسامان کان وڌيڪ ان جو 'بيانيو' آهي. اندروني طور تي حڪومت خلاف اختلاف ۽ احتجاج به رهيا آهن، پر جڏهن خارجي حملي جو خطرو وڏو ٿو ته اهوئي عوام گڏ ٿي وڃي ٿو. سوال هاڻي حڪومت جي حمايت يا مخالفت جو نه پر ملڪ ۽ نظريي جي بقا جو بڻجي وڃي ٿو. هي انساني فطرت آهي ته جڏهن وجود کي خطرو هجي ته ماڻهو پنهنجا اختلاف وساري گڏ ٿي وڃن ٿا. ايران ۾ به اهوئي ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي. هاڻي دشمن هڪ فوج سان نه پر هڪ نظريي، هڪ نظام ۽ هڪ قوم جي اجتماعي شعور سان مقابلو ڪري رهيو آهي.

ايران جي فوجي حڪمت عملي به منفرد آهي. هنن پنهنجي دفاع کي مختلف سطحن ۾ ورهايو آهي، جتي هڪ پرت ڪمزور ٿئي ته ٻي اُن جي جاءِ وٺي. زيرِ زمين سرنگن ۽ فوجي تنصيبات جو هڪ وسيع نيٽ ورڪ موجود آهي، جنهن کي "زيرِ زمين شهر" چيو وڃي ٿو. هي نظام ايران کي ڊگهي جنگ لاءِ تيار رکي ٿو.

گذريل ڪيترن ئي ڏينهن ۾ هزارين هدف تباهه ٿيا آهن، پر ان جي باوجود ايران مختلف محاذن تي وڙهڻ جاري رکيو آهي. ان جو سبب اهو آهي ته هيءَ رڳو هڪ جنگ ناهي، پر هڪ نظرياتي جدوجهد آهي، جيڪا صرف هٿيارن سان ختم نٿي ڪري سگهجي.

آمريڪي قيادت به هاڻي هن صورتحال کي مختلف انداز ۾ ڏسڻ شروع ڪيو آهي. شروعاتي طور تي طاقت جو مظاهرو ڪندڙ بيان هاڻي وڌيڪ محتاط ٿي ويا آهن. جنگ کي 'شطرنج' سان ڀيٽڻ اهو ظاهر ڪري ٿو ته هي رڳو طاقت جو نه پر حڪمت، صبر ۽ حڪمت عمليءَ جو مقابلو آهي. عالمي سطح تي به ڪيترائي ملڪ هن جنگ کان پاسو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. آبنائي هرمز جهڙي حساس علائقي ۾ سڌي مداخلت کان گهڻا ملڪ ڊڄي رهيا آهن. ڇاڪاڻ ته ان جا نتيجا عالمي سطح تي تباهه ڪندڙ ٿي سگهن ٿا.

ڪجهه تجزيه ڪار هن صورتحال کي "ٽائيٽنڪ" سان ڀيٽين ٿا، جتي خطرو واضح هجڻ جي باوجود به ان کي نظرانداز ڪيو وڃي ٿو. پر تاريخ جو هڪ اصول آهي ته اها ڪنهن جو انتظار نٿي ڪري. جيڪي فيصلا وقت تي ناهن ڪيا ويندا، انهن جا نتيجا گهڻو وڌيڪ خطرناڪ ٿيندا آهن.

آخر ۾، چين جي مفڪر ڪنفيوشس جي هڪ اهم ڳالهه هن سڄي صورتحال کي سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿي ته انسان کي انهن سوالن تي توانائي ضايع نه ڪرڻ گهرجي، جن جا جواب هن وقت موجود نه هجن. بلڪ انهن حقيقتن تي ڌيان ڏيڻ گهرجي، جيڪي سندس سامهون آهن. اڄ جي دنيا ۾ به اهوئي اصول لاڳو ٿئي ٿو. ايران جي صورتحال کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته ان کي صرف هڪ جنگ يا هڪ ملڪ جي حيثيت سان نه ڏٺو وڃي، پر هڪ تاريخي، ثقافتي ۽ نظرياتي تسلسل طور سمجهيو وڃي.

بيشڪ، تاريخ خطرن جي پرواهه نٿي ڪري. جيڪي قومون پنهنجي سڃاڻپ، يقين ۽ حوصلي سان بيٺيون رهن ٿيون، اهي ئي وقت جي آزمائش ۾ سرخرو ٿين ٿيون. ايران جي موجوده مزاحمت به انهي ئي اصول جو عڪس آهي، جتي هڪ قوم پنهنجي وجود، پنهنجي نظريي ۽ پنهنجي تاريخ جي بچاءَ لاءِ بيٺي آهي- ۽ اهڙي قوم کي صرف هٿيارن سان شڪست ڏيڻ آسان ناهي.

اجوڪو ڏينهن - 23 مارچ


مختيار انڙ

بيگم نصرت ڀٽو



اڄ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي گهرواري بيگم نصرت ڀٽي جي جنم جو ڏينهن آهي. هوءَ 23 مارچ 1929ع تي ايراني شهر اصفهان جي هڪ شاهوڪار ڪاروباري خاندان ۾ پيدا ٿي. اڃا ننڍڙي ٿي هئي جو جڏهن سندس خاندان هجرت ڪري پهريائين بمبئيءَ ۾ ۽ پوءِ ڪراچيءَ ۾ اچي آباد ٿيو. هن 1950ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان بي اي جي سند حاصل ڪئي. 8 سيپٽمبر 1951ع تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سان هن جي شادي ٿي. 1973ع کان 1977ع تائين هوءَ پاڪستان جي "خاتون اول" رهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت کان پوءِ هن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرپرسن جي حيثيت ۾ آمر ضياءُ الحق خلاف جدوجهد جاري رکي. انهيءَ جدوجهد دوران کيس ڪيترائي ڀيرا جيل به وڃڻو پيو. 1982ع ۾ ڪينسر جي علاج لاءِ کيس لنڊن وڃڻ جي اجازت ملي. انهيءَ دوران محترمه بينظير ڀٽو پيپلز پارٽيءَ جي چيئرپرسن طور پارٽيءَ جون واڳون سنڀاليون. نصرت ڀٽو 1980ع واري ڏهاڪي جي آخري سالن دوران وطن موٽي آئي. هوءَ 2 ڀيرا قومي اسيمبليءَ جي ميمبر چونڊجي آئي بينظير ڀٽي جي حڪومت ۾ هن "ڪيبينيٽ منسٽر" ۽ "ڊپٽي وزيراعظم" طور ڪم ڪيو. عمر جي آخري حصي ۾ پنهنجن ٻن پٽن مير شاهنواز ۽ مير مرتضيٰ ڀٽو جي شهادت سندس جيءَ جهوري وڌو عمر جا آخري ڏينهن دبئيءَ ۾ گذاريائين ۽ نيٺ 23 آڪٽوبر 2011ع تي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو.

ساڌو هيرانند

اڄ مشهور سماج سڌارڪ، علم دوست ۽ انسانيت جي هڏ ڏوکي ساڌو هيرانند جي جنم جو ڏينهن آهي. هن 23 مارچ 1863ع تي حيدرآباد جي شري شوقيرام آڏواڻيءَ جي گهر ۾ اکيون کوليون. هن ابتدائي تعليم مقامي اسڪولن مان حاصل ڪئي. اعليٰ تعليم لاءِ کيس ڪلڪتي موڪليو ويو. جتان 1883ع ڌاري بي اي جي سند حاصل ڪري حيدرآباد واپس موٽيو. ڪلڪتي ۾ هن جي ملاقات ڪيشب چندرسين، سوامي رام ڪرشن ۽ ٻين آدرشي انسانن سان ٿي، جن هن جي زندگيءَ تي گهرا اثر ڇڏيا. هڪ سَرنديءَ واري خاندان جو فرد هجڻ باوجود هو سادگي پسند ۽ هميشه مسڪينن جو مددگار رهيو هو شاگرديءَ واري زماني ۾ سادا کيڙو ڪپڙا پائيندو هو ۽ پئسا بچائي غريبن جي ڀلي تي خرچ ڪندو هو. حيدرآباد موٽڻ بعد هن سنڌيءَ ۾ "سنڌ سڌار" ۽ انگريزيءَ ۾ "سنڌ ٽائيمز" نالي اخبارون جاري ڪيون. هن "سرسوتي" رسالو پڻ جاري ڪيو. اڳتي هلي پنهن جي ڀاءُ سان گڏجي ساڌو هيرانند نيول راءِ اڪيڊميءَ جو بنياد رکيائين. اها اڪيڊمي ان وقت حيدرآباد جي بهترين اسڪولن ۾ شمار ٿيندي هئي، جنهن مان بيشمار شاگردن لاڀ پرايو. جڏهن سنڌ ۾ ڪلرا جي وبا (بيماري) ڦهلي ته هن بيمارن جي سهائتا ۽ مريضن جي ٿهل ٽڪور لاءِ لاڳاتي خدمتون سرانجام ڏنيون. هن ڪراچيءَ جي منگهو پير واري علائقي ۾ ڪوڙهه جي مريضن لاءِ هڪ اسپتال پڻ قائم ڪئي. 1993ع ۾ هو پنهن جي ڌيءَ کي تعليم ڏيارڻ لاءِ هندستان جي شهر بانڪيپور روانو ٿيو. اوچتو کيس تيز بخار ٿي ويو ۽ 14 جولاءِ 1993ع تي شام جو ڇهين وڳي سندس روح جو پکي پرواز ڪري ويو.

هيمو ڪالاڻي



اڄ تحريڪِ آزاديءَ جي هيرو هيمو ڪالاڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هيمو ڪالاڻي 23 مارچ 1923ع تي پيسومل ڪالاڻيءَ جي گهر سکر ۾ ڄائو هن پرائمري تعليم پراڻي سکر ۾ حاصل ڪئي ۽ ان بعد تلڪ هاءِ اسڪول سکر ۾ پڙهيو هن جو چاچو ڊاڪٽر منگهارام ڪالاڻي هڪ فريڊم فائٽر هو ۽ ان جي جدوجهد هيموءَ کي به وطن جي آزاديءَ لاءِ اُتساهيو هن "هندستان ڇڏيو هلچل" ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ انگريزن جي غلاميءَ خلاف احتجاجي جلسن ۾ حصو ورتو 23 آڪٽوبر 1942ع تي هن کي ۽ سندس ڪجهه ساٿين کي خبر پئي ته انگريزي فوجون پنهنجن خونخوار هٿيارن سان عوام جو استحصال ڪرڻ لاءِ ريل گاڏيءَ ۾ اچي رهيون آهن هن پنهن جي ساٿين سان گڏ ريل جي پٽڙيءَ جا بولٽ کولي، انهيءَ ريل گاڏيءَ کي ڪيرائڻ جو منصوبو جوڙيو ڪنهن طريقي سان انگريزن کي انهيءَ منصوبي جي خبر پئجي وئي، هيموءَ کي گرفتار ڪيو ويو ۽ سندس لاءِ ڦاسيءَ جي سزا تجويز ڪئي وئي سنڌ جي ماڻهن وائسراءِ کي هن جي موت جي سزا ختم ڪرڻ لاءِ اپيل ڪئي انگريز سرڪار پاران جواب آيو ته جيڪڏهن هيمو ريل گاڏي ڪيرائڻ واري منصوبي ۾ شامل پنهنجن ٻين ساٿين جا نالا ٻڌائي ته پوءِ رحم جي درخواست تي غور ڪري سگهجي ٿو هن بهادر نوجوان پنهنجن ساٿين جا نالا ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو ۽ 21 جنوري 1943ع تي کلندي کلندي ڦاسيءَ جي ڦندي تي چڙهي وطن تان پنهن جو سر گهوري ڇڏيو.

شيخ نظر محمد بسمل



هيءُ سنڌ جو هڪ پلوڙ شاعر ۽ صحافي هو سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا مطابق هن 23 مارچ 1934ع تي پير جو ڳوٺ ضلعي خيرپور ميرس ۾ پنهن جي جيون جو سفر شروع ڪيو ڪجهه حوالن ۾ سندس جنم جي تاريخ 26 جنوري 1933ع پڻ ٻڌائي وئي آهي هن 1947ع ڌاري سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو ۽ ان کان پوءِ جيڪب آباد ۽ شڪارپور ۾ پنهن جو ذاتي ڪاروبار شروع ڪيو شڪارپور مان "خانه بدوش" نالي هڪ پندرهن روزه اخبار جاري ڪيائين پر اها سال کن کان پوءِ بند ٿي وئي هو هڪ اعليٰ پائيءَ جو شاعر هو هن جي شاعريءَ ۾ جتي رومانيت جا رنگ ۽ شڪسته دلين جا داستان ملن ٿا ته اتي انقلاب جا آهجاڻ همت ۽ حوصلي جا سبق به پڙهڻ لاءِ ملن ٿا. شاعريءَ ۾ حبيب الله ڀٽي ۽ مشتاق ابڙي کان اصلاح وٺندو هو سندس شاعريءَ جي ڪتابن ۾ "داٿهون منهن جي ديس جون"، "نذرانه بسمل"، "پريت جا گيت"، "آزاد آهيون" ۽ "هڪ دل هزار داٿهون" شامل آهن هن 15 نومبر 2000ع تي شڪارپور ۾ پنهن جي زندگيءَ جو سفر پورو ڪيو.

آشا چند

اڄ سنڌي ٻوليءَ جي مشهور ليکڪا، براڊ ڪاسٽر ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ آشا چند جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو جنم 23 مارچ 1951ع تي هندستان جي شهر ممبئيءَ ۾ ٿيو هن جو پيءُ اي جي اُتم ۽ ماءُ سُندري اُتم چنداڻي سنڌي ٻوليءَ جا مهان ساهتڪار هئا. آشا پرائمري تعليم ڪي جي ڪلناڻي پرائمري اسڪول مان ۽ سيڪنڊري تعليم گرلس ماڊل هاءِ اسڪول دادر مان حاصل ڪئي اڳتي هلي بي اي جي سند جئه هند ڪاليج ۽ ايم اي سنڌي ۽ هنديءَ جون سندون ممبئي يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين 1971ع ۾ بينڪ آف انڊيا ۾ نوڪري شروع ڪيائين 1975ع ۾ سندس شادي چاند پنجابيءَ سان ٿي 1992ع ۾ بينڪ جي نوڪري ڇڏي ڪٽنب سوڌو بحرين شفٽ ٿي وئي هوءَ سنڌي ٻولي، ثقافت ۽ ادب کي ڊجيٽل ميڊيا وسيلي عام ماڻهوءَ تائين پهچائڻ لاءِ گذريل ويهن سالن کان پاڻ پتوڙيندي رهي آهي هن سنڌي ثقافت ۽ موسيقيءَ جا پروگرام منعقد ڪرائڻ ناٽڪ، ٽيلي فلمون ۽ وڊيون سنڌي سيکارڻ جي ايپ، سنڌي ٻوليءَ جي ڏيون، پهاڪن اصطلاحن ۽ چوڻين جون ڏيون ۽ وڊيوز ٻارن جي گيتن جا وڊيوز ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي ڪم ڪيا آهن هوءَ 2000ع کان لاڳيتو ثقافتي پروگرام، ناٽڪ ۽ راڳ جون محفلون منعقد ڪندي رهي آهي

آصف مٺياڻوي



اڄ مشهور شاعر آصف مٺياڻويءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 23 مارچ 1959ع تي نوشهري فيروز ضلعي جي ننڍڙي شهر مٺياڻيءَ ۾ ڄائو سندس اصل نالو عبداللطيف ولد عبدالرحمان سومرو هو ابتدائي تعليم مٺياڻيءَ مان حاصل ڪيائين مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول دارو شاهه مان پاس ڪيائين اڳتي هلي سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو جام مان اينٽامالاجي شعبي ۾ ايم ايس سي جي سند حاصل ڪيائين تعليم مڪمل ڪرڻ بعد هو زرعي ترقياتي بينڪ ۾ آفيسر مقرر ٿيو شاعريءَ جو شوق ننڍپڻ کان ئي هئس هو سنڌي ادبي سنگت ٽنڊوڄام شاخ جي باني ميمبرن مان هڪ هو سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي خزانچيءَ طور به ڪم ڪيائين سندس شاعريءَ جا 2 مجموعا "ٻول اسان جي ٻارن جا" ۽ "زندگيءَ جي اوٽ" ڇپجي چُڪا آهن هن 5 نومبر 2009ع تي وفات ڪئي

عادل سخيراڻي

هن مشهور شاعر جو جنم اجوڪي ڏينهن تي 1957ع ۾ داتوءَ ۾ ٿيو ابتدائي تعليم داتوءَ مان حاصل ڪيائين مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪوٽڙيءَ مان پاس ڪيائين اڳتي هلي بي اي ۽ ايم اي جون سندون حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات ميونسپل ڪاميٽي داتوءَ ۾ جونيئر ڪلارڪ طور ڪيائين بعد ۾ سنڌ ايگريڪلچر سپلاءِ آرگنائيزيشن ۾ پهريائين ڪلارڪ ۽ پوءِ آفيس اسسٽنٽ طور ڪم ڪيائين هو 1986ع کان 1988ع تائين سنڌي ادبي سنگت داتو شاخ جو سيڪريٽري رهيو هن ڪيترائي مضمون ۽ مقالا لکيا سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "نيڻ ٽڪيجي پيا" (شاعري) ۽ "سنڌ جون رانديون" شامل آهن هن 23 مارچ 1992ع تي هڪ قاتلاڻي حملي ۾ دم ڌڻيءَ حوالي ڪيائين

واحد بخش ميرل

واحد بخش ميرل شڪارپور ضلعي جو مشهور سگهڙ هو هن جو جنم 10 جولاءِ 1920ع تي تعلقي لکيءَ جي ڳوٺ ٻوڙ ۾ ٿيو سندس والد جو نالو سوڀو خان مهر هو غربت سبب تعليم حاصل ڪري نه سگهيو البت جوانيءَ ۾ بالغن جي اسڪول ۾ سال کن پڙهي ٿورو گهڻو لکڻ ۽ پڙهڻ جي لائق ٿي ويو هو پيٽ گذر لاءِ مشينن جي مرمت جو ڪم ڪندو هو انڪري "مستري" سڏبو هو هو روزگار لاءِ ڪجهه عرصو خانپور شهر ۾ اچي رهيو انهيءَ شهر جي سُگهڙن سان سندس عليڪ سليڪ ٿي ۽ ايئن پاڻ به سُگهڙ بڻجي ويو سگهڙائپ ۾ امير بخش سومرو سندس استاد هو خاص طور تي ڦور بيت جو سٺو شاعر هو افسوس جو سندس گهڻي شاعري لکت ۾ نه اچي سگهي فقط چند بيت پروفيسر محمد شريف شاد سومري پنهنجي ڪتاب "ادبي تاريخ لکيءَ جي" ۾ قلمبند ڪيا آهن هن 23 مارچ 1998ع تي وفات ڪئي

بقايا 1 قتل

ڪين بي دردي سان قتل ڪري ڇڏيو جنهن سبب سڄي علائقي ۾ سوڳ ۽ خوف واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي. فوت ٿي ويل پائرن ۾ غلام اصغر نصرت عرف مهدي حسن، غلام اڪبر ۽ اختر حسين شامل آهن جڏهن ته هڪ ڄڻو سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي ڳنڀير حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. واقعي بعد علائقي ۾ ڏک ۽ خوف جي فضا ڇانيل آهي جڏهن ته فوتين جي جنازي نماز انتهائي سوڳ واري ماحول ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ علائقي واسين، مائٽن، سياسي، سماجي ۽ مذهبي اڳواڻن سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي هڪ ئي وقت 4 جنازا ڪڄڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ عيد جون خوشيون ماتم ۾ تبديل ٿي ويون جڏهن ته علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانيل آهي. جنازي دوران هر اک آلي نظر آئي ۽ عيد جي خوشين وارو ڏينهن ماتم ۾ تبديل ٿي ويو. بعد ۾ چارئي پائرن کي ڳوٺ انورپور جي قبرستان ۾ سوڳ واري فضا ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو واضح رهي ته هي دل ڏاريندڙ واقعو پنهنجي ئي ويجهي مائٽ نادر ڏاريجو هٿان پيش آيو جنهن سبب نه رڳو هڪ خاندان پر سڄي علائقي جون عيد جون خوشيون سوڳ ۾ تبديل ٿي ويون آهن. وارثن ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته سال 2003 ۾ جهيڙي دوران هڪ نوجوان فوت ٿي ويو هو جنهن جو قانوني فيصلو به ٿي چڪو هو پر جوابدارن جي دل ۾ وير باقي رهيو ۽ اڄ چار نوجوانن کي قتل ڪري ظلم ڪيو ويو آهي. علائقي واسين واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي قاتلن جي فوري گرفتاري ۽ ڪين قانون موجب سخت سزا ڏيڻ جو مطالبو ڪيو آهي. هوڏانهن ڪنڊڙا ٿاڻي تي آخري اطلاع تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو.

بقايا 2 حوالي

بيراڻي ڪٺائي ويا مائٽن موجب نوجوان دل جو دورو پوڻ سبب فوت ٿيو آهي جڏهن ته اهي چوبول آهن ته نوجوان گهڻي مقدار ۾ نشي آور گورين کائڻ سبب فوت ٿيو آهي

بقايا 3 قتل

بن نامعلوم هٿيار بند جوابدارن فائرنگ ڪري ڪيس موقعي تي قتل ڪري ڇڏيو ۽ فرار ٿي ويا جنهن بعد ڪيس ڊي ايڇ ڪيو اسپتال نيو ويو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته عيد جي ڏينهن مقتول جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو پوليس ذريعن موجب واقعو ذاتي دشمني جيو وڃي ٿو

بقايا 4 ملاقاتون

سنڌس ابائي رهائشگاهه شانگلا ۾ سياسي ۽ سماجي اڳواڻن ملاقاتون ڪيون اڳواڻن عيدالفطر جي موقعي تي وفاقي وزير کي مبارڪون ڏيندي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ان موقعي تي ملڪ جي ترقي سلامتي ۽ مسلمان امت جي اتحاد لاءِ خاص دعائون ڪيون ويون. جڏهن ته مسلمان امت کي درپيش چيلينجز جي خاتمي لاءِ پڻ دعائون گهريون ويون

بقايا 5 دعوي

ڄڻن معان ڪيس داخل ڪري ڇڏيو گرفتار گهوٽ ڪنوار ۽ ٻين جي گرفتاري سيٽارجا پوليس ظاهر ڪرائڻ کان لنوائڻ لڳي تفصيلي خبر موجب سيٽارجا پوليس هڪ اطلاع تي ڳوٺ نوح پوٽا ۾ ڪاروائي ڪندي هڪ ننڍي عمر جي نينگري جي شادي ڪرائڻ جي الزام هيٺ گهوٽ اياز ۽ ڪنوار نسيم نوحيوٽو کي تحويل ۾ وٺڻ سميت نڪاح خوان مولوي عبدالڪريم ۽ نينگري جي والد عطا حسين سميت چار ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته ايس ايس پي خيرپور جي حڪم تي گرفتار ٿيلن سميت 6 ڄڻن معان چائلڊ ميريج ايڪٽ جي خلاف ورزي جو گهوٽ ۽ نينگري جي وارثن سميت نڪاح خوان مولوي سميت 6 ڄڻن جن ۾ مور علي ايوب ۽ خادم حسين پڻ شامل آهن جن خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته ننڍي عمر جي گهوٽ ڪنوار کي پڻ سيٽارجا پوليس تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي پوليس موجب سيٽارجا پرسان ڳوٺ نوح پوٽا جو رهواسي عطا حسين نوحيوٽو پنهنجي 13 ساله نياڻي نسيم جي نوجوان اياز ولد بادل نوحيوٽو سان نڪاح ڪرايو جنهن جو اطلاع مليو جنهن تي ڪاروائي ڪري ننڍي عمر ۾ شادي ڪرائڻ جي واقعي جو 6 جوابدارن خلاف چائلڊ ميريج ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا 6 برسات

علاوه انبن جي باغن کي پڻ وڏي نقصان جو انديشو آهي ٻئي طرف بجلي ۽ مواصلات جو نظام معطل ٿي ويو

بقايا 7 زخمي

ڄڻا غلام مهدي عبدالرزاق سراج احمد ۽ احمد رضا لنڊ سميت ڪجهه عورتون پڻ زخمي ٿي پيون جڏهن ته ٻي ڌر جو پڻ هڪ ڄڻو زخمي ٿي پيو جن مان هڪ ڌر جي زخمين کي سيٽارجا اسپتال آڻڻ بعد تعلقه اسپتال ميرواهه منتقل ڪيو ويو زخمين ۽ غلام مهدي سراج وارن جو الزام آهي ته مخالف ڌر پلاٽ جي معاملي تان اسان جي گهرن مٿان حملو ڪيو سيٽارجا پوليس موجب واقعي جي اطلاع تي زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ۽ وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا 8 اظهار

جي ميڊيا ونگ طرفان جاري بيان موجب وزيراعظم سينيٽر شيري رحمان سان تعزيت جو اظهار ڪندي چيو آهي ته اولاد جو ڏک بيان نه ڪرڻ جوڳو هوندو آهي. وزيراعظم مرحوم جي درجن جي بلندي ۽ سوڳوار خاندان جي لاءِ صبر جي دعا پڻ ڪئي وزيراعظم چيو ته ڏک جي هن گهڙي ۾ اسان سوڳوار ڪٽنب سان برابر جا شريڪ آهيون

بقايا 9 مبارڪون

مبارڪون ڏيندي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو آهي گذريل ڏينهن "ايڪس" تي پنهنجي مبارڪن واري پيغام ۾ وزيراعظم ان توقع جو اظهار ڪيو ته نئين چونڊيل وزيراعظم جي باصلاحيت قيادت ۾ ٿائيلينڊ پائيدار ترقي امن ۽ خوشحالي جي رستي تي گامزن ٿيندو وزيراعظم چيو ته هو پاڪستان ۽ ٿائيلينڊ وچ ۾ دوستاڻن لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ لاءِ ويجهي سهڪار جو خواهشمند آهي

بقايا 10 زخمي

هن سلسلي ۾ هڪ ڌر جي وارث عبدالحڪيم جت پنهنجي موقف ۾ چيو آهي ته ملاح برادري جا ماڻهون هلان ڪري وچ شهر ۾ اسان جي ڇوڪرن سان لٺين ۽ سرين سان حملو ڪري سخت زخمي ڪيو آهي ٻي طرف ٻي ڌر ملاح برادري جي عورتن ۽ مردن اقراءِ ملاح جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب بلڙي شاهه ڪريم ۾ احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي ته جت برادري جي ڇوڪرن ڀرين شهر ۾ جهيڙو ڪري روڊ اسان جي گهرن تي اچي هلان ڪري نوجوانن ۽ عورتن کي زخمي ڪيو آهي اسان جي نوجوان کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هنن سان جان جو خطرو آهي بنهين ڌرين پاران انصاف جو مطالبو ڪيو ويو آهي

بقايا 11 لاڏائو

پارٽي جو سچو ۽ وفادار جيالو رتو ديرو واسي اڳوڻو هيڊ ماسٽر ۽ سماجي شخصيت عبدالبقا جلباڻي لاڏائو ڪري ويو هن 65 ورهين جي ڄمار ۾ دل جي عارضي سبب دم ڏئي حوالي ڪيو مرحوم عبدالبقا جلباڻي پاڪستان پيپلزپارٽي پارٽي سان پنهنجي بي لوث وابستگي سبب سڃاتو ويندو هو گذريل جنرل اليڪشن دوران به دل جي آپريشن باوجود هن پنهنجي ووٽ کي پارٽي جي امانت سمجهي ادا ڪيو. جيڪو سندس سياسي شعور ۽ وابستگي جو واضح ثبوت آهي. هو لوڪل گورنمينٽ آفيسر رياض احمد جلباڻي جو والد پڻ هو سندس لاڏائي تي علائقي جي سياسي ۽ سماجي شخصيتن پاران گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ويو ۽ مرحوم جي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي مرحوم جي جنازي نماز اڄ رتوديرو ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ وڏي انگ ۾ علائقي واسين سياسي ڪارڪنن ۽ معتبر ماڻهن شرڪت ڪئي ان موقعي تي وارثن پاران اسڪارپ ڪالوني پرسان ڦڏر پڻ رچايو ويو جتي تعزيت لاءِ ايندڙن جو سلسلو جاري رهيو

بقايا 12 وسڪارو

جيڏو پاڻي بيهي ويو جنهن سبب شهرين

ڪي سخت پريشاني واري صورتحال کي منهن ڏيڻو پيو برسات جي وسڻ سان بجلي بند ٿي وئي حيدرآباد جي انتظاميا جو چوڻ آهي ته برسات جي پاڻي جي نيڪالي لاءِ عملو ڪم ڪري رهيو آهي پاڻي جلد نيڪال ٿي ويندو موسميات کاتي موجب اڄ کان سنڌ ۾ موسم خشڪ ٿي ويندي جڏهن ته برسات جوڙيندڙ اولهه وارو سسٽم 28مارچ داخل ٿيندو

بقايا 13 ڪهرام

پرسان اڙل واهه ۾ 8 سالن جو نينگر حسنين رند ٻيڙي مان هيٺ ڪري ٻڏي ويو ٻڌايو وڃي ٿو ته سيوهڻ واسي نينگر عيد جي ڏينهن ٻيڙي تي گهمڻ لاءِ ٻيڙي تي چڙهيو ته ٻيڙي پل سان ٽڪرائجڻ سبب نينگر ٻيڙي تان ڪري پيو عيني شاهدن جو چوڻ آهي ته ٻيڙي واهه جي دروازي سان ٽڪرائڻ جي ڪري نينگر ٻيڙي تان هيٺ پاڻيءَ ۾ ڪري پيو آهي جنهن بعد ٻيڙي وارو فرار ٿي ويو مقامي انتظاميا توڙي پوليس نينگر جي ڳولا لاءِ واقعي واري هنڌ پهچي نينگر جي ڳولا شروع ڪئي ۽ 36 ڪلاڪ گذرڻ باوجود نينگر جو مڙهه هٿ اچي نه سگهيو آهي جنهن ڪري سندس وارث سخت پريشان آهن ۽ هنن نينگر جي ڳولا ۾ مدد ڪئي آهي

بقايا 14 احتجاج

مڪان جارحيت ۽ بربريت خلاف ۽ ايران سان اظهار يڪجهتي جي سلسلي ۾ نوجوان وڪيلن نجف محڪم الدين جوڻيجو ۽ زين العابدين گوپانگ جي اڳواڻيءَ ۾ عيدالفطر جي ڏينهن ٻاهر پوسٽ آفيس لڳ ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ سيد علي گوهر شاهه نقوي، مولانا محمد علي ايماڻي، سيد علي رضا شاهه، علي انور عسڪري، زيب علي ساريو، نور احمد هيسباڻي، محمد امين سيال، علي بخش سولنگي، طاهر نور هيسباڻي، مور سنڌي، دودو ديشي، اثر امام، نواز علي سيال، امتياز ملاح، علي رضا غديري، سيد علمدار شاهه، سونو ساريو، فراز جهتيال ۽ اعظم سيال سميت مختلف مڪتبه فڪر سان سلهاڙيل شخصيتن، وڪيلن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف سخت نعريبازي ڪندي عالمي برادري کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي شرڪت ڪندڙن چيو ته فلسطين ۽ ايران جي مظلوم عوام تي ٿيندڙ ظلم ۽ جارحيت انسانيت جي توهين آهي جنهن جي جيتري مذمت ڪجي سا گهٽ آهي هنن چيو ته دنيا اڳيان هاڻي واضح ٿي چڪو آهي ته عالمي طاقتور ملڪ پنهنجي مفادن خاطر بيگناهه ماڻهن جو رت وهائي رهيا آهن هنن چيو ته ايران فلسطين جي آزادي ۽ قبلا اول جي تحفظ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي جنهن کي اسلامي دنيا جي اخلاقي ۽ سفارتي حمايت حاصل هجڻ گهرجي هنن عزم ظاهر ڪيو ته هو هر سطح تي مظلوم قومن سان يڪجهتي جاري رکندا. هن چيو ته خطي ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ ۽ جنگي ماحول نه صرف علائقائي ۾ عالمي امن لاءِ پڻ خطرو بڻجي رهيو آهي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اختلافن کي جنگ بدران ڳالهين وسيلي حل ڪيو وڃي بيگناهه شهرين خاص ڪري عورتن ۽ ٻارن جي جانين جو تحفظ هر حال ۾ يقيني بڻايو وڃي. پاڪستان سميت عالمي برادري کي گهرجي ته هو غيرجانبدار ۽ فعال ڪردار ادا ڪري امن انصاف ۽ انساني حقن جي بالادستي کي يقيني بڻائين

بقايا 15 اطلاع

واري علائقي ۾ عيد جي پلاري ڏينهن تي نوجوانن جا ٽولا موٽرسائيڪلن تي سوار ٿي لاڙڪاڻو وايا وڳڻ روڊ تي خطرناڪ ون ويلنگ ڪندا رهيا جنهن جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪلون سلپ ۽ ٻين حادثن ۾ ڇهن ڄڻن جي زخمي ٿيڻ جا اطلاع گردش ڪندا رهيا جڏهن ته نوجوانن کي روڪڻ لاءِ موٽر وي پوليس ناڪام نظر آئي جنهن ڪري عام مسافر سخت تڪليف ۾ نظر آيا ۽ ون ويلنگ سبب حادثي جي خوف کان گاڏيون تمام وڏي احتياط سان هلائيندڙ رهيون ان سلسلي ۾ عام مسافرن جو چوڻ هو ته عيد جي بابرڪت ڏهاڙي تي ماڻهو پنهنجن رشيدارن عزيزن ۽ مٽن مائٽن ڏي ٻين شهرن ڏي وڃي ٿو پر لاڙڪاڻي ۽ وڳڻ مين روڊ تي ون ويلنگ وارن ايترو جو سفر خطري وارو ڪري ڇڏيو آهي جو خوف ٿو ٿئي ته ڪٿي حادثي جو شڪار نه ٿي وڃون ان ڪري اسان جو موٽر وي پوليس کان مطالبو آهي ته مين روڊ تي ٿيندڙ ون ويلنگ بند ڪرائي مسافرن کي پريشاني کان بچايو وڃي

بقايا 16 ڌرڻو

آفتاب عزيز جتوئي جي وارثن بائيجي چوڪ وٽان قومي شاهراهه تي ڌرڻو هڻي قومي شاهراهه کي ٻنهي طرفن کان بلاڪ ڪري ڇڏيو ٽريفڪ مڪمل طور تي بند، ڊي ايس پي پنوعاقل ڊاڪٽر محمد موسي ابڙو ڌرڻي واري هنڌ پهتو هن مهل تائين ڳالهيون ناڪام

بقايا 17 ڦرلٽ

ڪاڇي جي تاريخي درگاهه مست ڪيهر شاهه جي زيارت ۽ ڳاڄ ديم تان تفريح ڪرڻ کان پوءِ واپس ڪڪڙ اچي رهيا هيا ته ٽڙڙي جادو شهيد کان ڳاڄ ويندڙ لنڪ روڊ تي بيٺل 6 موٽر سائيڪل سوار هٿياربند ڦورن هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي 125 موٽر سائيڪل، 3 موبائل فون، هزارين روپيا روڪ رقم ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا ٽڙڙي جادو شهيد پوليس ڪڪ پڄي بيٺو نه ڪيو متاثر ڳوٺائن ايس ايس پي دادو امير سعود مگسي ۽ ٻين اعليٰ عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته ڦر ٿيل موٽر سائيڪل ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائي اسان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 18 دعائون

مسجد ۾ ۽ ڪراچي جي مختلف مسجدن ۾ وڏا اجتماع ٿيا صدر آصف علي زرداري عيد نماز زرداري هائوس نوابشاهه ۾ ادا ڪئي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري لاڙڪاڻي ۾ عيد نماز پڙهي. سنڌ جي گورنر نهال هاشمي عيد نماز گورنر هائوس ۾ ادا ڪئي جڏهن ته اڳوڻي وفاقي وزير شيخ رشيد راولپنڊي ۽ مولانا فضل الرحمان ڊي آءِ خان ۾ عيد نماز پڙهي

بقايا 19 ڏک جو اظهار

لاڏائي کي ناقابل تلافي نقصان قرار ڏيندي چيو ته اولاد جي وڇوڙي جي ڏک جو اظهار لفظن ۾ نه ٿو ڪري سگهجي هن سينيٽر شيري رحمان ۽ سندس ڪٽنب سان دلي تعزيت جو اظهار ڪندي مرحوم جي درجن جي بلندي ۽ سوڳوار ڪٽنب جي صبر جي لاءِ دعا ڪئي

بقايا 20 احتجاج

جي ترديد رپورٽ موجب ٽنڊوآدم جي جمن شاهه پاڙي جي رهواسي پيرسن پائرن عمر خاصخيلي ۽ همير خان خاصخيلي پريس ڪلب پهچي ٻڌايو آهي ته عمر خاصخيلي جي پٽ مختيار خاصخيلي کي گهر جي مسئلي تان ناهه لاءِ گهرايو ته هن پنهنجي والد ۽ چاچي تي تشدد جو نشانو بڻايو ۽ والد کي وارن ۾ وٺي گهليو سندس خلاف ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرائڻ وياسين ته پوليس واپس ڀڄائي ڇڏيو اسان سان انصاف ڪيو وڃي جڏهن ته الزام هيٺ آيل نوجوان مختيار خاصخيلي پريس ڪلب پهچي ٻڌايو ته منهنجو والد بيمارين ۾ مبتلا آهي چاچو ان جي ملڪيت تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو ان لاءِ هن اڄ مون کي گهرائي پنهنجي ماڻهن سان گڏجي مون تي تشدد ڪيو آهي مون ڪنهن تي به تشدد ناهي ڪيو

بقايا 21 باهه

شاپر جا 15 رول، ترپالون، چار هزار خالي بارداڻي ڪٽن جو واڻ سميت تقريباً 10 کان 12 لک جو نقصان ٿيو آهي باهه ڪنهن هٿ سان ڏني آهي جاچ ڪئي وڃي. سيٺ بهرام

بقايا 22 لاش هٿ

اهڙي ڪا به تڪليف نه هئي هن چيو ته هن ڪڏهن به ڪنهن پريشاني بابت اسان کي نه ٻڌايو ڏانوڏانڊل پوليس لاش پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد وارثن حوالي ڪري ڇڏيو پوليس ٻڌايو ته نوجوان گهريلو پريشانين سبب پاڻ خودڪشي ڪري ڇڏي آهي

بقايا 23 مظاهرو

ڪنڌڙ ميڊيا اڳيان ڏانهيندي چيو ته پاڙي ۾ رهندڙ لوفر بابو پٽ بهادر خاصخيلي ڏينهن ڏٺي جو ڪن معصوم ٻارڙن جي ماءُ شبيران خاصخيلي کي اغواء ڪري ويو

آهي جنهن کي فلفور واپس ڪرايو وڃي هنن ايس ايس پي بدين ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ وسوارن کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته عورت کي بازياب ڪرائي ساڻن انصاف ڪيو وڃي ٻئي طرف پنگريو پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جي رپورٽ داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا 24 خودڪشي

چير ڏئي خودڪشي ڪري ڇڏي، اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي ضروري ڪارروائي لاءِ ملي سول اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو پوليس موجب شروعاتي طور معلوم ٿيو آهي ته پورهيت نياڻي جي شادي ڪرائڻ چاهي ٿي پر ڏاج وٺڻ لاءِ وٽس پيسا نه هئڻ ڪري پريشان هو جنهن انهي پريشاني ۾ اچي آهڙو قدم کنيو پورهيت کي چار پٽ ۽ ٻن نياڻين جو اولاد هو جيڪو وارثن موجب ڪافي وقت کان بي روزگاري سبب پريشان هو وڌيڪ معاملي جي جاچ ڪئي پئي وڃي. هوڏانهن ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا 25 لاش هٿ

شاخ جي ڪپ تي راند ڪندي ٻڏي ويو هو ڪافي ڳولا جي باوجود هٿ نه آيو جنهن جو اڄ صبح جو ٽنڊوغلام علي شاخ مان لاش مليو پوليس ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو نينگر جو لاش ڳوٺ گهر ۾ پهتو ته ڪهرام مچي ويو.

بقايا 26 لڳايا ويا

موجب پوسٽرز تي قائداعظم محمد علي جناح، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ پاڪستاني جهنڊي جون تصويرون لڳل آهن. پوسٽرز تي لکيل آهي ته پاڪستان پنهنجي ڪشميري پائرن کي ڪنهن به صورت ۾ اڪيلو نه ڇڏيندو ۽ ڪشمير ڪاز جي ڀرپور حمايت جاري رکندو. پوسٽرز تي لکيل آهي ته جمون ڪشمير جا ماڻهو ڀارت جي غير قانوني قبضي جي خاتمي جو مطالبو ڪن ٿا ۽ هو ڀارت کان مڪمل آزادي چاهين ٿا. پوسٽر تي گو انڊيا گو بيڪ ۽ جمون ڪشمير پاڪستان جو حصو آهي جهڙا نعرا لکيل آهن پوسٽر ۾ چيو ويو آهي ته ڀارت جمون ڪشمير کي هڪ فوجي ڇانوڻي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي، ڪشمير ۾ ڀارت جي غير قانوني قبضي مان آزادي چاهين ٿا ۽ هو پاڪستان سان الحاق جي پنهنجي جائز مقصد تي ڪڏهن به سمجهوتو نه ڪندا. پوسٽرن ۾ متحد ٿي ڀارتي قبضي خلاف آواز اٿارڻ تي زور ڀريو ويو پوسٽرن تي لکيو ويو آهي ته هڪ مستحڪم پاڪستان خطي ۾ امن جو ضامن آهي ايڪس، فيس بڪ سميت سوشل ميڊيا پليٽ فارمز تي به اهي پوسٽرز اپ لوڊ ڪيا ويا آهن جن ۾ پاڪستاني عوام کي سندن قومي ڏينهن جي موقعي تي مبارڪون ڏنيون ويون آهن

بقايا 27 ريلي

احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو. تعلقه موومينٽ جي ڊپٽي ڪنوينر زيب علي ساريو جي اڳواڻيءَ ۾ نڪتل احتجاجي ريلي ۾ مختلف مڪتبه فڪر سان سلهاڙيل شخصيتن علي انور عسڪري، محمد علي خشڪ، دودو ديشي، اصغر نوناري، عالم بروهي، مولا بخش ڦليپوٽو بخشل مگسي، زاهد پناهڻ، محمد امين سيال، علي بخش سولنگي، غلام شبير حيدري، مهراڻ راڄپر، خادم حسين ڪانڌڙو خان ڏهوٽ، سرائي سوڍل سولنگي ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته ٻاڍهه تعلقو ٻاڍهه واسين جو آئيني ۽ بنيادي حق آهي جيڪو هر حال ۾ وٺي رهنداسين هنن چيو ته ٻاڍهه شهر پنهنجي ڀرپاسي ۾ موجود شهرن جن کي تعلقي جو درجو مليل آهي انهن کان بيٺو وڏو شهر آهي، تنهن باوجود به حڪمرانن ٻاڍهه کي نظرانداز ڪري شهرين جي ووٽ جي توهين ڪئي آهي هنن چيو ته گذريل سٺن سالن کان عيدن، عاشورن، گرمين ۽ سردين توڙي وسائن واري ڏينهن ۾ به شهري ٻاڍهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ سراپا احتجاج بڻيل آهن ان سلسلي کي جاري رکندي اڄ عيد جي ٻئين ڏينهن به احتجاجي مظاهرو ڪري مقامي چونڊيل نمائندن کي سندن واعدا ياد ڏياري رهيا آهيون. جيڪي هنن چونڊن دوران شهر واسين سان ڪري ووٽ وٺي اقتدار ماڻيا هئا هنن گهر ڪئي ته ٻاڍهه کي تعلقي جو درجو ڏئي شهرين ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا 28 فوت

جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا زخمين ۾ ڊرائيور 22 سالن جو نوجوان صدام حسين پٽ غلام نبي جيسر، ارشاد جاتوري، ثمين شامل هيو حادثي ڪانپوءِ زخمين کي تعلقي اسپتال ڪي اين شاهه منتقل ڪيو ويو جتي ڊرائيور نوجوان صدام جيسر زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو جڏهن ته ٻين زخمين جي حالت خطري کان ٻاهر آهي فوتي نوجوان جي ضروري ڪارروائي ڪرڻ ڪانپوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويو مڙهه ڳوٺ پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو فوتي نوجوان جيسر برادري جي سردار نواب جيسر جو ڀائيٽيو هو ۽ هڪ سال اڳ نوجوان شادي ڪئي هئي تڏو خانپور جوڻيجو ۾ رچايو ويو آهي

بقايا 29 لاش هٿ

جنهن جي سڃاڻپ ٿي نه سگهي آهي لاش سان گڏ پٿر پڻ ٻڌل هو پوليس ذريعن موجب واقعو قتل ٿي سگهي ٿو پوليس جاچ ڪري رهي آهي

بقايا 30 ڪوشش

اسپتال پنوعاقل منتقل ڪيو ويو وارثن موجب نوجوان ڪجهه ڏينهن کان ذهني دٻاءُ ۾ هو ۽ زال جي نه موٽڻ سبب مايوسي جو شڪار ٿي زهر پي ڇڏي آهي جنهن واقعي جا ذميوار سندس سهرا آهن جن خلاف ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي آهي واقعي بعد علائقي ۾ ڇڪتي جي لهر ڇانيل آهي جڏهن ته پوليس پاران وارثن جي فرياد بعد معاملي جي وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي عيد جون خوشيون ماتم ۾ تبديل

بقايا 31 يادگار ڪميٽي

ميرپخر جي 41 هين ورسيءَ جي سلسلي ۾ "شير ميرپخر يادگار ڪاميٽي" جو هڪ اجلاس "شير ميرپخر هائوس" ۾ شير ميرپخر يادگار ڪاميٽي جي چيئرمين شهاب الدين ملاح جي صدارت هيٺ ٿي گذريو جنهن ۾ اتفاق راءِ سان فيصلو ڪيو ويو ته ملڪي حالتن کي نظر ۾ رکندي هن سال ورسي تقريب واري ميڙاڪي کي مختصر ڪيو ويو آهي 28 مارچ ورسيءَ واري ڏينهن تي ڪنڊيارو پرسان ڳوٺ پهلوان شير ميرپخر ۾ صرف خاندان جا فرد قرآن خواني بعد سندس مزار تي گلن جي چادر چاڙهي فاتحه خواني ڪري گل نڇاور ڪندا

بقايا 32 ڏي وٺ

اداري مطابق ملاقات ۾ علائقائي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي، خاص طور تي وچ اوڀر ۾ فوجي ڇڪتاڻ، خطي ۽ عالمي سلامتي تي ان جي اثرن ۽ ان جي حوالي سان ڪوششن ۾ هم آهنگي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي مملڪتي وزير ۽ ڪابينا جو ميمبر ڊاڪٽر عصام بن سعد بن سعيد، ايوان شاهي جو صلاحڪار محمد بن مزيد التويجري، جنرل انٽيلي جنس ڊائريڪٽوريٽ جو سربراهه خالد بن علي الحميدان، ولي عهد جو سيڪريٽري ڊاڪٽر بندر بن عبيدالرشيد ۽ مصر ۾ سعودي سفير صالح الحصيني موجود هو

بقايا 33 ملاقات

اڪرام راجپوت، محمود مولوي، احمد چنائي، خالد تواب، زبير طفيل، ڊاڪٽر فرحان عيسيٰ، حمزه ڏاباڻي، فرحان حنيف، ادريس گي گي عبدالحسيب ۽ ٻين معززين پڻ شرڪت ڪئي. ڪاروباري، سماجي ۽ سياسي شخصيتن گورنر سنڌ کي عيد جون واڌايون پيش ڪيون. گورنر محمد نهال هاشمي مهمانن جو شڪريو ادا ڪندي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ۽ واپارين کي ايف بي آر ۽ ٻين مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن سهڪار جي يقين دهاني ڏني. گورنر سنڌ چيو ته سان آئيني گورنر ۽ وفاقي حڪومت جو نمائندو آهيان ۽ انفراسٽرڪچر جي بهتري لاءِ سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. هن زور ڏنو ته قومن جي ترقي خدمت خلق ۽ عوامي ڀلائي سان جڙيل آهي ۽ تعليم تحقيق ۽ صحت جي شعبن تي خاص توجهه ڏيڻ لازمي آهي.

برڪس ميمبر ملڪن جي پائيدار ترقي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ڪردار جاري رکندو: دلمارو سيف

نيو ڊولپمينٽ بئنڪ ميمبر ملڪن جي اعليٰ معيار جي ترقي لاءِ مختلف شعبن ۾ تعاون فراهم ڪري پئي

بئنڪ جون سرگرميون ميمبر ملڪن جي قومي ترجيحن موجب انجام ڏنيون وينديون آهن

بيجنگ (اي پي پي) برڪس جي نيو ڊولپمينٽ بئنڪ (اين ڊي بي) جي صدر دلمارو سيف چيو آهي ته بئنڪ ميمبر ملڪن جي پائيدار ترقي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار جاري رکندو. پرڏيهي ميڊيا موجب هن چيو ته نيو ڊولپمينٽ بئنڪ ميمبر ملڪن جي اعليٰ معيار جي ترقي لاءِ مختلف شعبن ۾ تعاون فراهم ڪري رهيو آهي جنهن ۾ انفرا اسٽرڪچر ۾ سيڙپڪاري، توانائي جي شعبي ۾ منتقلي ۽ ڊيجيٽل تبديلي انساني ترقي ۽ گڏيل رابطن کي هٿي ڏيڻ شامل آهي دلمارو سيف چيو ته بئنڪ جو ڌيان مقامي شين کي هٿي وٺرائڻ تي آهي ته جيئن ميمبر ملڪن جي معيشت کي مضبوط بڻائي سگهجي هن چيو ته بئنڪ جون سرگرميون ميمبر ملڪن جي قومي ترجيحن موجب انجام ڏنيون وينديون آهن جڏهن ته منصوبن ۾ پائيداري، مضبوطي ۽ ڊگهي مدي واري اثرن کي به خاص اهميت ڏني پئي وڃي.

پولينڊ جي گاڏي واري شهر وارسا ۾ فائرنگ رينج ۾ باهه، 4 ماڻهو فوت، 2 زخمي

رينج ۾ مرمت جو ڪم جاري هو ته اوچتو باهه ڀڙڪي اٿي ۽ 4 ڄڻا سڙي فوت ٿي ويا

فائر بريگيڊ گاڏيون، ايمبولينسز ۽ ايئر ايمبولينس هيليڪاپٽر موقعي تي پهچي ويا، امدادي ڪارروايون شروع

وارسا (اي پي پي) پولينڊ جي گاڏي واري شهر وارسا ۾ هڪ فائرنگ رينج ۾ باهه لڳڻ سبب 4 ماڻهو فوت جڏهن ته 2 زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا موجب اهو واقعو شهر جي آرسينوف ضلعي ۾ پيش آيو جتي باهه فائرنگ رينج اندر لڳي ۽ بعد ۾ ويجهو بيٺل هڪ گاڏي تائين پکڙجي وئي. جاثايل رينج ۾ ان وقت مرمت جو ڪم جاري هو. واقعي جو اطلاع ملندي ئي فائر بريگيڊ جون گاڏيون، ايمبولينسز ۽ ايئر ايمبولينس هيليڪاپٽر موقعي تي پهچي ويا ۽ امدادي ڪارروايون شروع ڪري ڇڏيون پولينڊ پوليس جي فائر سروس جي اڳوڻي ترجمان ٻڌايو ته اکين ڏٺن شاهدن عمارت اندر دونهين جي نشاندهي ڪئي هئي عملدارن موجب باهه جا سبب ڄاڻڻ لاءِ جاچ جاري آهي

فن لينڊ ايراني نار ۾ ڪنهن به فوجي سرگرمي جو حصو بڻجڻ جو ارادو نٿو رکي: پرڏيهي وزير

خطي ۾ فوجي سامان نه موڪليندا سين. اسٽاف آفيسر جي سطح تي محدود تعاون تي غور ڪري سگهجي ٿو

چاهيون ٿا ته خطي ۾ فوجي ڪارروايون فوري ختم ٿين، تشدد ۽ انفرا اسٽرڪچر تي حملا بند ڪيا وڃن

هيلسنڪي (اي پي پي) فن لينڊ جي پرڏيهي وزير ايلينا والٽونن واضح ڪيو آهي ته سندس ملڪ ايراني نار ۾ ڪنهن به فوجي سرگرمي جو حصو بڻجڻ جو ارادو نٿو رکي. پرڏيهي ميڊيا موجب فن لينڊ ان خطي ۾ فوجي سامان نه موڪليندو جڏهن ته اسٽاف آفيسر جي سطح تي محدود تعاون تي غور ڪري سگهجي ٿو. هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته فن لينڊ چاهي ٿو ته خطي ۾ فوجي ڪارروايون فوري طور تي ختم ٿين ۽ شهرين خلاف تشدد ۽ انفرا اسٽرڪچر تي حملا بند ڪيا وڃن سندس موجب ڌرين کي ڳالهين جي ميز تي واپس اچڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته ڊگهو عدم استحڪام عالمي واپار کي متاثر ڪري سگهي ٿو قيمتن ۾ اضافو ڪري سگهي ٿو ۽ عالمي سلامتي کي نقصان پهچائي سگهي ٿو پرڏيهي وزير اهو به واضح ڪيو ته نيٽو جا ميمبر ملڪ وچ اوڀر جي تڪرار ۾ آمريڪا سان سڌي ريت شامل نه ٿيندا. سندس بيان اصل ۾ صدر اليگزينڊر راسٽب طرفان جاري ڪيل هڪ پيغام جي وضاحت طور سامهون آيو جنهن ۾ فن لينڊ ٻين يورپي ملڪن سان گڏجي آبنائي هرمز ۾ محفوظ جهاز راني جي حمايت جو اظهار ڪيو هو

ڪراچي ۾ نامعلوم جوابدارن ڪتاب جي دڪان کي باهه ڏيڻ جي ڪوشش

سر سيد اردو بازار ۾ جوابدارن هڪ ڪتاب جي دڪان کي باهه ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي

ظاهري طور تي اهو واقعو ذاتي دشمني يا ٽرانزيڪشن لڳي ٿو، جاچ ڪري رهيا: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) رضويه ٿاڻي جي علائقي ناظم آباد سر سيد اردو بازار ۾ نامعلوم جوابدارن پاران هڪ ڪتاب جي دڪان کي باهه ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي واقعي جي سي سي ٽي وي فوٽيج سامهون آئي آهي. جنهن مطابق عيد جي پهرين ڏينهن رات 9:15 تي هڪ ڪار ۽ موٽرسائيڪل تي سوار به ماڻهو دڪان جي ٻاهران اچي بيٺا آهن ڪار ۽ موٽرسائيڪل تي سوار ماڻهو هڪ ٻئي سان ڳالهائي رهيا آهن جڏهن ته ڪار تي سوار ماڻهو اڳتي وڌي رهيا آهن موٽرسائيڪل تي سوار ماڻهو پنهنجي موٽرسائيڪل موڙي دڪان جي ٻاهران بيٺا آهن موٽرسائيڪل تي سوار جوابدار هيلمٽ پائي رهيو آهي ۽ ٻئي جوابدار جي هٿ ۾ پلاسٽڪ جي بوتل ۾ پيٽرول يا ڪيميڪل آهي هيلمٽ پائي ويٺل جوابدار ٻئي جوابدار کان بوتل وٺڻ کان پوءِ دڪان جي شٽر اندر پيٽرول يا ڪيميڪل وجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو جوابدار ماچس سان ان کي باهه ڏئي ٿو ۽ پنهنجي ساٿي سان گڏ موقعي تان فرار ٿي وڃي ٿو دڪان ۾ باهه لڳي ٿي پر خوشقسمتيءَ سان باهه صرف جزوي طور تي دڪان کي نقصان پهچائي ٿي متاثر دڪاندار موجب علائقي ۾ موجود ماڻهن دڪان جا تالا ٽوڙي دڪان کي مڪمل طور تي سڙڻ کان بچايو جيڪڏهن دڪان ۾ باهه پکڙجي ها ته اها سڄي مارڪيٽ کي پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي ڇڏي ها. متاثر دڪاندار مطالبو ڪيو آهي ته اختيارين واقعي جو نوٽيس وٺن ۽ باهه لڳائڻ ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪن ايس ايڇ او رضويه بشارت جو چوڻ آهي ته نامعلوم جوابدارن صرف هڪ مخصوص دڪان کي ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ظاهري طور تي واقعو ذاتي دشمني يا ڪنهن معاملي جو معاملو لڳي رهيو آهي پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

موٽروي پوليس وڌيڪ ڀاڙو وصول ڪيل 60 لک کان وڌيڪ رقم مسافرن کي واپس ڪرائي

آءِ جي موٽروي جي هدايتن تي وڌيڪ ڀاڙن جي وصولي ۽ اوورلوڊنگ خلاف خاص مهم جاري

اوورچارجنگ ۽ نامڪمل سفري دستاويزن جي مد ۾ 22 هزار کان وڌيڪ چالان جاري ڪيا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) موٽروي پوليس جو مسافرن لاءِ خوشخبري پيغام موٽروي پوليس جي ترجمان موجب، اضافي ڪرائي جي مد ۾ وصول ڪيل 60 لک کان وڌيڪ رقم مسافرن کي واپس ڪري ڏني وئي خصوصي مهم زائد ڪرائي ۽ اوورلوڊنگ خلاف آءِ جي موٽروي پوليس سلطان احمد چوڌري جي هدايتن تي 15 مارچ کان وڌيڪ ڀاڙن ڪرائي ۽ اوورلوڊنگ خلاف هڪ خاص مهم جاري آهي جنهن تحت سواري واري گاڏين کي اوورلوڊنگ، اوورچارجنگ ۽ نامڪمل سفري دستاويزن جي مد ۾ 22 هزار کان وڌيڪ چالان جاري ڪيا ويا. شهرين لاءِ شڪايت جو آسان طريقو شهرين پنهنجون شڪايتون سڌو موٽروي پوليس آفيسرن هيلپ لائن 130 يا سوشل ميڊيا هينڊل @NHMPofficial تي درج ڪري سگهن ٿا. نئين حد رفتار ۽ روڊ سيڪيورٽي ڪفايت شعاري ۽ ايندڻ جي بچت جي لاءِ 12 مارچ کان وٺي 24 هزار کان وڌيڪ گاڏين جا چالان نئين حد رفتار جي خلاف ورزي تي جاري ڪيا ويا. موٽروي پوليس جا آفيسر ملڪ جي سڀني ٽول پلازن تي نئين حد رفتار ۽ روڊ سيڪيورٽي بابت آگاهي فراهم ڪري رهيا آهن

ڪراچي گل پلازا جي سڙي ويل عمارت جي بيسمينٽ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر باهه لڳي وئي

اطلاع ملڻ شرط فائر اينڊ ريسڪيو ٽيمون ايمبولينس ۽ فائر بريگيڊ گاڏين سميت پهچي ويون

گارڊن پوليس جي وڏي نفري به موقعي تي پهچي وئي، باهه وسائڻ جو عمل شروع ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گل پلازا ۾ اڳ ۾ لڳل باهه کان متاثر عمارت جي بيسمينٽ ۾ ٻيهر باهه لڳي وئي آهي. ريسڪيو 1122 جي ترجمان موجب سينٽرل ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول کي اطلاع ملڻ شرط فائر اينڊ ريسڪيو ٽيم ايمبولينس ۽ فائر بريگيڊ گاڏين سميت فوري طور واقعي واري هنڌ روانا ڪيا ويا. ٽيمون باهه وسائڻ لاءِ ڪوششون جاري رکيون ويليون آهن. فائر بريگيڊ عملدارن موجب صدر واري علائقي ۾ گل پلازا جي بيسمينٽ ۾ باهه لڳي آهي، جتي چار فائر ٽينڊر پهچي چڪا آهن ۽ باهه تي ضابطو آڻڻ لاءِ آپريشن جاري آهي. گارڊن پوليس جي وڏي نفري به موقعي تي پهچي وئي آهي. جڏهن ته شهرين کي احتياطاً واقعي واري هنڌ کان پري رکيو پيو وڃي. ياد رهي ته گل پلازا ۾ اڳ لڳل خوفناڪ باهه واري واقعي ۾ لڳ ڀڳ 70 ماڻهو حياتيون وڃائي ويٺا هئا، جڏهن ته 1100 کان وڌيڪ دڪان سڙي تباهه ٿي ويا هئا. ان واقعي سبب اندازاً 12 ارب رپين کان وڌيڪ مالي نقصان ٿيو هو. ذريعن موجب ان افسوسناڪ واقعي جي سببن جي جاچ لاءِ عدالتي انڪوائري پڻ جاري آهي جيئن باهه لڳڻ جا حقيقي سبب معلوم ڪري سگهجن.

قطر جو فوجي هيليڪاپٽر سمنڊ ۾ ڪري تباهه، 6 فوجي اجل جو شڪار، هڪ گم

اڏام دوران هيليڪاپٽر ۾ فني خرابي ٿي جنهن جي نتيجي ۾ اهو سمنڊ ۾ ڪري تباهه ٿي ويو

حادثي کان پوءِ ڇهن اهلڪارن جا لاش سمنڊ مان ڪڍيا ويا آهن جڏهن ته هڪ جي ڳولا جاري آهي

دوحه (اي پي پي) قطر جو هٿياربند فوج جو هيليڪاپٽر معمول جي اڏام دوران سمنڊ ۾ ڪري تباهه ٿي ويو جنهن جي نتيجي ۾ 6 فوجي اجل جو شڪار ٿي ويا جڏهن ته هڪ گم آهي جنهن جي ڳولا لاءِ سرچ آپريشن شروع ڪيو ويو آهي. حادثي جو سبب فني خرابي ٻڌايو ويو آهي. ميڊيا رپورٽن موجب قطر جي دفاع واري وزارت جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته هيليڪاپٽر معمول جي مشن تي هو جنهن ۾ ست فوجي اهلڪار سوار هئا. اڏام دوران هيليڪاپٽر ۾ فني خرابي جي نتيجي ۾ اهو سمنڊ ۾ ڪري تباهه ٿي ويو حادثي کان پوءِ ڇهن اهلڪارن جا لاش سمنڊ مان ڪڍيا ويا آهن جڏهن ته هڪ جي ڳولا جاري آهي. عملدارن هيليڪاپٽر ۾ فني خرابي جا تفصيل معلوم ڪرڻ لاءِ وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ته جيئن حادثي جو اصل سبب معلوم ڪري سگهجي.

پاڪستان آبي حقن جي تحفظ لاءِ پرعزم آهي جارحيت جي سخت مخالفت ڪنداسين: گورنر

صاف پاڻي هر شهري جو بنيادي حق آهي ۽ ان جي فراهمي جي حڪومت جي اهم ذميواري آهي

ڪراچي ۾ پاڻي ڪوٽ کي ختم ڪرڻ لاءِ جديد منصوبا بندي تي تيزي سان ڪم هلي پيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر محمد نهال هاشمي عالمي پاڻي جي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته صاف پاڻي هر شهري جو بنيادي حق آهي ۽ ان جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ حڪومت جي اهم ذميواري آهي. هن چيو ته سنڌ، خاص طور ڪراچي ۾ صاف پاڻي جي منصفاڻي ۽ بنا رڪاوٽ فراهمي کي پهرين ترجيح ڏني پئي وڃي. جڏهن ته وزيراعظم شهباز شريف جي قيادت ۾ قومي واٽر پاليسي تحت مؤثر سڌارن تي ڪم جاري آهي. گورنر سنڌ وڌيڪ چيو ته پاڪستان آبي حقن جي تحفظ لاءِ پرعزم آهي ۽ ڪنهن به قسم جي آبي جارحيت جي سخت مخالفت ڪندي. هن چيو ته پاڻي جي کوٽ جو سڀ کان وڌيڪ اثر عورتن ۽ نياڻين تي پوي ٿو تنهنڪري انهن کي بااختيار بڻائڻ انتهائي ضروري آهي. محمد نهال هاشمي چيو ته ڪراچي ۾ پاڻي جي کوٽ کي ختم ڪرڻ لاءِ جديد منصوبا بندي تي تيزي سان ڪم هلي رهيو آهي جڏهن ته پاڻي جي بچت ۽ ذميوارانه استعمال کي قومي ذميواري طور اپنائڻ گهرجي.

راڌڻ ۾ وڌندڙ مهانگائي ۽ انتظامي بي ڌياني خلاف احتجاجي مظاهرو

اي سي ميهڙ رمضان مهينو گذرڻ باوجود شهر جو هڪ ڀيرو به دورو نه ڪيو: انور ملاح

گوشت جا غير قانوني اگهه وڌايا ويا آهن غريب عوام عيد خوشين کان محروم ٿي ويا آهن

راڌڻ (ن ع) عوامي تحريڪ راڌڻ سٽي جي صدر انور ملاح راڌڻ ۾ سخت احتجاج ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي شهر ۾ وڌندڙ مهانگائي ملاوٽ ۽ انتظامي بي ڌياني تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. هن الزام هنيو ته اسسٽنٽ ڪمشنر ميهڙ غلام فاطمه ڪومل گهلو رمضان المبارڪ جي مقدس پورو مهينو گذرڻ باوجود راڌڻ شهر جو هڪ ڀيرو به دورو ناهي ڪيو جنهن ڪري واپارين ۽ دڪاندارن کي کلي عام من ماني ڪري روزمره جي ضروري شين مهانگي اگهن تي وڪڻڻ جي ڇٽ ملي وئي آهي. هن چيو ته عيدالفطر جي موقعي تي به شهر ۾ مهانگائي عروج تي رهي ۽ ڊجلتا ۽ ڏاڍ انتظاميا ڪو به نوٽيس نه ورتو ۽ خاموش تماشائي بڻيل رهي جنهن جي ڪاسائين طرفان گوشت جا اگهه غيرقانوني طور تي وڌايا ويا. ڍڳي جو گوشت 1400 _ 1500 رپيا ٻڪري جو گوشت 2500روپيا في ڪلو ۽ مرغي 700 رپيا في ڪلو مڇي 650 روپياڪلو وڪرو ڪئي وئي جنهن سبب غريب ۽ پورهيت طبقو عيد جي خوشين کان محروم رهيو ان کان علاوه ميوا ۽ فروٽ به حد کان وڌيڪ اگهن تي وڪرو ڪيا ويا. انور ملاح وڌيڪ چيو ته شهر جي ڪيترين ئي هوٽلن ۽ دڪانن تي کلي عام ڪيميڪل ملاوٽ وارو کير وڪرو ٿي رهيو آهي جيڪو انساني صحت لاءِ انتهائي نقصانڪار آهي پر لاڳاپيل کاتا ۽ عملدار مڪمل طور تي خاموش تماشائي بڻيل آهن. هن چيو ته جيڪڏهن فوري طور تي ڪارروائي نه ڪئي وئي ته شهر ۾ بيمارين پکڙجڻ جو خطرو وڌي سگهي ٿو انهن انتظاميا جي ڪارڪردگي تي سخت تنقيد ڪندي چيو ته راڌڻ شهر ۾ قانون جي عملداري نالي ڪا شيءِ نظر نٿي اچي ۽ غريب عوام هر روز استحصال جو شڪار ٿي رهيو آهي. آخر ۾ هن وزيراعليٰ سنڌ ۽ ڊي سي دادو کان مطالبو ڪيو ته راڌڻ شهر ۾ فوري نوٽيس وٺي ناجائز مهانگائي، ملاوٽ ۽ انتظامي لاپرواهي خلاف سخت قدم کنيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ايران اڪيلي سر يزيدن سان جنگ ٿو وڙهي، ڪوبه ملڪ هن جو ساٿ نه ٿو ڏئي: پير پاڳارو

آمريڪا ۽ اسرائيل جي حملن ۾ ايران جا ٻار، عورتون مرد شهيد ٿي ويا آهن. خدا تعاليٰ انهن سان گڏ آهي

جماعت ۾ نياڻيون ڪجهه ڊاڪٽر، ليڪچرار، پروفيسر سميت چڱن عهدي تي اچڻ تي خوشي ٿي آهي

ڇوڪرن کي تعليم ڏياريو، جيڪڏهن تعليم ۾ ڪمزور آهين ته انهن کي هنر سيکاريو: عيد الفطر تي روحاني خطاب

خيرپور (بيورو) فنڪشنل مسلم ليگ جي سربراهه ۽ حرن جي روحاني پيشوا پيرسيد صبغت الله شاهه پير پاڳاري عيد الفطر جي موقعي تي حر جماعت کي روحاني خطاب ڪيو ان موقعي تي پير پاڳاري پنهنجي خطاب ۾ چيو ته ايران اڪيلي سر يزيدن سان جنگ ٿو وڙهي، ڪوبه ملڪ هن جو ساٿ نه ٿو ڏئي آمريڪا ۽ اسرائيل جي حملن ۾ ايران جا ٻار عورتون مرد شهيد ٿي ويا آهن پير پاڳاري چيو ته جيڪو اڪيلو آ ان سان خدا تعاليٰ گڏ آهي، فتح ايران جي ٿيندي هن چيو ته جماعت کي دوستن واسطيدارن کي ڪافي پيرا چئي چڪو آهيان هاڻي موسم تبديل ٿي چڪي آهي زمين تي وڌيڪ ڀروسو نه ڪيو کهڙي به وقت برسات ٿي سگهي ٿي، هن پيري گرميون تمام وڌيڪ ٿينديون پيرپاڳاري چيو ته سفر دوران تمام جماعت سان ملڻ دوران تمام گهڻي خوشي ٿي جماعت جون نياڻيون پڙهي لکي اڳتي اچي چڪيون آهن ۽ خوشي آهي ته جماعت ۾ نياڻيون ڪجهه ڊاڪٽر ليڪچرار پروفيسر سميت چڱن عهدي تي اچي ويون آهن توهان هميشه نياڻين جي تعليم تربيت تي سختي سان نظر رکو چو ته اڳتي انهن تي ڇوڪرين کي گهر هلائڻ سان گڏ اولاد کي وڏو ڪرڻو آهي. هن چيو ته ڇوڪرن کي تعليم ڏياريو جيڪڏهن تعليم ۾ ڪمزور آهين ته انهن کي هنر سيکاريو ته جيئن هو گهر هلائي سگهن جيڪڏهن هنر نه هوندو ته غلط صحبت ۾ اچي ويندا هن چيو ته درود پاڪ صلوات شريف جو ورد ڪيو اڳين دنيا بهتر ٿيندي ۽ درگاهه لاءِ جماعت لاءِ پاڪستان لاءِ ۽ پاڪستان جي فوج لاءِ دعاگو رهو پير پاڳاري چيو ته هر پيري چوندو آهيان ته چوپايو مال وڌايو روزگار جي باري، ڪاروبار جي باري ۾ جماعت کان پڇندو آهيان مال ڌاريو آن ۾ برڪت آهي.

ڪراچي ۾ ايف آءِ اي هٿان حوالا هنڊي ۾ ملوث جوابدار گرفتار 289 ڪروڙن جي ڪرنسي ضبط

ڊپٽي ڊائريڪٽر ايف آءِ اي جي ڪارروائي دوران دوران جوابدار عبدالرحمان کي حراست ۾ ورتو ويو

جوابدار جي قبضي مان 289 ڪروڙ رپين جي ايراني ڪرنسي ۽ هڪ موبائل فون هٿ ڪيو ويو

موبائل فون مان پرڏيهي ڪرنسي ۽ حوالا هنڊي جي خريداري ۽ وڪري سان لاڳاپيل ثبوت هٿ آيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي ڪمرشل بينڪنگ سرڪل ڪراچي حوالا هنڊي سان لاڳاپيل هڪ ڪارروائي دوران 289 ڪروڙ رپين جي ڪرنسي ضبط ڪئي. ايف آءِ اي ترجمان موجب ايف آءِ اي ٽيم غير قانوني پرڏيهي ڪرنسي ۽ حوالا هنڊي خلاف ڪارروائي ڪئي. آپريشن ڊائريڪٽر ڪراچي زون جي هدايتن ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر جي نگراني ۾ ڪيو ويو. غير قانوني پرڏيهي ڪرنسي ۽ حوالا هنڊي خلاف ڪريڪ ڊائون دوران جوابدار عبدالرحمان ولد سلطان محمد کي حراست ۾ ورتو ويو. جوابدار جي قبضي مان تقريبن 289 ڪروڙ رپين جي ايراني ڪرنسي هٿ ڪئي وئي. هڪ موبائل فون پڻ هٿ ڪيو ويو جنهن ۾ غير قانوني ٽرانزيڪشن جو رڪارڊ هو. موبائل فون ۾ پرڏيهي ڪرنسي ۽ حوالا هنڊي جي خريداري ۽ وڪري سان لاڳاپيل ثبوت مليا. جوابدار کي برآمد ڪيل ڪرنسي ۽ ثبوتن سان گڏ ايف آءِ اي سي بي سي ڪراچي منتقل ڪيو ويو. جاثايل ڪيس ۾ وڌيڪ جاچ جاري آهي

اسان جي بجلي نظام کي نشانو بڻايو ويو ته خطي ۾ توانائي اثاثن تي حملا ڪنداسين: ايران

تيل ۽ گيس جي اثاثن سميت واٽر پلانٽن ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي نظام به نشانو بڻجي سگهن ٿا

خاص طور تي اهي اثاثا، جيڪي آمريڪا ۽ اسرائيل سان جڙيل هجن انهن تي حملا ٿيندا: فوجي ترجمان

تهران (م د) ايران خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن اسان جي بجلي نظام کي نشانو بڻايو ويو ته خطي ۾ توانائي اثاثن تي حملا ڪري سگهون ٿا. ايراني فوج جي مرڪزي ڪمانڊ جي ترجمان ابراهيم ذوالفقاري چيو آهي ته ايران نه رڳو تيل ۽ گيس جي اثاثن پر پاڻي صاف ڪندڙ پلانٽن ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي جي نظام کي به نشانو بڻائي سگهي ٿو خاص طور تي اهي اثاثا، جيڪي آمريڪا ۽ اسرائيل سان جڙيل هجن. واضح رهي ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن 48 ڪلاڪن ۾ آبنائے هرمز کي نه کوليو ويو ته ايران جي بجلي گهرن کي نشانو بڻائينداسين.

سوئٽزرلينڊ آمريڪا کي هٿيارن جون برآمدون روڪي ڇڏيون، سريلنڪا طرفان اڏا ڏيڻ کان انڪار

ايران جنگ دوران پنهنجي غير جانبداري برقرار رکندي ويڙهه ۾ شامل ملڪن کي هٿيارن جون برآمدون معطل ڪيون

اهو فيصلو عالمي قانونن ۽ غير جانبداري جي پاليسي تحت ڪيو ويو آهي: سوئس حڪومت

آمريڪا ٻن جنگي جهازن جي مقرري جي درخواست ڪئي هئي، جنهن کي رد ڪيو ويو آهي: سريلنڪن صدر

برن + ڪولمبو (م د) سوئٽزرلينڊ ايران جنگ دوران پنهنجي غير جانبداري برقرار رکندي آمريڪا سميت جنگ ۾ شامل ملڪن کي هٿيارن جون برآمدون معطل ڪري ڇڏيون. جڏهن ته سريلنڪا به آمريڪي جنگي جهازن کي پنهنجا اڏا استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي سوئس حڪومت موجب اهو فيصلو عالمي قانونن ۽ غير جانبداري جي پاليسي تحت ڪيو ويو آهي ته جيئن جاري تڪرار ۾ ڪنهن به ڌر جي حمايت کان پاسو ڪيو وڃي. هوڏانهن سريلنڪن صدر پارليامينٽ کي ٻڌايو ته آمريڪا ٻن جنگي جهازن جي مقرري جي درخواست ڪئي هئي، جنهن کي رد ڪيو ويو آهي

سوڊان ۾ اسپتال تي خوفناڪ حملو، ٻارن سوڌو 60 کان وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا

حملي ۾ الداعين ٽيچنگ اسپتال کي نشانو بڻايو ويو، گهٽ ۾ گهٽ 12 ٻار پڻ حياتيون وڃائي ويٺا

حملي ۾ 60 ڄڻا فوت 100 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿيا ۽ ايمرجنسي وارڊ جي عمارت مڪمل تباهه ٿي وئي

ڪيترائي ماڻهو اڃا تائين ملبي هيٺ دٻيل آهن ۽ امدادي ڪارروايون جاري آهن: ريپڊ سپورٽ فورسز

خرطوم (م د) سوڊان جي رياست دارفور ۾ هڪ اسپتال تي ڊرون حملي جي نتيجي ۾ 60 کان وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا، جڏهن ته ڪيترائي زخمي ٿي پيا. مقامي ذريعن ۽ گڏيل قومن ٻڌايو ته جمعي ڏينهن ٿيل ان حملي ۾ الداعين ٽيچنگ اسپتال کي نشانو بڻايو ويو جنهن جي نتيجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 12 ٻار پڻ حياتيون وڃائي ويٺا. نيم فوجي تنظيم ريپڊ سپورٽ فورسز ٻڌايو ته حملي ۾ 100 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿيا ۽ اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ جي معين ماڙ مڪمل طور تباهه ٿي وئي جڏهن ته عمارت ۽ طبي اوزارن کي به سخت نقصان پهتو. تنظيم موجب ڪيترائي ماڻهو اڃا تائين ملبي هيٺ دٻيل آهن ۽ امدادي ڪارروايون جاري آهن. ريپڊ سپورٽ فورسز ان حملي کي عالمي انساني قانونن جي ڪليل ڀڃڪڙي قرار ڏيندي آزادانه جاچ جو مطالبو ڪيو آهي. اوڀر دارفور جي مقامي سول انتظاميا جي سربراهه تصديق ڪئي آهي ته زخمين ۾ وڏي انگ ۾ عورتون ۽ ٻار شامل آهن. ٻئي پاسي سوڊان ۾ انساني معاملن لاءِ گڏيل قومن جي اداري واقعي تي سخت ڳڻتي ظاهر ڪندي شهرين ۽ طبي عملي جي تحفظ تي زور ڏنو آهي. واضح رهي ته سوڊاني هٿياربند فوج ۽ ريپڊ سپورٽ فورسز وچ ۾ اپريل 2023 کان جاري جنگ سبب ملڪ ۾ سخت انساني بحران پيدا ٿي چڪو آهي. جنهن ۾ هزارين ماڻهو مارجي چڪا آهن ۽ لکين بي گهر ٿي ويا آهن.

سعودي عرب ايران جي سفارتي عملي کي ملڪ ڇڏڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

ايراني فوجي اتاشي ۽ اسسٽنٽ سميت سفارتخاني جي عملي کي ملڪ ڇڏڻ جي هدايت

فيصلو ملڪي سلامتي ۽ خود مختياري جي تحفظ لاءِ ڪيو آهي ۽ هر حق محفوظ رکون ٿا: حڪومت

ايراني قدم خطي جي امن لاءِ سنگين خطرو آهن ۽ ان جا نتيجا به سنگين هوندا

رياض (م د) سعودي عرب ايران جي سفارتي عملي کي ملڪ ڇڏڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو سعودي پرڏيهي وزارت موجب ايراني فوجي اتاشي ۽ اسسٽنٽ فوجي اتاشي سميت سفارتخاني جي ٻئي عملي کي 24 ڪلاڪن اندر ملڪ ڇڏڻ جي هدايت جاري ڪئي وئي آهي. سعودي حڪومت انهن کي اڻ وڻندڙ شخصيت قرار ڏنو آهي بيان ۾ چيو ويو آهي ته اهو فيصلو ملڪي سلامتي ۽ خود مختياري جي تحفظ لاءِ ڪيو ويو آهي ۽ هر ممڪن قدم کڻڻ جو حق محفوظ رکون ٿا. سعودي اختيارين ايران تي سخت الزام هڻندي چيو ته ايراني قدم خطي جي امن لاءِ سنگين خطرو آهن ۽ ان جا نتيجا به سنگين هوندا.

پاڙيسرين سان اختلاف ناهن، جارحاڻا قدم اسرائيل، آمريڪا ۽ سندن اتحادين جي مفاد ۾ نه هوندا: ايراني صدر

اسانجي اختلافن جو واحد فائدو کڻڻ وارو اسرائيل آهي، پر اسان جا پنهنجن پاڙيسرين سان اختلاف ناهن

ايران جي خلاف ٿيندڙ جارحاڻا قدم اسرائيل، آمريڪا يا سندن اتحادين جي مفاد ۾ نه هوندا

تهران (اي پي پي) ايران جي صدر مسعود پزشڪيان چيو آهي ته سندس ملڪ جا پنهنجن پاڙيسرين سان ڪي اختلاف ناهن. پرڏيهي ميڊيا مطابق هن سوشل ميڊيا ايڪس تي جاري هڪ بيان ۾ چيو ته اسانجي اختلافن جو واحد فائدو کڻڻ وارو اسرائيل آهي پر ان جي ملڪ جا پنهنجن پاڙيسرين سان ڪي اختلاف ناهن هن چيو ته جارحاڻا قدم اسرائيل آمريڪا يا سندن اتحادين جي مفاد ۾ نه هوندا پر اهي رڳو صورتحال کي وڌيڪ خراب ڪرڻ جو سبب بڻجندا.

تيل جي مسلسل فراهمي لاءِ پرعزم آهيون، مستحق طبقن کي ٽارگيٽيڊ رليف پيڪيج ڏنو ويندو: ناڻي وارو وزير

علائقائي تڪرار ۽ جنگي حالتن جي ڪري توانائي جي بنيادي ڍانچي تي اثر انداز ٿيڻ جو امڪان آهي

حڪومت 69 ارب رپين جو بار پاڻ برداشت ڪيو آهي، ۽ عوام تي گهٽ بار وجهڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن

مستحق طبقن لاءِ ٽارگيٽيڊ رليف پيڪيج تيار ڪيو پيو وڃي، معاشي صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ قدم کڻون پيا

لاهور (م د) وفاقي وزير خزانه محمد اورنگزيب عيد الفطر جي موقعي تي ملڪ جي ماڻهن کي مبارڪباد ڏني ۽ ملڪ ۾ استحڪام ۽ سلامتي لاءِ دعا ڪئي. لاهور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته وزيراعظم قوم کي پنهنجي خطاب ۾ ملڪ جي معاشي ۽ توانائي جي چئلينجن تي تفصيلي بحث ڪيو. ناڻي واري وزير چيو ته علائقائي تڪرار ۽ جنگي حالتن جي ڪري توانائي جي بنيادي ڍانچي تي اثر انداز ٿيڻ جو امڪان آهي. هن چيو ته حڪومت پيٽروليم شين تي 69 ارب رپين جو بار پاڻ برداشت ڪيو آهي ۽ عوام تي گهٽ بار وجهڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. محمد اورنگزيب محدود وسيلن جي ڪري هڪ پائيدار ۽ ڊگهي عرصي وارو حل جي ضرورت تي زور ڏنو ۽ اهو به چيو ته طلب جي انتظام ۽ توانائي جي بچت جي قدمن تي غور ڪيو پيو وڃي. وفاقي وزير خزانه محمد اورنگزيب چيو ته اپريل تائين سپلاءِ جي صورتحال بهتر ٿيڻ جي اميد آهي. اسان جا وسيلا لامحدود نه آهن. ناڻي واري وزير چيو ته مستحق طبقن لاءِ هڪ ٽارگيٽيڊ رليف پيڪيج تيار ڪيو پيو وڃي. مان توهان کي دعوت ڏيان ٿو ته توهان اسان کي پنهنجون تجويزون موڪليو. محمد اورنگزيب چيو ته پيٽروليم آئي ٽي ۽ ناڻي سميت سڀني وزارتون هڪ گڏيل حڪمت عملي تي ڪم ڪري رهيون آهن. هن وڌيڪ چيو ته معاشي صورتحال واپار ۽ سيڙپڪاري تي ممڪن اثرن جو جائزو ورتو پيو وڃي. حڪومت معاشي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي. ناڻي واري وزير چيو ته سپلاءِ سسٽم جي مڪمل نگراني ڪئي پئي وڃي.

پي ايس ايل مقابلا بنا تماشائين جي رڳو ڪراچي ۽ لاهور تائين محدود، افتتاحي تقريب رد

ايونٽ شيڊيول موجب 26 مارچ کان شروع ٿيندو بچت پاليسي تحت ٽورنامينٽ رڳو ٻن شهرن ٿيندا

ميچن ۾ ڪوبه تماشائي نه ايندو شوقينن کان معذرت ڪيون ٿا، ٽڪيٽن جا پيسا واپس ڏنا ويندا: محسن نقوي

حالتون معمول تي اچي ويون ته اجازت ڏينداسين، خبر ناهي ته جنگ ڪيستائين هلندي: پي سي بي چيئرمين

لاهور (م د) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ پي ايس ايل 11 جون ميچون رڳو ڪراچي ۽ لاهور ۾ بنا تماشائين جي ڪرائڻ ۽ ٽورنامينٽ جي افتتاحي تقريب رد ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو قذافي اسٽيڊيم لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي پي سي بي چيئرمين محسن نقوي چيو ته ايونٽ شيڊيول موجب 26 مارچ کان شروع ٿيندو پر بچت پاليسي ٽورنامينٽ رڳو ٻن شهرن ۾ ۽ تماشائين جي بنا ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. شوقينن کان معذرت ڪيون ٿا، ٽڪيٽن جا پيسا واپس ڏنا ويندا. هن چيو ته خطي جي صورتحال سبب وزيراعظم بچت پاليسي جو اعلان ڪيو هو ٽورنامينٽ جو نئون شيڊيول ڏينداسين جنهن ۾ رانديگرن جي چرپر گهٽ کان گهٽ رکي ويندي سندس چوڻ هو ته پي ايس ايل هڪ انٽرنيشنل برانڊ آهي، جنهن ۾ پرڏيهي رانديگر به شامل آهن ايونٽ ملتوي ڪرڻ ممڪن نه هو چو ته اڳتي ڪا ونڊو دستياب ناهي. فرنچائز کي گيٽ مني پي سي بي ڏيندو ٽورنامينٽ ۾ شرڪت لاءِ عالمي ڪرڪيٽر هڪ به ڏينهن ۾ اچڻ شروع ٿي ويندا. محسن نقوي چيو ته جيستائين بحران آهي ماڻهن کي اسٽيڊيم اچڻ جي اجازت نه هوندي، حالتون معمول تي اچي ويون ته اجازت ڏينداسين، خبر ناهي ته جنگ ڪيستائين هلندي، حڪومت سبسڊي نه ڏئي ها ته ڊيزل 500 کان مٿي هليو وڃي

اسلام آباد ۾ مشهور ٽڪ ٽاڪر مڙس هٿان قتل، جوابدار پاڻ کي به ماري ڇڏيو

"آئوٽ لوفرا" جي نالي سان سڃاتي ويندڙ پشتو ٽڪ ٽاڪر ثنا جاويد کي مڙس محمد صادق قتل ڪيو

زال تي فائرنگ ڪرڻ کان پوءِ جوابدار پاڻ کي مٿي ۾ گولي هڻي زندگي جو خاتمو ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م د) اسلام آباد جي همڪ ٿاڻي جي حدن ۾ مشهور پشتو ٽڪ ٽاڪر ثنا جاويد، جيڪا سوشل ميڊيا تي "آئوٽ لوفرا" جي نالي سان سڃاتي ويندي هئي، کي مڙس فائرنگ ڪري قتل ڪري ڇڏيو جڏهن ته جوابدار بعد ۾ پاڻ کي گولي هڻي آپگهات ڪري ڇڏيو. پوليس ذريعن موجب واقعو لڳندر ٽاور پرسان پيش آيو جتي مڙس محمد صادق مبينا طور پهرين پنهنجي زال تي فائرنگ ڪئي ۽ پوءِ پاڻ کي مٿي ۾ گولي هڻي زندگي جو خاتمو ڪري ڇڏيو. ايف آءِ آر جي متن موجب واقعي واري هنڌان ٽي خول ۽ هڪ ٽائين ايم ايم پسٽل هٿ آيو آهي، جنهن کي پوليس پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي. شروعاتي جاچ ۾ سامهون آيو آهي ته محمد صادق اٽڪ پوليس ۾ ڪانسٽيبل طور مقرر هو. پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته واقعو ظاهري طور گهريلو اڻبڻت جو نتيجو لڳي ٿو جڏهن ته ٻنهي زال مڙس وچ ۾ اڪثر جهيڙن جا اطلاع به مليا آهن. ذريعن جو چوڻ آهي ته اها مقتولا ثنا جاويد جي ٻي شادي هئي، ان کان اڳ هن شفيق احمد نالي شخص سان شادي ڪئي هئي، جنهن کان هن خلع ورتي هئي. پوليس واقعي جو ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

ڪنڊرا ويجهو افسوسناڪ واقعو، هٿياربند جو گهر تي حملو، ننڊ ستل چار ڀائر قتل

ڳوٺ انورپور ۾ پراڻي تڪرار تان ڏاريجا برادري سان تعلق رکندڙ جوابدار نادر ڏاريجو گهر ۾ گهڙي حملو ڪيو

فائرنگ ۾ ننڊ ستل چار سڳا ڀائر غلام اصغر، نصرت عرف مهدي حسن، غلام اڪبر ۽ اختر حسين ٿي ويا

هڪ ئي وقت 4 جنازا کڄڻ تي ڪهرام ۽ عيد جون خوشيون ماتم ۾ تبديل، علائقي ۾ سوڳ ڇانيل

سکر(بيورو رپورٽ) ڪنڊرا ويجهو افسوسناڪ واقعو ڳوٺ انورپور ۾ عيد جي رات چار سڳا ڀائر قتل، علائقي ۾ سوڳ ۽ خوف جي لهر ڇانيل آهي ڪنڊرا ٿاڻي جي حد ۾ واقع ڳوٺ انورپور ۾ پراڻي تڪرار تان ڏاريجا برادري سان تعلق رکندڙ جوابدار نادر ڏاريجو عيد جي رات دير سان گهر ۾ گهڙي ننڊ ستل چئن سڳن ڀائرن تي حملو ڪري

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ٽنڊو غلام علي: شاخ ۾ ٻڏي فوت ٿيل نينگر جو لاش

ٽنڊوآدم ۾ نوجوان پراسرار طور فوت، بنا پوسٽ مارٽم جي وارثن حوالي

ڳوٺ گول چڪري وٽان 17 ورهين جي مير هريار رند جو لاش ڪار مان هٿ آيو

اطلاع تي پوليس پهچي ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو وارث بنا پوسٽ مارٽم جي گهر کڻي ويا

نوجوان گهڻي مقدار ۾ نشي آور گوريون کائڻ سبب فوت ٿيو آهي: ذريعا

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي خيرمحمد ڳوٺ گول چڪري وٽان ڪار مان 17 سالن جي نوجوان مير هريار ولد معشوق رند جو لاش هٿ آيو اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي تعلقي اسپتال آندو جتان ماڻتن جي انڪار تي پوليس بنان پوسٽ مارٽم ڪرائڻ جي وارثن حوالي ڪيو جيڪي لاش

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ڪوٽڙي ۾ عيد جي نماز پڙهڻ ويندڙ اهلڪار کي هٿياربندن گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو

جانو پاڙي واسي پوليس عملدار غلام علي ناريجو کي موٽرسائيڪل سوارن گوليون هڻي فرار ٿي ويا

اهلڪار گوليون لڳڻ سبب موقعي تي دم ڏئي ڇڏيو، مقتول جو لاش اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

ڪوٽڙي (رپورٽ حسين شورو) عيدالفطر واري ڏينهن جانو پاڙي ڪوٽڙي جو رهواسي پوليس عملدار غلام علي عرف عباس ناريجو جيڪو عيد نماز پڙهڻ لاءِ گهران نڪتو ڪيس رستي موٽر سائيڪل تي سوار

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ٽنڊو آدم: پراسرار نموني فوت ٿيل نوجوان جو لاش پيل آهي

وفاقي وزير انجنيئر امير مقام سان سياسي ۽ سماجي اڳواڻن جون ملاقاتون

شانگلہ (اي پي پي) وفاقي وزير ۽ پاڪستان مسلم ليگ (ن) خيبرپختونخواه جي اڳواڻ انجنيئر امير مقام سان عيدالفطر جي ٻئي ڏينهن

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

سيٺارجا پوليس پاران ننڍي عمر ۾ شادي الزام هيٺ گهوٽ، ڪنوار سميت 4 ڄڻا گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڳجهي اطلاع تي ڳوٺ نوح پوٽا ۾ ڪارروائي ڪندي گهوٽ اياز ۽ ڪنوار نسيم نوحپوٽو کي تحويل ۾ ورتو: پوليس

نڪاح خوان مولوي عبدالڪريم ۽ نينگري جي والد عطا حسين سميت چار ڄڻن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو آهي

عطا حسين نوحپوٽو پنهنجي 13 ورهين جي نياڻي جو نڪاح ڪرائي رهيو ته کين گرفتار ڪيو: موقف

سيٺارجا(رپورٽ سجاد علي ڪبر)سيٺارجا پوليس پاران ننڍي عمر ۾ شادي ڪرائڻ جي الزام هيٺ گهوٽ ،ڪنوار ۽ نڪاح پڙهندڙ مولوي سميت چار ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو چائلڊ ميرج ايڪٽ تحت 6

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ٺٽون ڪوٽ: آپگهات ڪندڙ نوجوان جو لاش اسپتال ۾ رکيل آهي

گلاب لغاري ۽ ڀرپاسي تيز هوائن سان برسات

وسڪاري سبب هيٺائين وارا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا

لاٻارو تيل ڪٽڪ جي فصل کان علاوه انبن جي باغن کي پڻ وڏي نقصان

گلاب لغاري (ن ع) گلاب لغاري ۽ ڀرپاسي ۾ ڳجگوڙ ۽ تيز هوائن سان گڏ برسات جي تيز وسڪاري سبب هيٺاهين وارا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا، جڏهن ته ڪڻ ۾ ڳڏ ۽ لاٻارو تيل ڪٽڪ جي فصل کان

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

سيٺارجا لڳ لنڊ برادري جي ٻن ڌرين جهيڙو، 4 مرد ۽ ڪجهه عورتون زخمي

ڳوٺ علي بخش لنڊ واسي ٻن ڌرين وچ ۾ پلاٽ جي مالڪي تان جهيڙو ٿي پيو

زخمي غلام مهدي، عبدالرزاق، سراج احمد ۽ ٻين کي تعلقي اسپتال منتقل ڪيو ويو

سيٺارجا (ن ع) سيٺارجا ٿاڻي جي حد ڳوٺ علي بخش لنڊ ۾ پلاٽ جي مالڪي تان ٻن ڌرين ۾ هلندڙ تڪرار جي سلسلي ۾ عيد جي ٻئي ڏينهن جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ سبب هڪ ڌر جا 4

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم جو سينيٽر شيري رحمان جي ڌيءَ جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سينيٽر شيري رحمان جي ڌيءَ جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ رنج جو اظهار ڪيو آهي. اڄ ڏينهن وزيراعظم آفيس

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف پاران انوٽن چارن ويراڪل کي ٿائيلينڊ جو وزيراعظم چونڊجڻ تي مبارڪون

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف انوٽن چارن ويراڪل کي هڪ ڀيرو ٻيهر ٿائيلينڊ جو وزيراعظم چونڊجڻ تي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

WE WANT BADAH AS TALUKA
باڊهه تعلقي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو
باڊه تحصيل ڪا نوٽيفڪيشن جاري ڪرو
BADAH TALUKA MOVEMENT

باڊهه: تعلقه موومينٽ پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

بلڙي شاھ ڪريم ۾ جت ۽ ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 9 ڄڻا زخمي

عيد جي ڏينهن جهيڙي سبب ٻن عورتن سميت 9 ڄڻا زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

ملاح برادري جي ماڻهن اسان جي ڇوڪرن تي حملو ڪري سخت زخمي ڪيو آهي: عبدالحڪيم جت

جت برادري جي ڇوڪرن جهيڙو ڪري هلان ڪري نوجوانن ۽ عورتن کي زخمي ڪيو آهي:ملاح برادري

بلڙي شاھ ڪريم (ت ر) بلڙي شاھ ڪريم ۾ عيد جي پلاڙي ڏينهن تي جت ۽ ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٻن عورتن سميت 9 ڄڻا زخمي زخمين کي ٿاڻي تان ليٽر ڏئي علاج لاءِ رورل هيلٿ سينٽر بلڙي شاھ ڪريم منتقل ڪيو ويو آهي زخمين ۾ هڪ ڌر جا مسمات ناهد ملاح آفرا ملاح گلزار ملاح امام ڏنو شاھ ڏاڪر ملاح ٻي ڌر جا عرفان جت شير جت نويد جت نور حسن جت ۽ اجي رند شامل آهن جڏهن ته ڪن زخمين کي حيدرآباد پڻ ريفر ڪيو ويو آهي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

رتو ديرو واسي پيپلز پارٽي جو جهونو جيالو اڳوڻو هيڊ ماسٽر عبدالبقا جلباڻي لاڏاڻو ڪري ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد ۾ عيد جي ٻي ڏينهن تي تيز هوائن سان برساتي وسڪارو

اسٽيشن روڊ، ريلوي ڪالوني سميت حيدرآباد جي هيٺاهين وارن علائقن ۾ پاڻي بيهي رهيو

برسات جي پاڻي جي نيڪالي لاءِ عملو ڪم ڪري رهيو آهي: حيدرآباد انتظاميا

اڄ کان سنڌ ۾ موسم خشڪ برسات جو نئون اولهه وارو سسٽم 28 مارچ داخل ٿيندو:موسميات ماهر

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد ۾ عيدالفطر جي ٻئي ڏهاڙي تي ڳجگوڙ، ڪڙڪڻ تيزهوائن سان زوردار برسات جو وسڪارو ٿيو برسات جي زوردار وسڪاري سان حيدرآباد اسٽيشن روڊ قاضي قيوم روڊ قدم گاهه مولاعلي ريلوي ڪالوني سميت حيدرآباد جي هيٺاهين وارن علائقن ۾ گوڏي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

باڊهه: نوجوان وڪيل ايران سان يڪجهتي جي ڪيمپ تي موجود آهن

پنوعاقل ويجهو هٿياربندن جي فائرنگ ۾ نوجوان مارجي ويو، ٻيو زخمي، احتجاجي ڌرڻو

بائيجي چوڪ وٽ نامعلوم هٿياربندن آفتاب عرف الطاف جتوئي ۽ غفار عالماڻي تي فائرنگ ڪري ڏني

گوليون لڳڻ سبب الطاف جتوئي ڏاڍي تي دم ڏنو زخمي غفار ۽ لاش کي اسپتال آندو ويو

وارثن نوجوان جو لاش قومي شاهراهه تي رکي ڌرڻو هنيو، ڊي ايس پي پهچي ڳالهيون ڪيون پر ناڪام رهيون

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل ۾ : رت جي رانڊ بند نه ٿي بائيجي چوڪ وٽ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ هڪ نوجوان مارجي ويو ٻيو زخمي پنوعاقل جي بائيجي چوڪ وٽ نامعلوم هٿياربندن جي فائرنگ ۾ آفتاب عرف الطاف جتوئي موقعي تي ئي مارجي ويو جڏهن ته غفار عالماڻي زخمي ٿي پيو. فوتي جو مڙهه ۽ زخمي کي علاج لاءِ تعلقا اسپتال آندو ويو...!! پنوعاقل / مقتول

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪڪڙ پرسان بدامني تي ضابطو نه آيو، 3 ڳوٺاڻا يرغمال، ڦرلٽ

گانج لنڪ روڊ تان صدير، اعجاز ۽ حميد کي هٿياربندن يرغمال بڻايو

هٿياربندن موٽرسائيڪل، 3 موبائل ۽ هزار روپيا روڪ ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار

متاثر ڳوٺاڻن جو ايس ايس پي دادو ۽ اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺي سامان واپسي جو مطالبو

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ پرسان بدامني تي ضابطو نه آيو، هٿياربندن هٿان 3 ڳوٺاڻا يرغمال، موٽر سائيڪل سميت ٻيو سامان ڦر خبر موجب ڪڪڙ پرسان ڦرڙي جادو شهيد ٿاڻي جي حد گاج لنڪ روڊ تان ڪڪڙ جا رهواسي صدير سولنگي ، اعجاز سولنگي ۽ حميد بوزدار ڪئي موٽر سائيڪل سوار

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

سڄي ملڪ ۾ عيدالفطر جوش ۽ جذبي سان ملهائي وئي، ملڪي سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ دعائون

ملڪ جي ننڍين وڏن شهرن ۾ عيد نماز لاءِ اجتماع، اسلام آباد جي فيصل مسجد ۾ نماز ادا ڪئي وئي

لاهور جي بادشاهي مسجد ۾ ۽ ڪراچي جي مختلف مسجدن ۾ عيد نماز جا وڏا اجتماع منعقد ٿيا

صدر آصف زرداري عيد نماز نوابشاهه ۾ ادا ڪئي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو لاڙڪاڻي ۾ عيد نماز پڙهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سڄي ملڪ ۾ اڄ عيدالفطر مذهبي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي پئي وڃي ملڪ جي ننڍين وڏن شهرن ۾ عيد نماز لاءِ اجتماع ٿيا جنهن ۾ مسلم امت ۽ ملڪي سلامتي، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ دعائون گهريون ويون. اسلام آباد ۾ عيدالفطر جي نماز فيصل مسجد ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي جڏهن ته لاهور جي بادشاهي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ملتان: لاڏائو جوڙو ٻارن جا تيار ڪيل رانديڪا وڪري لاءِ رکي ويٺو آهي

سيوهڻ: وڏو وزير مراد علي شاهه قلندر جي مزار تي دعا گهري رهيو آهي

ٽنڊو غلام علي لڳ گم ٿيل 2 سالن جي نينگر جو لاش هٿ

ڳوٺ احمد پاڳارو هاليپوٽو مان گم ٿيل پريم ڪولهي جو شاخ مان لاش مليو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو، ڪارروائي بعد وارثن حوالي

ٽنڊوغلام علي(ن ع) ٽنڊوغلام علي لڳ ڳوٺ احمد پاڳارو هاليپوٽو مان گم ٿيل 2 سالا نينگر پريم ڪولهي جو لاش ٽنڊوغلام علي شاخ مان مليو اطلاع تي پوليس پهچي نينگر جو لاش ڪيڏرائي اسپتال پهچايو جتي سنڌس وارثن صحافين کي ٻڌايو ته اسان جو نينگر ڪلهه ٻارن سان گڏ

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ٺٽون ڪوٽ پرسان پورهيت بليڊ سان چير ڏئي خودڪشي ڪري ڇڏي

ڳوٺ سونارا اوطاق ۾ گينو ميگهواڙ بليڊ سان پيٽ کي چير ڏئي زندگي جو انت آندو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي ضروري ڪارروائي لاءِ ملي سول اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو

پورهيت نياڻي جي شادي ڪرائڻ چاهي پئي پر ڏاج لاءِ پئسا نه هئڻ ڪري پريشان هو:پوليس

ٺٽون ڪوٽ (ن ع) ٺٽون ڪوٽ پرسان رجوڪو پوليس جي حد ڳوٺ سونارا اوطاق ۾ گينو ولد سمڙو ميگهواڙ بليڊ سان پيٽ کي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڪوٽڙي ويجهو ريلوي پٽڙيون ڪراس ڪندي نوجوان فوت، سڃاڻپ نه ٿي

خورشيد چوڪ وٽ حادثي ۾ فوت ٿيل نوجوان جو لاش پوليس اسپتال منتقل ڪيو

ڪوٽڙي (ن ع) عيد واري ڏينهن خورشيد چوڪ ويجهو ريلوي جون پٽڙيون ڪراس ڪندي 28 سالا نوجوان ٽرين جي ٽڪر ۾ موقعي تي فوت ٿي ويو لاش جي سڃاڻپ نه ٿي جڏهن ته فوتي نوجوان جو مڙهه پوليس بلاول ميڊيڪل اسپتال ڪٺائي وئي

ملتان: عيد جي ٻئي ڏهاڙي ماڻهو پارڪ ۾ تفريح ڪري رهيا آهن

پنگريو ۾ عورت جي اغوا خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاجي مظاهرو

بابو خاصخيلي ڏينهن ڏٺي شبيران خاصخيلي کي اغوا ڪيو آهي: مظاهرين

ايس ايس پي بدين، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ٻين وارا نوٽيس وٺي عورت واپس ڪرائين

پنگريو(ن ع) ڳوٺ پيارو خاصخيلي جي رهواسين جو عورت جي اغوا خلاف نسيم خاصخيلي اڪبر خاصخيلي حنيف خاصخيلي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب پنگريو اڳيان احتجاج احتجاج

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

بلڙي شاھ ڪريم ۾ نائڇ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 10 ڄڻا زخمي

ڳوٺ امير بخش نائڇ ۾ پاڻهن جي معاملي تان ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا عورت سميت 10 ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

بلڙي شاھ ڪريم(ت ر) بلڙي شاھ ڪريم ٿاڻي جي حد ڳوٺ امير بخش نائڇ ۾ پاڻهن جي معاملي تان نائڇ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ سبب ٻنهين ڌرين جا هڪ عورت سميت 10 ڄڻا سخت زخمي اسپتال منتقل ڪو به ڪيس داخل نه ٿيو نه ڪا گرفتاري ٿي سگهي

ٿرپارڪر ۾ 30 سالن جي نوجوان جو وڻ ۾ ٽنگيل لاش هٿ

عيد جي ٻي ڏينهن ڳوٺ ويراواهه ۾ گلشير ڪوسو جو وڻ ۾ ٽنگيل لاش هٿ آيو

ڏانوڊانڊل پوليس لاش پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

منهنجو پٽ رڪشو هلائيندڙ هو ڪڏهن به ڪنهن پريشاني بابت اسان کي نه ٻڌايو:والد

ٿرپارڪر (ن ع) ٿرپارڪر جي ڳوٺ ويراواهه ۾ 6 ٻارن جي پيءُ 30 سالن جي گلشير ولد لال خان ڪوسو جو جهنگ ۾ وڻ ۾ ٽنگيل لاش هٿ آيو ٻڌايو وڃي ٿو ته پورهيت رڪشو هلائي گهر جو گذر سفر ڪندڙ هو سندس والد صحافين کي ٻڌايو ته منهنجو پٽ رڪشو هلائيندڙ هو ڪيس

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

وڳڻ: سڙي زخمي ٿيندڙ نينگر اسپتال ۾ داخل آهي

سيوهڻ جي لعل باغ پل پرسان اڙل واهه ۾ نينگر ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

بيڙي پل سان ٽڪرائجڻ سبب 8 ورهين جو حسنين رند پاڻي ۾ ٻڏي ويو

مقامي انتظاميا ٽوڙي پوليس نينگر جي ڳولا شروع، لاش هٿ نه اچي سگهيو

سيوهڻ(ن ع)سيوهڻ جي لعل باغ پل

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

باڊهه ۾ آمريڪا ۽ اسرائيل جي ايران مٿان جارحيت ۽ بربريت خلاف احتجاج

رهواسي نجف محڪم الدين جوڻيجو ۽ زين العابدين گوپانگ جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاج ڪيو

باڊهه (ن ع) آمريڪا ۽ اسرائيل جي ايران

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

وڳڻ ۾ ون ويلنگ دوران موٽرسائيڪلون سلپ ٿيڻ ڇڻن ڄڻن جي زخمي ٿيڻ جا اطلاع

وڳڻ(ن ع) وڳڻ ۾ عيد ڏينهن نوجوان مين روڊ تي ون ويلنگ جو مظاهرو ڪندا رهيا مسافرن سخت تڪليف ۾ مبتلا نظر آيا ون ويلنگ دوران ڇڻن ڄڻن جي زخمي ٿيڻ جا اطلاع تفصيل موجب وڳڻ ۽ ڀرپاسي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

وڳڻ: عيد ڏهاڙي نوجوان خطرناڪ انداز ۾ موٽر سائيڪلن تي ون ويلنگ ڪري رهيا آهن

چيئرمين سينيٽ سيد يوسف رضا گيلاني جو سينيٽر شيري رحمان جي نياڻي جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ جي چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني سينيٽر شيري رحمان جي ڌيءَ جي وفات تي ڏک جو اظهار ڪندي دلي تعزيت ڪئي آهي سينيٽ سيڪريٽريٽ مان جاري پنهنجي تعزيتي پيغام ۾ سينيٽ چيئرمين سندس

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ٽنڊوآدم ۾ پيرسن جو پاءَ سان گڏجي پٽ جي ناجائزين خلاف احتجاج

پٽ مختيار گهر جي مسئلي تان تشدد ۽ تذليل ڪئي آهي، انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

چاچي ۽ بابا فيصلي لاءِ گهرائي پنهنجي ماڻهن سان گڏجي مون تي تشدد ڪيو آهي: مختيار

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ پيرسن پيءُ ۽ چاچي پاران نوجوان تي تشدد جا الزام پوليس خلاف احتجاج نوجوان پاران الزام

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

پنوعاقل پرسان سيٺ ڀيرومل عرف سيٺ ڀهرام جي گودام کي اوچتو باهه

باهه سبب ترپالون، چار هزار خالي باردانو، ڪڻڪ جو واڻ سميت الهه تلهه رک

تقريباً 10 کان 12 لک جو نقصان ٿيو آهي باهه ڪنهن هٿ سان ڏني آهي جاچ ڪئي وڃي: متاثر

پنوعاقل (ن ع) پنوعاقل سخي بابا اسپتال پرسان سيٺ ڀيرومل عرف سيٺ ڀهرام جي گودام کي اوچتو باهه وڪوڙي وئي ڪيترو ئي قيمتي سامان سڙي رک ٿي ويو گودام کي اوچتو باهه وڪوڙي وئي جنهن ۾ قيمتي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪوٽڙي ويجهو ڪار جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر لڳڻ سبب ٻه سڳا ڀائر فوت، گهر ۾ ڪهرام

ٻولهاڙي ويجهو ٺٽي روڊ تي پيش آيل حادثي ۾ 22 ورهين جو اعجاز ۽ 20 ورهين جو مصري زنئور فوت ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي ٻنهي ڀائرن جا ڪٺائي ڊي ايچ ڪيو اسپتال منتقل ڪيا، گهر ۾ ڪهرام

ڪوٽڙي (ن ع) ٻولهاڙي ويجهو ٺٽي روڊ تي عيد جي ٻي ڏينهن تي تيز رفتار ڪار جو موٽر سائيڪل کي زوردار ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ 2 نوجوان سڳا ڀاير 22 سالا اعجاز زنئور ۽ 20 سالا مصري موقعي تي فوت ٿي ويا سندن لاش ڊي ايچ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي پهچايا ويا جڏهن ته ڪار سوار فرار ٿي ويا

ڪوٽڙي: فوت ٿيل ٻن ڀائرن جا لاش پيل آهن

ڄمون ڪشمير ۾ يوم پاڪستان تي پاڪستاني قوم کي مبارڪباد وارا پوسٽر لڳايا ويا

سرينگر (اي پي پي)ڀارت جي غير قانوني قبضي هيٺ ڄمون ڪشمير ۾ سرينگر سميت مختلف علائقن ۾ پوسٽر لڳايا ويا آهن جن ۾ 23 مارچ تي ملهايو ويندڙ يوم پاڪستان جي سلسلي ۾ مبارڪن جا پيغام لکيل آهن ڪشمير ميڊيا سروس

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سکر: پ پ ايم اين اي سيد خورشيد شاهه سکر پهچڻ تي صدر آصف علي زرداري جو استقبال ڪري رهيو آهي

ڪوٽڙي ويجهو ڪار ۽ وين ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿيڻ سبب 12 ڄڻا زخمي

ڪٽڪ گدامن ويجهو پيش آيل حادثي جي زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي ويجهو ڪٽڪ گدامن ويجهو ڪار ۽ وين ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ 12 ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين کي علاج لاءِ ڊي ايچ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي روانو ڪيو ويو

باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ 348 هين هفتي به احتجاجي ريلي

رهواسين زيب علي ساريو جي اڳواڻيءَ ۾ عيد جي ٻئي ڏينهن به احتجاج ڪيو

باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏئي شهرين ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

باڊهه (ن ع) لاڙڪاڻي ضلعي جي آبادي ۽ ايراضي جي لحاظ کان ٻئين نمبر وڏي شهر باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ گذريل ستن سالن کان جاري هفتيوار احتجاجي سلسلي کي جاري رکندي 348 هين هفتي عيدالفطر جي ٻئين ڏينهن تي به باڊهه ميڊيا هائوس کان ڪائون هال تائين

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪڪڙ ويجهو چنگجي ڪلٽي، هڪ نوجوان فوت، 2 ڄڻا زخمي

خانپور جوڻيجو جي رهواسين سان قلندر جي درگاهه تان واپسي ايندي حادثو پيش آيو

چنگچي ڪلٽي ٿيڻ سبب صدام حسين جيسر، ارشاد جانوري ۽ ٿمين زخمي ٿي پيا

زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي صدام دم ڏٺي حوالي ڪيو

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ پرسان خانپور جوڻيجو جي رهواسين سان افسوس ناڪ حادثو پيش آيو آهي جنهن ۾ هڪ ڄڻو فوت ۽ 2 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا آهن مليل اطلاع مطابق جنهن سان حادثو پيش آيو آهي اهو درگاهه قلندر لعل شهباز جي زيارت ڪري سيوهڻ کان واپس ايندڙ زائرين کي ڳوٺ بيلو پٽڻ ڇڏي خانپور جوڻيجو واپس وڃي رهيو هو ته چنگچي ڪاري موري وٽ اوڏاهي هٺ سبب اوچتو ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري ڪلٽي ٿي پئي جنهن

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڪنڊيارو جي رستم سنڌ پهلوان شير ميربحر جي 41 هين ورسي ۽ 28 مارچ تي ملهائي ويندي: يادگار ڪاميٽي

ڪنڊيارو (ن ع) سنڌ جي قومي ۽ ثقافتي راند ملهه جي سدا حيات پهلوان رستم سنڌ پهلوان شير

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪوٽڙي ويجهو سنڌو درياه مان پنج سالا معصوم نينگر جو لاش هٿ

عيد واري رات لاش جي اطلاع تي ريسڪيو ٽيمن پهچي ڪڍي اسپتال منتقل ڪيو

واقعو قتل ٿي سگهي ٿو، لاش پٿر سان گڏ ٻڌل هئو، وڌيڪ جاچ ڪريون پيا: پوليس

ڪوٽڙي (ن ع) عيد واري رات سنڌو درياه مان پنج سالا معصوم نينگر جو لاش ريسڪيو ٽيم کي هٿ آيو آهي جنهن جي سڃاڻپ ٿي نسگهي آهي لاش سان گڏ پٿر پڻ ٻڌل هو پوليس ذريعن موجب واقعو قتل

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

پنوعاقل ويجهو رسيل زال واپس نه ملڻ تان نوجوان پاران آپگهات جي ڪوشش

سلطانپور واسي زال واپس نه ملڻ تان نوجوان مظفر داوو زهريلي دوا پي ڇڏي

نوجوان ڳڻتي جوڳي حالت ۾ اسپتال منتقل، عيد جون خوشيون ماتم ۾ تبديل

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل پرسان سلطانپور ۾ نوجوان پاران زال واپس نه ملڻ تان زهر پي خودڪشي جي ڪوشش ڳڻتي جوڳي حالت ۾ اسپتال منتقل سلطانپور ۾ گهرو اختلاف تان گذريل هڪ مهيني کان رسي ويل زال واپس نه ملڻ تان نوجوان مظفر داوو زهريلي دوا پي ڇڏي ڪيس ڳڻتي حالت ۾ تعلقي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

سعودي ولي عهد سان مصري صدر جي ملاقات، خطي جي موجوده صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جي ولي عهد ۽ وزيراعظم شهزاده محمد بن سلمان سان جده ۾ مصري صدر عبدالفتاح السيسي ملاقات ڪئي آهي پرڏيهي خبر

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏي انگ ۾ ماڻهو فرئير هال پارڪ ۾ تفريح ڪري رهيا آهن

سنڌ جي گورنر نهال هاشمي عيد جي ٻئي ڏينهن مختلف شخصيتن سان ملاقات ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر محمد نهال هاشمي عيد جي ٻئي ڏينهن گورنر هائوس ۾ شهر جي معروف شخصيتن سان ملاقاتون ڪيون. ملاقات ۾

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

PARCO PAK-ARAB REFINERY LIMITED
A Pakistan-Abu Dhabi Joint Venture

Renewing the Spirit of 23rd March

Determined to achieve a vision, and made strong by perseverance, Pakistan was founded on the resolve of its people.

As one of the country's key energy infrastructure partners, PARCO continues to play its role in driving progress, supporting communities, and strengthening the backbone of the national economy.

On this Pakistan Day, we celebrate the spirit that unites us — and renew our commitment to power a brighter, stronger, and more self-reliant Pakistan.

TOTAL®, EXCELLIUM® and TOTAL WASH® are registered trademarks of TotalEnergies S.E., used under license.

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي، جاري ڪئي.